قومي تحريڪ

عبدالواحد آريسر

قومي تحريڪ

(پهريون حصو، بنياد ۽ مرحلا)

عبدالواحد آريسر

قيمت ١٥-٠ رپيا

جنهن ڏينهن آءٌ قومي ناموس جي حفاظت جي فرض ۾ گسان، ان ڏينهن منهنجي مثان سج جي روشني نہ پوي. — هڪ عرب شاعر

آهي قومون جيڪي آزاديءَ کان محروم آهن تن جي انقلاب جي منزل سوشلزم نہ پر قومي آزاديءَ جي جدو جهد آهي- اگر اسان ان ملڪ کان محروم آهيون جنهن ۾ سوشلزم نافذ ڪرڻو آهي تہ اهڙين حالتن ۾ سوشلزم جو ذڪر ئي بيڪار آهي-

— مائوزيتنگ

اسانجو رت اسان جهڙن هزارها ماڻهن کي جنم ڏيندو، هڪ آزاد ايراني قوم اسانجي موت جو انتقام وٺندي.

١٩٥٣ع ۾ ڦاسي چڙهڻ کان اڳ، ايراني قوم پرستن جا آخري الفاظ.

—

هن وقت منهنجي ملڪ ۾ غيرملڪي سامراج جي خلاف جيڪو تنور ڀڙڪي رهيو آهي، منهنجو فرض آهي ته ان ۾ وڌيڪ ڪاٺيون وجهان نه ڪي ڪو بيو فرقيوارانه يا طبقاتي تنور تيار ڪريان.

—ابوالڪلام آزاد

نياز همايوني جي نالي

هرڻيءَ جي چال. ڍيل جي چال.
مٽيءَ جي مهڪ. ڪنيءَ جي تازگي.
مينهن وساڙي جي خوبصورتي. مينهن پنل ڪنواري
ڌرتيءَ جي خوشبوءِ.
خليفي جي ڪيڏاري جي گرج. ڌرتيءَ جي حفاظت
لاءِ دراوڙ جي للڪار.
زندگيءَ سان ڀرپور جوانيءَ جي ڀرپور ٽهڪ ۽ شهيد سنڌ
الهبخش جي خون شهادت جي ميلاپ سان جيڪڏهن
ڪائي تصوير تيار ٿي سگهي ٿي ته ان تصوير جو نالو
نياز همايونيءَ جي شاعري آهي.
جنهن نه صرف منهنجي زندگيءَ جي مقصد کي ٻاڪ
جي ڪرڻ سان وهنجاريو آهي پر منهنجي رڳن جي
رت ۾ محبوب جي ياد واڱر ملي ويئي آهي.
اڄ هي ڪتاب انهيءَ شاعريءَ جي خالق نياز همايوني
کي ارپيندي،
پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهان ٿو.
پٿرين پٿرين پال، مون سر ماڙيچن جا.

آريسر

آزاديءَ ڏانهن واڌارو

انسان، ابتدائي اشتراڪي دور مان گذري جڏهن قبيلائي دور ۾ داخل ٿيو ۽ منجهس، ذاتي ملڪيت، قبضي ۽ تسلط جي شعور، پختگي حاصل ڪئي، ان وقت کان ئي انساني ذهن ۾ وڌ کان وڌ شيون پنهنجي قبضي ۽ ڪنٽرول ۾ وٺڻ جي خواهش زور وٺندي ويئي.

قبيلائي دور جي تاريخ ۾، هڪ قبيلي جي ٻئي قبيلي جي ڍورن، زمينن، چراگاهن ۽ عورتن جي حصول لاءِ ويڙهون، ملائون، انسان ۾ ذاتي قبضي ۽ تسلط جي بي پناهه هيج جي نشاندهيءَ لاءِ ڪافي ثبوت، موجود ڪري ڏين ٿيون. جن مان ڏاڍي جو هيڻي تي، طاقتور جو ڪمزور تي، پهلوان جو نستي تي، جارح جو امن پسند تي، ظلم ۽ جبر، ڏاڍ ۽ هڪ ٻئي کي ڦرڻ ۽ ڪسڻ ڪرڻ، پنهنجي برتري، پهلواني ۽ بهادريءَ جو اظهار ڏيارڻ سان گڏ ڦرلٽ ۽ حق تلفيءَ واري جذبي جي خبر ڏئي ٿو.

اڳتي هلي جڏهن قبيلائي دور، جاگيرداريءَ دور ۾ داخل ٿيو ۽ منظم حڪومتون وجود ۾ آيون، تڏهن قبيلائي لڙاين ۽ حملن، ويڙهن، ڦرلٽن، خونريزين به منظم لشڪرن جي ڪاهن ۽ باقاعدي جنگين جي صورت اختيار ڪئي.

انساني سماج، جيڪو بي ترتيب قبيلائي دور مان ترقي

ڪري وڏڪ سٽريل، منظم ۽ مهذب اجتماعيت جي صورت اختيار ڪئي ۽ ان سان گڏ انهيءَ اجتماعيت، انساني تباهي ۽ هلاڪت جون به منظم صورتون پيدا ڪيون.

اڳي هڪ قبيلو تباهه ٿيندو هو، هاڻي سوها قبيلا هڪ جنگ ۾ تباهه ٿيڻ لڳا. اڳي هڪڙي جهوپڙي باهه جو بک ٿيندي هئي، هاڻي ڳوٺن جا ڳوٺ باهه جي جڀن ۾ وڪوڙجڻ لڳا.

اڳي هڪ عورت اغوا ٿيندي هئي هاڻي سوها ڪنواريون گهوڙن جي پڇن سان ٻڌجڻ لڳيون.

اڳي ڪنهن هڪ عورت جي اک مان نير وهندو هو، هاڻي بيشمار دوشيزائن جا جوڙا چڪجڻ لڳا.

اڳي ڪنهن هڪ سردار جي سيني ۾ ڀالو اٽڪندو هو، هاڻي جلادن جون تلوارون، بيشمار انسانن جي سسين جو لاچار ڪرڻ لڳيون. بابل ۽ نينوا جي تباهي، مصر ۽ فلسطين جي بربادي، يونانين ۽ ايرانين جي پاڻ ۾ طاقت آزمائي، ڪارٿيج جي ويراني، اوپر طرف يونانين جا حملا، ايرانين جون چڙهايون، رومين جون لشڪر ڪشيون، عربن جون طوفاني يلغارون، تاتارين جون تباهه ڪاريون، مغلن جون هلائون ۽ پٺاڻن جون زورآزمائيون ۽ انهن جي نتيجي ۾ يونان، ايران، روم، عربستان، قسطنطنيه ۾ عورتن جو وڪرو ۽ زنجيرن ۾ جڪڙيل غلامن جون قطارون سڀ جاگيرداري دور ۾ انساني ذهن ۾ اڀري آيل ذاتي ملڪيت ۽ قبضي جي خواهش جون بي لغام ڪارفرمايون ۽ ڪارستانيون آهن، انهيءَ دور ۾ انسان پنهنجي ملڪيت وڌائڻ، پنهنجو راڄ ۽ شان، مرتبو ۽ عزت وڌائڻ، برقرار رکڻ ۽ پنهنجي ذهني عياشي ۽ جسماني تسڪين لاءِ خود انسان کي تجارتي سرمايي جي صورت ڏني ۽ غلامن جي خريد و فروخت بدترين ڪاروبار جي حيثيت اختيار ڪري ورتي، اڄ جڏهن انهيءَ دور جي تاريخ

ٻڌندا آهيان. ان وقت يورپ ۽ آمريڪا جي بندرگاهن ۾ ني وس آفريڪي غلامن جون چيخون، هن پورهيءَ ڌرتي جي هانوءَ تي خنجر وانگر وار ڪنديون نظر ايندڀون آهن ۽ انهن جي جسمن تي لڳندڙ چهبڪ منهنجي ذهن تي هٿوڙن وانگر لڳندا آهن. بغداد، بصري، دمشق جي عشرت ڪدن، محلن ۽ حرم سرائن ۾ محڪوم ۽ مجبور عورتن جي جسمن تي وحشيانه حملا ڪندڙ انسان نما ٻگهڙن جي صورت ۾ نظر ايندا آهن ۽ انهن جي چهرن تي مذهب، انسانيت، شرافت جا مقدس نقاب، طوائف جي رڪت تي پيل چادر کان وڌيڪ گندا نظر ايندا اٿم. اهڙي حالت ۾ انهن مجبور ۽ محڪوم عورتن جي روحن مان نڪرندڙ رڙيون، ڪائنات جي سيني ۾ سوراخ ڪنديون نظر اينديون آهن.

جڏهن ايران، ترڪي ۽ غزنيءَ جي بازارن ۾ موتڪي يوربي، سنڌي ۽ هندي ڇوڪرا جوانن جون سنگهرن ۾ ملهائيل قطارون ۽ انهن جي ڳچين تي هلندڙ جلادن جي تلوارن جو منظر تاريخ جي صفحن تي ڏيکاري ڏيندو آهي ان وقت موتڪي انسان جي وجود کان نفرت ۽ ڌڪار پيدا ٿي پوندي آهي. اهو سڀ ڪجهه قبيلائي دور مان جاگيرداري دور ۾ داخل ٿيل ترقي يافته بنجڻ ۽ منظم حڪومتن هيٺ زندگيءَ جي شروعات ڪرڻ جو تحفو آهي، انهيءَ دور جي عمر تمام ڊگهي آهي جيڪا هزارها سالن تي مشتمل آهي، انهن هزارها سالن جون جنگيون، فڪر، فلسفا، تمدن، قانون سازيون، منظم ادارا، عدالتون درسگاهون، مڪتب، مدرسا، بغاوتون ۽ لڙائيون مجموعي طرح قبضي ۽ تسلط جو طويل داستان آهي. اهڙي قسم جون ڪوششون تقريبا ١٦ صديءَ عيسويءَ تائين جاگيرداري نظام هيٺ هلنديون آيون. ١٦ صدي عيسويءَ ۾ يورپ اندر صنعتي ۽ جاگيرداري نظامن ۾ زبردست ڇتاڇيتي شروع ٿي، پوڙهي جاگيرداري نظام

پنهنجي بچاءَ ۽ وجود جي جنگ جيتڻ لاءِ مذهب کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. پر اهي پاسي نه ٿيون، تازي جاڳيل ۽ سڌريل صنعتي نظام، جديد فڪر، فلسفي ۽ سائنس جي هٿيارن ذريعي نهايت دانائي، ڏاهپ ۽ سياڻپ سان پراڻي سري ڪاڏل ۽ مدي خارج جاگيرداري نظام جي سنڌ سنڌ تي وار ڪري ڪيس هميشه لاءِ دفن ڪرڻ جون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. نتيجي طور جوان جماڻ صنعتي نظام، پوڙهي جاگيرداري نظام کي شڪست ڏيئي يورپ جي شهرن ۾ فاتحانه جهنڊا جهولائي پنهنجي فتحمنديءَ جو اعلان ڪيو.

صنعتي نظام، فتحمند ٿيڻ شرط پنهنجي پوري لوازمات کي جاري ڪيو ۽ جاگيرداريءَ جي شڪست لاءِ جن ڪي فڪر، فلسفا ۽ نظريا هن هٿيار طور استعمال ڪيا هئا تن جي ترويج ۽ اشاعت ۾ پنهنجي پوري ڪوشش صرف ڪرڻ لڳو، هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته اهي سڀ هٿيار نئين نظام جي خالقن پنهنجي وجود، جي بقا ۽ حفاظت لاءِ ايجاد ڪيا هئا تن کي هنن ڪارخاني وانگر پنهنجي ئي ڀلائي لاءِ استعمال ڪرڻ تائين محدود رکيو هائي وقت جي رفتار سان گڏ پراڻا ادارا ختم ٿي چڪا هئا، پراڻو ڍانچو ڊهي چڪو هو.

پر جهڙي ريت پراڻا ادارا ۽ پراڻو ڍانچو، پراڻو نظام ۽ پراڻو فڪر، مڪمل طور چند شخصن جي ملڪيت هوندا هئا ۽ سماج جي هر شيءِ کي انهن چند شخصن جي چوڌاري ڦيرائڻ ۽ گهمائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. بلڪل ساڳيءَ ريت نوان ادارا، نوان نظام ۽ نوان نظريا به هڪ مخصوص طبقي جي اوسر، ترقي ۽ بچاءَ لاءِ ڪم ۽ ڪتب اچڻ لڳا. اهو اوس ٿيڻو هو. ڇو ته اهي ادارا پيداوار اهڙي نظام جي هئا جنهن نظام تي پورو قبضو ۽ ڪنٽرول هڪ مخصوص طبقي جو هو. ان جي باوجود نئين نظام هڪ فائدو پهچايو ۽ انهيءَ

فائدي اُٿڻي هلي هڪ زبردست فڪر کي جنم ڏنو. جنهن فڪر جي ذريعي نئين سرمايه داري نظام جي عمر جاگيرداري دور کان تمام گهٽ ۽ مختصر ٿي پيئي- نئين سرمايه داري نظام جي ذريعي يورپ جو زراعتي غلام، صنعتي مزور ۾ تبديل ٿيڻ لڳو. پراڻي جاگيرداري ڍانچي جي شڪست ۽ ريخت بيشمار هارين کي پٺتي پيل ٻهراڙيون ڇڏي، جديد صنعتي شهرن جو رخ رکڻ تي هرکايو ۽ هو ٻهراڙي ڇڏي ڏڙا ڏڙ شهري ڪارخانن ۾ ڀرتي ٿيڻ لڳا. اهڙي ريت هڪ نئين طبقي جنم ورتو جنهن کي پرولتاريه سڏيو وڃي ٿو- جنهن پنهنجي محنت وڪڻي زندگي جو گذر سفر شروع ڪيو.

اهوئي طبقو هو جنهن جي قسمت ۾ سرمايه دار سماج جي شڪست ۽ تباهي جو فرض لکيل هو، سرمايه دارن، ٽرسٽن ۽ ڪمپنين جي صورت ۾ منظم ٿي ملڪ جي سياسي اقتدار تي قبضو ڪيو ته ٻئي طرف پرولتاريه جي تعداد ۽ معيار ۾ به واڌارو اچڻ لڳو.

مزورن جي وڌڻ، منجهن سياسي شعور جي اضافي، يونين سازيءَ جي ذريعي حق طلبي، سرمايه دار يورپ کي ٽن مشڪلاتن ۾ ڦاسائي ڇڏيو.

(۱) خام مال جي کپت ۽ تيار سامان جي اپت ۾ تناسب قائم رهي نه سگهيو، تيار مال جي مانگ گهٽجي رهي هئي ۽ خام مال ملي نه پئي سگهيو. ان ڪري ڪيترن ڪارخانن جي ڊهڻ جو انديشو پيدا ٿي پيو، انهن ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزور بيروزگار ٿيڻ لڳا. بيروزگار مزورن پنهنجون انجمنون جماعتون ۽ سڀائون ٺاهي پنهنجا مطالبا، گهرون ۽ خواهشون ڪارخانيدارن وٽ زوراڻي نموني پيش ڪيون، جيڪي ڪارخانيدار يورپ جي سياسي اقتدار تي قابض ٿي چڪا هئا تن انهيءَ گهوٽالي کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪجهه سوچڻ شروع ڪري ڏنو.

(٢) صنعتي ادارن ۾ بي تحاشا پيداوار جي نيڪال لاءِ پنهنجي ملڪ جي منڊين کي تنگ نظر اچڻ لڳا. منڊين جي گهٽتائي ڪارخانيدارن ۾ چٽاڀيٽيءَ کي جنم ڏنو ۽ انهيءَ چٽاڀيٽيءَ جي نتيجي ۾ مشين جا اگهه ڪرڻ شروع ٿي ويا.

هتي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ڪوبه سرمائيدار ان وقت تائين پنهنجو سرمايو سيڙائڻ لاءِ قطعي طور تيار نه ٿيندو جيستائين کيس اهو يقين نه ٿي وڃي ته جنهن اسڪيم، منصوبي ۽ تجارتي رٿا ۾ هو پنهنجو ناڻو سيڙائي رهيو آهي. ان ۾ کيس لاڳت کان وڌيڪ اپت ٿيندي. اهو عام اصول ننڍڙي دڪاندار ۽ وڏي وڏي صنعتڪار تائين هرهڪ سان لاڳو آهي. وڏي پيماني تي مال جي قيمت ڪرڻ (منڊي نه هئڻ جي صورت ۾) ۽ ڪجهه مال نه ملڻ سبب پيداوار ۾ ڪميءَ جي ڪري، سرمائيدارن، مزورن جي ڇانٽيءَ سان گڏ اجرتن ۾ ڪمي ڪرڻ شروع ڪري ڏني سرمائيدارن جي انهيءَ قدم، عمل ۽ فيصلي، ٻين مشڪلن کي جنم ڏنو.

(٣) مزورن جي اجرتن گهٽجڻ، ڪارخانن جو وڏي پيماني تي بند ٿيڻ، وڌيڪ ڪارخانن نه لڳڻ ڪري، مزورن ۾ بي تحاشا ۽ انداز بيروزگاري ۽ بي چيني پيدا ٿي، جنهن هنگامن جي صورت اختيار ڪري ورتي- پيرس ڪميون، ڪان پڻ پورو يورپ هنگامن جي زد ۾ اچي ويو ۽ هر جڳهه سرمائيدارن جو سياسي اقتدار پورهيت طبقي جي يلغارن ۾ اچي ويو، سرمائيدار يورپ ۾ اقتصادي ۽ معاشي بحران جو ديو سرمائيدار سوسائٽي کي هڙپ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ لڳو ۽ يورپي حڪمران طبقو (جيڪو هاڻي جاگيردار جي بجاءِ سرمائيدار هو) عجيب ذهني مونجهاري ۽ گهوٽالي ۾ ڦاسي پيو، اهو دور آهي جڏهن جرمني جي ٻن مفڪرن، مارڪس ۽ اينگلز انتهائي سائنسي سوچ جي

بنياد تي سرمائيدار ملڪن جي مالي، معاشي ۽ اقتصادي بحران
جي ڇنڊڇاڻ ڪري، انهن سڀني مشڪلاتن جي پيش نظر ۽ پرولتاري
جي انقلابي طاقت جي آڌار تي، صنعتي ملڪن ۾ سرمائيداري
نظام جي خاتمي جيئن ساري ۾ وڏي حوصلي ۽ اعتماد سان
پيشنگوئيون شروع ڪري ڏنيون. هن نه صرف پنهنجي ذهن ۽
قلم جي ذريعي سرمائيداري نظام جو پوسٽ مارٽم شروع ڪيو،
پر يورپ ۽ لاطيني آمريڪا ۾ ٿيندڙ مزدورن جي بيحالي سبب ٿيندڙ،
ٿيندڙن ٿيندڙن هنگامن ۽ ڪنهن هڪ اڌ وڏي تصادم جي دوران
قلمي مدد ڪئي. ۽ اينگلز جهڙو پرجوش نوجوان پاڻ به ان
اهڙن هنگامن ۾ شريڪ ٿيو آهي.

پوءِ سامي سرمائيدار حاڪم ٽولن ۽ سندن پاليسين د شوڻ
۾ انهيءَ گهوٽالي مان نڪرڻ ۽ ڪارل مارڪس جي پيشنگوئي
کي غلط ثابت ڪرڻ (پوءِ وقتي طرح ئي سهي) لاءِ هٿ پير
هڻڻ شروع ڪيا. نتيجي ۾ انهيءَ حل تي پهتا جنهن کي سامراج چيو
ويو ٿو.

سامراج، جديد مارڪسزم جي اصطلاح ۾،

”اهڙي سرمائيدار حڪمران ٽولي کي چيو ويندو آهي،
جيڪو ڪنهن ٻئي ملڪ جي سياسي اقتدار تي قبضو
ڪري اتي جي پوري سياسي ڍانچي کي پنهنجي
نظام جي تابع ڪرڻ سان گڏ، محڪوم ملڪ مان ڪچو
مال بيهاري، ميڙي، پنهنجي ملڪ ۾ کڻي وڃي ۽
پنهنجي ملڪ ۾ تيار ٿيندڙ مصنوعات تي وڏي گهڻ
قيمت تي وڪڻڻ لاءِ محڪوم ملڪ کي منڊي طور استعمال
ڪري اتي وسيع پيماني تي ڦرلٽ جو سبب ڪري“

محڪوم ملڪ ۾ نائي سرمائي سان وڏي ۾ وڏو فائدو به پهچ
ٿي ته اتي ڪچو مال جنهن انداز ۾ عام سستائي ۽ سستائي

.ار ملڪ سان گڏ پورهيت سستو ۽ دونين سازيءَ جي حق کان بي خبر، اجرتن ۾ وڏن جي مطالبي کان غافل ۽ اوقات ڪار ۾ ڪميءَ جي مطالبي کان اڻ ڄاڻ ملي سگهيو ٿي. اهڙي نظار ني سامراجيت چيو وڃي ٿو ۽ يورپي سرمايه دار حاڪم ٽولن مارڪس جي تجزئي کان بچڻ لاءِ انهيءَ طريقي تي عمل ڪيو. انهيءَ طريقي تي عمل ڪرڻ لاءِ نئين علم، سائنس ۽ هنر جي جدي سان آمتار يورپي جان باز جهازران دنيا جي مختلف ملڪن معدني ۽ نين دنيائن کي ڳولڻ ۽ فتح ڪرڻ لاءِ نڪري پيا، هو ڪٿي سولاني بڻجي ويا ته ڪٿي پادري بڻجي ويا؛ ڪٿي ڊاڪٽر بڻجي ويا ۽ ڪٿي آثار قديمه جا ماهر بڻجي ويا، جڏهن وسو مرتبا، تڏهن پنهنجي پيل زرعي ملڪن جي سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي، جاگرافيائي ۽ فوجي هر قسم جي معلومات جمع ڪري موڪليا، حقيقت ۾ يورپي لوڪن طرفان اهڙي قسم جي مهم جوئي ١٦ صديءَ کان ئي شروع ٿي چڪي هئي، ليڪن اها مهم جوئي صرف لٽ مار ۽ ڦاڙي واري قسم جي هئي. ١٩ صديءَ ۾ ان باقاعدي هڪ منصوبي جي صورت اختيار ڪئي ۽ انهيءَ منصوبي هيٺ حاصل ٿيل معلومات جي آڌار تي يورپي ملڪن جون فوجون طوفاني يلغارون ڪنديون، پنهنجي پيل ملڪن ۾ داخل ٿي ويون. جتان کان باقاعدي سامراجي دور شروع ٿيو. محڪوم ملڪن ۾ سامراجيت ڪهڙا ڪوس ۽ ڪيس ڪيا، ڪهڙو ظلم ۽ جبر ڪيو، ڪهڙي ريت انهن جي مال ملڪيت ۾ هٿرادو صنعت تي ڌاڙا هنيا، ڪيتري بيدرديءَ سان درندن ان زمين جي دولت مان سانديءَ تجو گرهه ڦريو ۽ ڪيئن ته مدامي عوام جي معصوم، مقدس ۽ سادن جذبن کي ڇوهي سرتن هيان لتاڙيو ويو، اها هڪ اهڙي داستان جي مرثيه نگاري ڪرڻ سو ٿو چاهيان ليڪن صنعتي ملڪ، مارڪس جي تجزئي ... سار ... ڪيئن لاءِ زرعي ملڪن پنهنجي ماڻهن تي

ڪندا، شهرن پٺيان شهر والاريندا ۽ ڪنڊن پٺيان ڪنڊ لتاڙيندا، هنن جي هٿن ۾ بندوقون ۽ ٻلهن ۾ غلاميءَ جون زنجيرون هيون بندوقن سان هنن فرزندان زمين جي سينن تي سوراخ ٿي ڪيا، ۽ زنجيرن سان رهيل سهيل ماڻهن کي ويا غلاميءَ ۽ محڪوميءَ ۾ جڪڙيندا.

۽ سامراجي ملڪن، محڪوم ۽ غلام ملڪن ۾ نه صرف ناڻي جي سيڙپ ڪئي، نه صرف انهن جي عوام جي تاريخي اوسر کي روڪيو، پر بيشمار ڪچو مال، هيرا جواهر ۽ سون ميڙي پنهنجي پنهنجي ملڪن کي ڪنوار وانگر سينگارڻ سان گڏ، بي انداز ڪارخانن جون فلڪ بوس عمارتون تيار ڪري انقلابي پرولتاريه کي بچت جا ٽڪر اڇلائي رعايت يافته بنائڻ سان گڏ اڻ سڌيءَ طرح محڪوم ملڪن جي ڦرلٽ ۾ ڀاڳي ڀائيوار بنايو. انهيءَ نموني سان هو هڪ طرف محڪوم ملڪن جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جا ڳٽ وجهندا ويا ۽ ٻئي طرف پنهنجي ملڪن ۾ پورهيت انقلاب جون راهون روڪيندا ويا. اهڙيءَ ريت فرانس جرمني، برطانيه ۽ آمريڪا ۾ اڄ ڏينهن تائين هنن انقلاب جو رستو روڪي ڇڏيو آهي. اڄ حالت هيءَ آهي جو آمريڪا جو ڀنگي ۽ ٽاڳي ڪار ۾ گهمي ٿو، برطانيه جو مزور هوائي جهاز ۾ سفر ڪري ٿو، پر هندوستان، پاڪستان، بنگلا ديش ۽ افغانستان جو مزور ڪيترا بس جي ڀاڙي لاءِ محتاج آهي، ۽ اينگلز جو ڏنل نعرو "دنيا جو مزورو هڪ ٿي وڃو!"- پنهنجو اثر ذري گهٽ وڃائي ويٺو آهي.

روسي مزور، هاف فرائي ۽ ووڊڪا جي ناشتي ۾ مصروف آهي، عين انهيءَ وقت لانڍيءَ جي مزور جي سيني ۾ سامراجي دلالن جي گولي سوراخ ڪري رهي آهي. پر روسي مزور حڪومت جي عالمي پاليسيءَ هيٺ ڪوبه احتجاج ڪري نه ٿو سگهي- مزور اتحاد جي باري ۾ اهو هڪ وڏو حادثو آهي ۽ ان حادثي

تي انگلنڊ جي روح مان نہ معلوم ڪهڙو فرياد ڪري رهيو هوندو، پري وڃڻ جي ضرورت ڪانهي. هتي ڪوٺاڙو سنڌي سيابوز جي دروازي تي ڏڪا کئي بنا پڇ ئي جي مگر وٺس ٿو پهچجي ۽ سيابوز ۾ ويٺل پنجابي، پٺاڻ، بلوچ مزور جي ذهن ۾ سنڌس ڏئي ڪيل گاڙهو بنر ڪائي چرپر پيدا نہ ٿو ڪري. حالانڪ سينيابوز ۾ ويٺل اڌ پڙهيل مزور جي کيسي ۾ ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪامريڊ جو لکيل اهڙو پمفلٽ ضرور هوندو جنهن جي سرورق تي اهو نعرو هوندو تہ "دنيا جا مزورو گڏجي هڪ ٿي وڃو" پر اُن پمفليٽ جي زبان اهڙي هوندي، جنهن کي مزور تہ ڇهيو پر خود لکندڙ بہ ڪونہ سمجهي سگهندو).

سرمايہ جي اوسر وقت جهڙي رهت سرمايہ دار فردن جي مال جي وڪري تي ڇتاپيٽي ٿيندي هئي، ساڳي ريت، سامراجي ملڪ ڦرلٽ واري نظريي ۾ متفق هجڻ جي باوجود وڏ ڪان وڏ ملڪ، خطا ۽ ڪنڊ پنهنجي قبضي ۽ ڪنٽرول ۾ وٺڻ جي ڇتاپيٽي ۽ سرسيءَ، چڙهت ۽ اڳڀرائيءَ واري جنون ۾ مبتلا هئا، آهن ۽ رهندا. اِها سرمايہ دارانہ نظام جي خصوصيت ۽ لازمي وصف آهي.

٢٠ صديءَ جي ابتدا ۾ حالت هي هئي، جو يورپ جي ڪن ملڪن وٽ ڪالونيون ۽ بيٺڪون هيون تہ وري ڪي ملڪ اهڙا بہ هئا جن وٽ ڪالونيون ۽ بيٺڪون نہ بہ هيون، حالانڪ اهي ملڪ سرمايہ داري ۾ داخل ٿي چڪا هئا. هاڻي نون سرمايہ دارن پراڻن گهاگهہ سرمايہ دارن کان، چوري، ڦرلٽ رهزني ۽ ڌاڙي جي مال مان حصا پتيون گهرڻ شروع ڪيون جن ملڪن حصا پتيون گهرڻ شروع ڪيون، تن ۾ جرمني ۽ روس سر فهرست هئا. انهي ملڪن ۾ مزورن جي تحريڪ زور

وڌندي پئي ويئي. روس جپان کان شڪست کائي چڪو هو ۽ زار شاهي خلاف ڪميونسٽ تنظيمن جون خفيه سرگرميون زور وٺنديون پئي ويون. ٻئي طرف جرمنيءَ ۾ به مزور تحريڪ زور وٺندي پئي وئي.

مزورن جي گهوٽالي مان نڪرڻ لاءِ جرمني، برطانيا ۽ ٻين ملڪن سان ڪالونيون هٿ ڪرڻ لاءِ جنگ شروع ڪري ڏني. سامراجي ڪتا هڏيءَ تي وڙهڻ لڳا. روس جرمنيءَ جي مخالف طاقتن سان، ڪن ٻيٽن جي حصول جي واعدي تي جنگ ۾ شريڪ ٿيو. پوري دنيا جي سرمايه دارن جي ڏوڪڙ ميڙڻ ۽ پنهنجي چوڌراڻپ قائم ڪرڻ جي بيپناهه ارادن ۽ تيتن جي باهه ۾ وڪوڙجي ويئي. جرمنيءَ کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو. پنج سال جنگ اتحادي طاقتن جي فتح ۽ جرمنيءَ ۽ ترڪي جي شرمناڪ شڪست تي ختم ٿي. تاهم انهيءَ جنگ جي وسيلي ٻه وڏا واقعا ظهور پذير ٿيا. هڪڙو روس ۾ زار شاهي جو خاتمو ۽ ان جي جاءِ تي سوشلسٽ سماج جي قيام جي ابتدا، ۽ ٻئي واقعي جو تعلق جرمنيءَ جي ٻانهن ٻيلي ترڪي سان آهي، جنهن ۾ خلافت جي بدترين شهنشاهيت جي تباهي ٿي، جنهن کي خلافت اسلاميه جي نالي سان مسلم عوام تي لعنت جي صورت ۾ مسلط ڪيو ويو هو.

سلسلي کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ان سوال تي ويچار ڪرڻ ضروري آهي ته پهرين جنگ عظيم جي نتيجي ۾ ترڪي ۾ بادشاهت جو خاتمو ٿيو ۽ روس ۾ عظيم آڪٽوبر انقلاب برپا ٿيو، پر شڪست خورده جرمنيءَ ۾ ڪو نئون ڍانچو جوڙڻ اڳتين کان وڌيڪ ترقي پسند هجي، تعمير نه ٿي سگهيو، حالانڪ سوشلسٽ انقلاب لاءِ روس کان به اڳ ۾ جرمنيءَ اندر ڪوششون تيز ٿي چڪيون هيون ۽ جرمن ڪميونسٽ پارٽي تمام پراڻي پارٽي هئي، انهيءَ حساب سان جرمنيءَ ۾ به انقلاب اچڻ

ڪندو هو.

حقيقت ھي آھي تہ روس جي ڪميونسٽ پارٽيءَ نہ صرف انھيءَ جنگ کي سامراجي جنگ سڏي ان جي مخالفت ڪئي ھئي، پر زار شاھي طرفان ٿيندڙ جنگي ڪوشش جي ڪارواين ۾ رڪاوٽ پڻ پيدا ڪئي.

ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان اھڙي مؤقف اختيار ڪرڻ سان روس ۾ پيون اھي قوتون، جيڪي جنگ کان بيزار ھيون، تن اندرون ملڪ حڪومت جي بندوبست کي نقصان پھچائڻ شروع ڪيو. جنھن جو نتيجو ھي نڪتو جو اھو روس فوجي جيڪو مادر وطن جي حفاظت لاءِ نڪتو ھو ان وٽ نہ ڊبل روٽيءَ جو ٽڪرو ھو ۽ نہ وري پير ۾ جوتو.

اھڙي حالت کي ڏسي جنگ جي خاتمي کان اڳيئي جمھوريت پسندن ۽ ڪميونسٽن زار شاھيءَ جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ انھن معاھدن کي پڻ ظاھر ڪيو جيڪي زار شاھي سامراجي ملڪن سان محڪوم ملڪن جي ورھاست جي باري ۾ ڪيا ھئا.

روسي ڪميونسٽ ليڊرشپ کي خبر ھئي تہ جيڪڏھن زار شاھي کي وڏيڪ بيٺڪون ھٿ اچي وييون تہ ھو اندروني اقتصادي بحران تي ڪنٽرول ڪري وٺندي ۽ منڍين مان ڪمايل ناڻي جي وسيلي پورھيت طبقي کي وسيع پيماني تي پاڙي ٻڌايو ويندو. فتح ڪيل علائقن ۾ وچولي غير مطمئن ڪلاس کي برطانوي طرز تي نوڪريون ڏيئي، ڪيترن سالن تائين انقلاب جو رستو روڪيو ويندو. انھن ڳالھين کي ڏسي روس جي ڏاھن ليڊرن سامراج جي انھيءَ چال ۽ حڪمت عمليءَ کي پنھنجي ملڪ ۾ ناڪام بنائي، پورھيتن جي عظيم رياست جو وجود وڌو. ٻئي طرف ترڪيءَ جي محب وطن قوم پرستن بظاھر تہ جنگ ۾ ڀرپور حصو ورتو پر در پردہ بدترين شھنشاھيت جون

پاڙون پٽڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون هيون. ترڪي بيشمار يورپي ۽ ايشيائي علائقن تي غاصبانه قبضو رکڻ جي باوجود صنعتي دور ۾ داخل تي نه سگهيو هو، تنهنڪري اتي جمهوري ۽ سيڪيولر انقلاب آيو. ڪمال اتا ترڪ ۽ سندس ساٿين قومپرستيءَ تي پنهنجي تحريڪ جو بنياد رکيو ۽ هو روسي سوشلزم کان وڌيڪ مغرب جي جمهوريت ۽ سيڪيولرازم کان متاثر هئا. انهيءَ سان گڏ هن جي قوم پرستيءَ عرب نيشنلزم جي رد عمل ۽ دشمنيءَ سبب پيدا ٿي هئي، ان ڪري هن جي پوري سوچ ۽ فڪر اثباتي جي بجاءِ منفي بنيادن تي بيٺل هو. اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي قومي انقلاب دوران عربن جي هر نشانيءَ کي ختم ڪرڻ ضروري سمجهيو (۱) هن جي قومپرستي ان وقت کهڙي غار ۾ ستي پيئي هئي جڏهن هن خليفه ترڪي کان معافي وٺي جيل کان ٻاهر نڪري، شامي حريت پسندن جي سينن کي گولين سان پرڻ بڻائي، چنگيزي سنت تي عمل ڪيو؟

---

(۱) آءٌ پنهنجي محدود وسيلن آهر ڪمال اتاترڪ جي نظريه جي باري ۾ مطالعي ڪرڻ کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته ڪمال اتاترڪ، ترڪيءَ جي سامراجي حيثيت برقرار رکڻ جو حامي هو. هن چاهيو ٿي ته يورپي، آفريڪي ۽ ايشيائي محڪوم ملڪ بدستور ترڪيءَ جي هٿ هيٺ رهن. پر اندرون ترڪي سياسي ڍانچي ۾ تبديلي اچي ۽ اتي بدترين شهنشاهيت جي بجاءِ با اختيار جمهوري ادارا وجود ۾ اچن. هو عربن جو مخالف به انهيءَ بنياد تي ٿيو هو ته انهن عظيم تر ترڪيءَ جو شيرازو منتشر ڪرڻ ۽ خلافت اسلاميه سان جان ڇڏائڻ لاءِ عرب نيشنلزم جي بنياد تي جدوجهد ڪئي.

خلافت جي اداري خاتمي جو رسمي اعلان، اگرچه مصطفيٰ ڪمال ڪيو، ليڪن ان جو عملي خاتمو عرب قوم پرستن ڪيو.

ڪيو؟ ڪمال اتاترڪ جي زير ڪمان ترڪ فوجن هٿان شامي دروزين جو قتلام، اهڙو جرم آهي جيڪو آزاديءَ ۽ حريت جي تاريخ ۾ هميشه ڪيس مجرمن جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريندو.

ڪمال اتاترڪ جي سوانح عمريءَ مان جيتوڻيڪ اها خبر پوي ٿي ته هو بي جنگ عظيم ۾ ترڪيءَ جي شرڪت جو مخالف هو، پر اها مخالفت انهيءَ بنياد تي ڪانه هئي، جنهن بنياد تي بالشويڪن مخالفت پئي ڪئي. بلڪ ڪمال جي مخالفت جو سبب هي هو ته هن هڪ فوجي جرنيل جي نقطہ نظر مان ڏسي ورتو هو ته جرمنيءَ کي جنگ ۾ شڪست ايندي، ۽ اها شڪست عظيم تر ترڪي کي ختم ڪري ڇڏيندي، جنهن عظيم تر ترڪيءَ جي عظمت کي برقرار رکڻ لاءِ هو ايشيا ۽ يورپ جي مختلف محاذن تي واڇوڙي وانگر اڏامندو رهيو ٿي. ترڪ جانبازن جي تمام ڪوشش جي باوجود ترڪيءَ جي عظمت مينار کي يورپي توپچين جي گولن پرزا پرزا ڪري ڇڏيو، ۽ حالتون خلافت وارتي شهنشاهيت جي خاتمي تي پهتيون.

پهرين جنگ عظيم ۱۹۱۴ – ۱۹۱۸ع ڪانپوءِ چار معاهدا ٿيا. پهريون: شڪست کاڌل ترڪن ۽ فاتح اتحادين جي وچ ۾؛ ٻيو: شڪست کاڌل جرمني ۽ فاتح فرانس جي وچ ۾، ٽيون: فاتح اتحادين جي وچ ۾ مندين جي ورهاست متعلق؛ ۽ چوٿون: جرمني ۽ سوشلسٽ روس جي وچ ۾. ترڪن موجوده ترڪيءَ جي ايراضيءَ کان سواءِ باقي مقبوضات تان هٿ کنيو. جرمنيءَ کي ورسيلز ۾ فرانس سان ذلت آميز عهدنامي تي صحيح ڪرڻي پيئي. سوشلسٽ روس کي ڪس ڪائي جي بنياد تي جرمنيءَ سان ناهه ڪرڻو پيو. روس ۽ جرمنيءَ واري معاهدي دنيا تي دوررس اثرات ڇڏيا آهن، ۽ اهوئي معاهدو هو جنهن روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ وڏي پيماني تي اختلاف پيدا ڪيا. تنهن ڪري بهتر ٿو سمجهان ته معاهدي جي حامين ۽ مخالفن جا دليل مختصر

طور پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريان. حقيقت ۾ آهي ته عظيم روسي لينن انهيءَ معاهدي جي فائدي ۾ هو ۽ ٽراٽسڪي مخالف. (انهيءَ معاهدي ڪري برسيٽ وارو عهدنامو سڏيو وڃي ٿو) جيئن ته لينن جو نقطهء نظر ڪامياب ويو ۽ اڳتي هلي ١٩٢٧ع ڌاري ٽراٽسڪيءَ کي جلاوطن ڪري مارايو ويو. (اسٽالن جي دور ۾) انهيءَ ڪري اسان وٽ انهيءَ معاهدي متعلق جيڪو روسي ذخيرو پهتو آهي، سو صرف هڪ طرفه دليلن سان پريل آهي. مون انهيءَ معاهدي جي حق ۾ عظيم استاد لينن جون سڀ تقريرون ۽ تحريرون پڙهيون آهن. مادن مثالن سان ڀرپور انهن جي حق ۾ سندس دليل مون کي متاثر ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيا آهن. ان جي مقابلي ۾ ٽراٽسڪيءَ جو تقريرون ۽ تحريرون تمام گهٽ نظر مان گذريون آهن ۽ آهه صرف اهي ٽڪرا ڏسي سگهيو آهيان، جيڪي ترديد ڪرڻ لاءِ لينن پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ۾ مثال طور استعمال ڪيا آهن.

جڏهن روس ۾ انقلاب آيو، ان وقت روسي انقلاب جي باني هڪ طرف جنگ کان بيزاريءَ جو اعلان ڪيو، ۽ انهن سڀني ڳجهن معاهدن کي ظاهر ڪيو، جيڪي زار شاهي مفتوح ملڪن جي ورهاست جي سلسلي ۾ سامراجي ٽولي سان ڪيا هئا. ٻئي طرف، هنن ڪ طرفي امن طور جرمنيءَ سان معاهدو ڪرڻ گهريو، سو به جرمنيءَ جي شرطن مطابق جنهن ۾ روس جا جرمنيءَ جي قبضي هيٺ آيل علائقا، جرمنيءَ وٽ ئي رهڻا هئا. ان کانسواءِ جنگ جي چٽي ۽ خرچ طور ڪافي رقم به جرمنيءَ کي ڏيئي ڪئي ويئي. لينن انهيءَ معاهدي کي ذلت آميز سمجهندي به سوشلسٽ سماج کي دنيا جي هڪ حصي ۾ بچائڻ، اڳتي وڌائڻ ۽ ان جي عملي اثرات کان دنيا کي واقف ڪرڻ لاءِ معاهدي تي صحيح ڪرڻ ضروري ٿي ڄاتي. ٽراٽسڪي انهيءَ معاهدي جو مخالف هو. هن جو چوڻ هو ته:

اسان کي جنگ جاري رکندي اوير يورپ ۽ جرمنيءَ جي ڪميونسٽ پارٽين جي مدد سان جرمنيءَ ۾ سرمايه داري ۽ سامراج شاهي ذهنيت کي مڪمل شڪست ڏيڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ سامراج سان ذلت آميز ٺاهه ڪري اسان دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين ۽ مظلوم قومن سان غداريءَ جا مرتڪب ٿينداسون ۽ انهن ملڪن ۾ رهيل سامراجي حڪومتون ڪنهن به وقت متحده يلغار ڪري دنيا جي هن حصي مان سوشلسٽ سماج جو خاتمو ڪري ڇڏينديون. ان ڪان سواءِ اهڙي قدم کڻڻ سان "پوري دنيا جا مزدور هڪ ٿي وڃو!" وارو نعرو پنهنجو تاريخي تاثر وڃائي ڇڏيندو، ان ڪري اسان کي بهرحال جنگ جاري رکڻ گهرجي(١).

لينن جو چوڻ هو ته: 'سوشلسٽ سماج کي بچائڻ، باقي رکڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ جيڪڏهن چند قومن جي خودمختاري قربان ڪرڻي پوي ته ان سان ڪو خاص نقصان ڪونه ٿيندو؛ ڇو ته تاريخ جي هر دور ۾ قومون غلام ۽ آزاد ٿينديون آيون آهن. سرمايه دارانه نظام جي شڪست جي هن تاريخي مرحلي ۾ ڪابه قوم دائمي غلام نه ٿي رهي سگهي، ۽ اهڙي قسم جي غلاميءَ جي خاتمي ۾ طاقتور ۽ سوشلسٽ روس وڏيڪ مددگار ثابت ٿيندو. باقي هي سماج تاريخ ۾ پهريون دفعو قائم

---

(١) اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي وچ ۾ ١٩٢٦-٢٥ع ڌاري چيني ڪميونسٽن ۽ ڪومن تانگ جي امداد جي باري ۾ ساڳئي قسم جو اختلاف شديد ٿي ويو. اسٽالن ڪومن تانگ جي مدد جي حق ۾ هو ۽ ٽراٽسڪي ڪميونسٽن جي فائدي ۾. اتي به ٽراٽسڪيءَ کي شڪست کائڻي پيئي ۽ روسي ڪميونسٽ پارٽي چيني سرخن جي باري ۾ ڪا واضح پاليسي ان وقت اختيار ڪري نه سگهي، جنهن جي نتيجي ۾ چيني ڪميونسٽن کي ڏاڍي مار کائڻي پيئي. (ليکڪ)

ٿيو آهي، ان کي بهرحال بچائڻو آهي- جيتريقدر جنگ جاري رکي ڪميونسٽ پارٽين جي مدد سان سامراجي حڪومتن جي تختي اونڌي ڪرڻ جو سوال آهي، ان ۾ به رڪاوٽون آهن:

پهريون ته روسي فوجون وڌيڪ وڙهڻ جون اهل ئي نه رهيون آهن ، هنن ۾ وڌيڪ دم ڪونهي، هنن ڏکهي جنگ سان بيزار ٿي ، امن جي تلاش ۾ اسان جي مدد ڪئي هئي. هاڻي جيڪڏهن اسان به ساڳي زار شاهي واري جنگي پاليسيءَ تي هلنداسون ته روسي فوجي جرمن سان وڙهڻ بجاءِ سرخ دستن سان وڙهڻ شروع ڪنديون. اهڙي ريت اسان انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تعمير ٿيل پورهيتن جي حڪومت وڃائي ويهنداسون.

ٻيو ته اسان پنهنجي نظام کي داءَ تي لڳائي به جنگ جاري رکون، پوءِ به جرمنيءَ ۾ انقلابي قوتون ايتريون طاقتور نه ٿيون آهن، جو اسان جي مدد سان ملڪ انقلاب جو بچاءُ ۽ تعمير ڪري سگهن. جرمنيءَ ۾ انقلاب جو عمل ايترو پختو به نه ٿيو آهي، ۽ نه وري اتي انقلاب لاءِ حالتون سازگاريءَ جي اهڙي درجي تي پهتيون آهن، جنهن درجي تي روس ۾ پهچي ويون هيون- انهيءَ بحث مباحثي پارٽيءَ ۾ قوت جي صورت اختيار ڪري ورتي ليڪن بهرحال لينن پنهنجي ڳالهه مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

موجوده دور ۾ ٽراٽسڪيءَ جا حامي چون ٿا ته جيڪڏهن ان وقت ٽراٽسڪيءَ جي تجويزن تي عمل ڪيو وڃي ها ته دنيا کي ٻي جنگ عظيم جهڙن هولناڪ ڏينهن نه پون ها، نازي فلسفي جي بربريت سان انسانيت کي واقف ٿيڻو نه پوي ها ۽ نه ئي ڪنهن هٽلر جهڙي طالع آزما کي معاهده ورسليز جي آڙ وٺي، دنيا ۽ انسانيت جي مستقبل سان کيڏڻ لاءِ برسر اقتدار اچڻ جو موقعو ملي ها. جڏهن ته ٻي جنگ عظيم وقت روسي قيادت کي انتهائي سامراجي قوتن سان

ناهه ڪري اوير يورپ جي ملڪن ۾ مداخلت ڪري انهي انقلابي پارٽين کي حڪومتون سونپيون پيون. حالانڪه اوير يورپ جي ملڪن ۾ جن ڪميونسٽ پارٽين کي ٻي مها ڀاري لڙائي جي خاتمي وقت حڪومتون ڏنيون ويون، سي ايتريون طاقتور نه هيون، جو رجعت پسندن جي اندروني بغاوت کي ڪچلي سگهن. اهو ئي سبب آهي، جو روس وارسا پيڪٽ تحت اڄ تائين انهن پارٽين جي حڪومتن کي اندروني شورشن کان بچائيندو پيو اچي. ٻي جنگ عظيم وقت روس ڪسي اهو ڪجهه ڪرڻو پيو (سواءِ سامراج سان معاهدن جي) جيڪو ٽراٽسڪي پهرين مها ڀاري لڙائي وقت چيو هو ليڪن اهو سڀڪجهه بي پناهه تباهي کانپوءِ ٿيو.

آنچه کند دانا، کند نادان، ولي بعد از خرابي بسيار!

ان جي جواب ۾ لينن جي حامين جو چوڻ آهي ته:
ٻي جنگ عظيم وقت روس جي انقلاب کي ٢٢ سال گذري چڪا هئا، ملڪ کي زار شاهي جي اڏرن ۽ اندروني رجعتي عنصر جي وجود کان پاڪ ڪيو ويو هو. سوشلسٽ روس جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪافي اڳتي وڌي چڪو هو ۽ اهڙي پوزيشن ۾ هو، جو پنهنجي بچاءَ سان گڏ ٻين انقلابي حڪومتن جو به بچاءُ ڪري سگهي. هڪ ئي قسم جو عمل مختلف حالتن ۾ مختلف نتيجا ڪڍندو آهي. ڪنهن عمل جي نتيجن جو دارومدار ان جي نظرياتي صحت جي بجاءِ وقتي حالتن جي سازگاريءَ تي دارومدار رکي ٿو.

پهرين مهاڀاري لڙائي وقت سڀ کان وڏي ڪمزوري جو ثبوت جرمن ڪميونسٽ پارٽي ڏنو. هن جنگ هلندي نه صرف سستي ۽ ڪاهليءَ جو مظاهرو ڪري قيصر شاهي جي جنگي ڪارروائين ۾ رڪاوٽ نه وڌي؛ نه صرف شڪست کانپوءِ جرمنيءَ ۾ موقعي جو فائدو وٺي اقتدار تي قبضا نه ڪري

سگهي؛ پر ورسائيز معاهدي تي به ڪو واضح ۽ قومي وقار وارو مؤقف اختيار ڪرڻ ڪان قاصر رهي- جرمن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اها ڪمزوري ۽ سستي ٿي هئي، جنهن اڳتي هلي معاهده ورسائيز جي شوشي جي بنياد تي هٽلر کي جرمنيءَ جي اقتدار تي قبضي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ۽ هٽلر اچي بهترين ڪميونسٽ ورڪرن جو قتلام ڪيو ۽ دنيا کي هڪ وڏي هولناڪ جنگ جي باهه ۾ اڇلائي ڇڏيو. هٽلر تي انگريزن ۽ آمريڪين طرفان لکيل بيشمار ڪتابن ۾ دنيا جي مختلف ليڊرن، ملڪن جي سربراهن ۽ جرمنيءَ جي جمهوريت پسندن کي ننديو ويو آهي ته هو هٽلر جي اوسر ۽ ارتقا جا اهڃاڻ ڏسي خاموش رهيا، ۽ هنن هٽلر جي ارادن سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي يا مصلحت پسنديءَ جو شڪار رهيا. جنهن ڪري هن بي لغام ٿي نه صرف جرمن قوم کي پر پوري انسانيت کي تباهه ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي.

آءٌ چئمبراين، روز ويلٽ ۽ اسٽالن کي مجرم ٺهرائڻ بجاءِ جرمن ترقي پسندن کي وڏيڪ ڏوهاري ۽ مصلحت پسند سمجهان ٿو، جيڪڏهن پهرين جنگ عظيم هلندي يا ان جي خاتمي وقت هو، روسي ترقي پسندن واري دور انديشي، بهادري ۽ همت کان ڪم وٺن ها، ته ڪنهن هٽلر جي اڀرڻ، پيدا ٿيڻ ۽ ملڪ جي فضا تي ڇانئجي وڃڻ جو امڪان هميشه هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي ها- بهرحال پهرين جنگ عظيم ٻه وڏا واقعا پيدا ڪيا؛ ترڪيءَ ۾ خلافت جي اداري جو خاتمو ۽ روس ۾ سوشلسٽ انقلاب، باقي پوري دنيا ۾ غلاميءَ جون زنجيرون، وڌيڪ پڪيون، پختيون، سخت ۽ سوڙهيون ٿينديون ويون، ۽ سامراجي ملڪن جا اڳيان قبضا ڪن جاين تي برقرار رهيا، ۽ ڪن جاين تي ڪجهه مايوس ۽ محروم ملڪن کي ٺين ڪالوتين منڊين ۾ ملڪن جون نيون راهداريون ۽ سندون ڏنيون ويون.

جنگ جي پڄاڻيءَ کانپوءِ ١٩٢٠ع تائين سامراجي ملڪن جو تسلط دنيا جي ملڪن تي هن ريت هو ۽ ڌري گهٽ پوري دنيا سامراجين جي منڊي ۽ ڪالوني بڻجي چڪي هئي.

برطانيا جا محڪوم ملڪ: ڀارت، سنڌ، پنجاب، بنگال، بلوچستان، جنوبي يمن، برما، سيلون، مصر، سوڊان، گهانا، نائجيريا، تنزانيا، سيراليوان، يوگنڊا، ڪينيا، مليشيا، زمبيا، ملايا، مالٽا، مالديپ، گهيمبيا، گيانا، بوٽسوانا، سوازي لينڊ ۽ قبرص.

فرانس جي قبضي هيٺ ملڪ: شام، لبنان، سميٽ، ويٽنام، ڪمبوڊيا، لائوس، تيونس، مراڪش، گني، واهومي، ٽوگو، وولٽا، مالي، سينيگال، ماريطانيا، آئيوري ڪاسٽ، مالا گاسي، گيمون، ڪيمرون، نائيجر ۽ الجزائر.

بيلجم جي ڪنٽرول هيٺ ملڪ: برونڊي، روانڊا ۽ ڪانگو.

اٽليءَ جي غلاميءَ هيٺ آيل ملڪ: ايٿوپيا، اريٽريا ۽ لبيا.

جاپان وٽ هڪ ملڪ هو ڪوريا.

آمريڪا وٽ به هڪ ملڪ هو فلپائين.

هالينڊ وٽ به ملڪ هئا، انڊونيشيا ۽ سري گام.

پرتگال وٽ پنج ملڪ هئا: انگولا، موزمبيق، گني بساڻو، ساڻوتوم ۽ هڪ ملڪ جو نالو ڪجهه وقت اڳ تيمور هو، جنهن جي آزادي تي انڊونيشيا قبضو ڪري ورتو.

جنگ محڪوم ملڪن تي حاڪمن جو قبضو پڪو ۽ پختو ڪري ڇڏيو. ڪالونين جون گهرجائو قومون في الحال مات ڪري ويهي رهيون. جنگ جي تباهين دنيا تي خوف جي لهر طاري ڪري ڇڏي. هر ملڪ ساڻو ٿي پيو ۽ هر قوم بي‌ستي ٿي ڪري پيئي. ليڪن ان سان گڏ سامراجين، محڪوم ملڪن ۾ پنهنجي لٽ مار تيز ڪري ڇڏي. جاگيرداري دور ۾ غلامن جو وڪرو ٿيندو هو، ليڪن هن دور ۾ قومن جا

وڪرا ٿيڻ لڳا. جاگيرداري دور ۾ فردن جي محنت تي ڌاڙا لڳندا هئا، پر هن دور ۾ قومن، ملڪن ۽ انساني معاشرن تي ڌاڙا لڳڻ شروع ٿيا. اڳي صرف ڪو هڪ اڌ ملڪ غلام بڻيو هو، ليڪن هن وقت ته ڏري گهٽ پوري دنيا غلام بنجي ويئي. ملڪ خريدجڻ، مٽاسٽا ۾ بدلجڻ، ڏاجن ۽ تحفن ۾ ملڻ لڳا؛ ۽ هن مهذب دور ۾ ڦرلٽ، تباهي، قتل ۽ غارت جا سڀ پراڻا رڪارڊ ٽٽي پيا. آفريڪا ۾ پورا قبيلا ناس ڪيا ويا. انگولا ۾ احتجاج ڪندڙ ماڻهن جي چپن ۾ سوراخ ڪري تالا لڳايا ويا. ڪانگو (زائر) ۾ آزاديءَ جا جهنڊا ڪڻندڙ ماڻهن جا هٿ وڍيا ويا ۽ ڪيترين ئي جاين تي ماڻهن جي جسمن تان ڳاڙهي رنگ سان رنگيل ڪلون لاٿيون ويون. اهو دور حقيقت ۾ انسانيت جي تباهي، بربادي، محڪومي ۽ غلامي، جو دور آهي. جنهن ۾ سرمايه داري ۽ سامراج جي ارتقا سان گڏ، ننڍين قومن، محڪوم ملڪن ۽ ڏتڙيل خطن ۾ انسانيت جي شرمناڪ تباهي ۽ بربادي جاري رهي. سامراجين جو بي‌پناهه وحشيانه تشدد پنهنجي اوج ۽ عروج تي پهچي ويو. آزادي ۽ خودمختياريءَ جو لفظ ڪنهن ملڪ مان اپڙڻ سامراجي ڦاسي ڪتن لاءِ ماڻ جي گار ڪان به ڏکيو هو. حالت هي هئي جو لفظ جي مقابلي ۾ گولي، نعري جي جواب ۾ ڦاسي، هلچل جي جواب ۾ اجتماعي قتل، انهيءَ دور جون خصوصيتون ۽ خوبيون هيون. اهو عرصو جيڪو ڏري گهٽ پنجويهن سالن تي مشتمل آهي، تنهن ۾ انساني زندگين ۽ انساني قدرن سان اها روش اختيار ڪئي ويئي، جنهن لاءِ نرم ڪان نرم لفظ به ”زنا بالجبر“ ئي ٿي سگهي ٿو. هڪ طرف محڪوم ۽ غلام ملڪن مان سون، هيرا، جواهر ۽ ڪچومال، فاتحن جي گهرن، تجوڙين ، شهرن ۾ پهچڻ لڳو ته ٻئي طرف محڪوم ملڪن جي سرزمين تي بکين، اگهاڙن، بيمارن، ڪمزورن ۽ حسرتناڪ چهرن وارن انسانن جي انبوهن ۾ اضافو ٿيندو

ويو. بيرونق چهرا، ڏرا ڏنل اکيون، سڪل پيٽ، ڏبرا جسم، ڇيٽڙا ڇيٽڙا لباس، نبل ۽ نستين عورتن جي پيٽن ۾ سامراجي سولجر ڪتن جي گندگي؛ اهو ۽ اهڙي قسم جو انسان ترقي يافته ۽ مهذب يورپ، آفريڪا- لاطيني آمريڪا ۽ ايشيا جي قومن کي تحفي طور ڏنو. انهيءَ يورپ جنهن جو نعرو هو ته امان انسانيت کي تهذيب سيکارڻ لاءِ خداوند يسوع مسيح طرفان موڪليا ويا آهيون. يورپ جي انهيءَ عمل سان انساني ذهن جي شڪست ۽ انتشار جو عمل تيز ٿيندو ويو. ماضيءَ جو ورثو ۽ قومي ثقافت، يورپي لوڪن جي جديد تهذيب جي پيرن هيٺان لتاڙبي رهي. مجڪوم ڌرتين تي انساني ڪوس گهرن ۾ اضافا ٿيندا ويا، قومن جي عملي اتحاد کي ختم ڪرڻ لاءِ نوان رعايت يافته طبقا سامراجين جا نقال، ابن الوقت ۽ وطن فروش ٽولا، طبقا ۽ گروهه پيدا ٿيندا رهيا. غلاميءَ جي زنجيرن کي مضبوط بنائڻ، پنهنجي قبضي کي دائمي حيثيت ڏيڻ لاءِ نوان حربا ۽ هٿيار ايجاد ٿيندا رهيا. حاڪمن طرفان بي پناهه تشدد ۽ اندا ڌند پروپيگنڊا سان گڏ، ديسي دلال دانشورن، ڪلارڪ ٽائيپ اديبن، آفيسرن ۽ سامراجي زبان جي ٽين درجن پڙهيل ذليل انسانن طرفان آقائن جي هر ڳالهه جي تائيد ۽ مادر وطن جي هر شيءِ ۽ هر انسان جي گهٽتائي ٿيڻ لڳي. هاڻ اهڙين باوقار شين جي گهٽتائي جنکي ڪنهن ڌرتيءَ جي مهان انسانن صدين تائين پنهنجي آزاد ۽ باوقار محنت ذريعي تخليق ڪري انهن ۾ پنهنجي سوچ ۽ لوچ جا رنگ پريا هئا. مادر وطن جو عظيم ۽ باوقار لٽريچر پڙهڻ ئي عيب قرار ڏنو ويو. ڌارين ديسي دروهين ۽ سامراجين جي انتهائيءَ واهيات جارحيت سان پرپور پروپيگنڊا تي مشتمل ڪتاب، افسانا ۽ شاعري، ديسي دلال شوق ۽ ذوق سان پڙهڻ لڳو. حالت ايتري حد تائين وڃي پهتي جو ديسي دلال وطن فروشيءَ جي عيوض ڌارين طرفان مليل سندن ڪسي.

پنهنجي اوطاقن ۾ شان، مان ۽ عزت سان ٽنگائي، پنهنجي ايندڙ نسل کي آقائن جي فرمانبرداري ۽ پرستش جي تلقين ڪرڻ لڳا. محڪوم ملڪن جي مُلن، پيرن، وڏيرن ۽ ديسي دلال دانشورن جي معرفت پوري قومن جا ٽپڙ ٽاڙي ميڙي ميڙي، ٻهاري سهاري سامراجي جهازن ۾ ڀري ويا پنهنجي ملڪن کي خوشحال بنائيندا. ننڍڙن جڳامڙن ملڪن جي دولت ٺي هئي، جنهن جي بنياد تي مغربي ملڪن جي هر شيءِ ۾ اضافو ۽ واڌارو ٿيندو ويو. اهڙي ريت بدترين سامراجيت جو اهو دور جيڪو ١٩- صديءَ کان شروع ٿيو هو ۽ جنهن پهرين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ منظم صورت اختيار ڪئي، سو ١٩٣٩ع تائين هلندو رهيو. ١٩٣٩ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي ويئي. انهيءَ لڙائي جي لپيٽ ۾ هڪ اڌ ملڪ کانسواءِ پوري دنيا اچي ويئي. هن لڙائي جو مقصد به ڪالونيون هٿ ڪرڻ ۽ منڊين جو بچاءُ هو.

يورپ جا ٻه ملڪ هٽلر ۽ ميسوليني جي قيادت ۾ هٿيارن جي ذخيرن سان ڦاٽڻ لڳا. ايشيا جو هڪ ملڪ جپان به صنعتي دور ۾ مڪمل طور داخل ٿي چڪو هو. انهن ٽنهي ملڪن پنهنجي پنهنجي حد اندر صنعتي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ سرمايه دار طبقي کي تحفظ ڏيڻ خاطر پنهنجي پنهنجي ايجنٽن ذريعي جارحانه قوم پرستي ۽ نسل برتريءَ جي بنياد تي عام راءِ کي جارحيت ڏانهن مائل ڪيو. جرمنيءَ ۾ آرين نسل برتريءَ جو فلسفو اٽليءَ ۾ رومن امپائر جي عظمت رفته جنهن جي تاريخ ٢٦- صديءَ جي ابتدا ۽ ١٥- صديءَ جي آخر ۾ ميڪاولي ڪري چڪو هو، جپان ۾ فرزند سورج جا نظريا، هٽلر، ميسوليني ۽ ٽوجو جي آتش نوائن جي معرفت پروان چڙهڻ لڳا.

ٻي جنگ عظيم شروع ٿيڻ وقت حالت هي هئي، جو

اٽليءَ وٽ ٿي ڪالونيون هيون، جپان وٽ هڪ ڪالوني هئي ۽ جرمني وٽ ڪابه قابل ذڪر ڪالوني ڪانه هئي. ٻئي طرف چوونجاهه ملڪ اتحادين وٽ غلام هئا. هنن ننهي ملڪن وڏيڪ منڊيون حاصل ڪرڻ ٿي چاهيون ۽ اتحادي طاقتن جمهوريت جي نالي ۾ پنهنجن منڊين جي حفاظت ڪرڻ ٿي چاهي؛ يعني هميشه لاءِ انهن کي پاڻ وٽ غلام رکڻ ٿي چاهيائون. مغرب پار جا پڙهيا مفت جي مال تي انڪي پيا. سامراجيت جي مڪار رنڊي انساني خون سان پنهنجي لڱن کي لالي لائيندي رهي. جنگ جا پهريان ٽي سال سوشلسٽ روس جنگ کان علحيده رهيو، ليڪن اوچتو ۱۹۴۲ع ۾ هٽلر روس تي حملو ڪري ڏنو ۽ انهيءَ سال کان هٽلر جي بدبختيءَ جا ڏينهن شروع ٿي ويا. روس جي موسم ۽ ماسڪو جي تاريخي سردي، جرمن فوجن لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي ۽ 'سرخ سويري' جا پاند پٽڙا، عظيم ارادن وارا ماڻهو، موت جي فرشتي جي روپ ۾ نازي فوجن تي ڪڙڪندا رهيا. روسي عوام جي جان بازي، اسٽالن گراڊ کي مادر وطن جي دفاع جي تاريخ ۾ 'رزميه لوڪ گيت' جي حيثيت ڏيئي ڇڏي آهي، ۲۲- اپريل ۱۹۴۵ع تي سرخ فوجون برلن ۾ داخل ٿي چڪيون هيون.

ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي ايٽم بم ڪرڻ سان جنگ بلڪل ٿي ويئي. عظيم جرمن قوم ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي. مغربي جرمني، سرمايه دار ملڪن جي اثر هيٺ اچي ويئي، ۽ مشرقي جرمني، سوشلسٽ روس جي دائره عمل ۾ رهي. آمريڪي فوجون جنرل ميڪار آرٿر جي سپهه سالاري هيٺ جپان ۾ داخل ٿيون. سرمايه دار ملڪن جي چوڻ مطابق سرخ فوجن جرمنيءَ اندر خوبصورت جرمن عورتن جي ڳجهن آڱرين مان منڊيون پٽي لاهي ورتيون. هوڏانهن آمريڪي فوجن هٿان پنجاهه هزار ڪنواريون جپاني گڏيون پيٽ سان ٿي پيون (صرف ڇهن مهينن ۾)

اهڙي ريت ڪروڙها انسانن جي تباهي هلاڪت، بربادي ۽ ذلت
ڪانپوءِ ٻي جنگ احادين جي فتح ۽ فاشسٽن قوتن جي شڪست
تي ختم ٿي. هاڻي دنيا لاءِ هڪ نئين دور جو آغاز ٿيو.

آزادي اعلان اسانجو

ٻي جنگ عظيم جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ دنيا ۾ ٿي وڏيون
تبديليون آيون. جن دنيا تي گهرو اثر ڇڏيو آهي ۽ اڄ سوڌو
دنيا انهن اثرن جي صحت مندي يا هاڃيڪاريءَ هيٺ هلندي
پيئي اچي.

(١) فاشسٽ قوتن جو خاتمو ۽ شڪست: فاشسٽ
مان منهنجي مراد آهي. اٽلي، جرمني ۽ جپان: جن نسلي برتري
جي بنياد ۽ ذهني فوقيت جي آڌار تي پوري انسانيت تي
حڪومت ڪرڻ پنهنجو پيدائشي فرض ٿي سمجهيو.

(٢) مٿين ٽنهي طاقتن ڪان وڌيڪ مڪار، عيار ۽
طاقتور سامراجي قوت آمريڪا جو عالمي سطح تي چوڌريءَ
جي روپ ۾ ايري اچڻ: جتان سامراج نئين چال ۽ نئين حڪمت
عمليءَ جي ذريعي پٺتي پيل ملڪن جي ڦرلٽ جو آغاز ڪيو.
اها نئين چال ۽ نئين حڪمت عملي هيءَ هئي ته پٺتي پيل
ملڪن جو سياسي اقتدار پنهنجي هٿ ۾ رکڻ بجاءِ پنهنجي
پٺو، دلال، چاپلوس ۽ نمڪ حرام حاڪمن جي حوالي ڪري
ته رکيو انهن ملڪن ۾ پنهنجا معاشي ۽ اقتصادي مفاد پورا
ڪيا وڃن، پر عالمي سطح تي اهڙن دلال حڪمرانن جي
ذريعي، پرامن بقاءِ باهمي، امن پسندي ۽ انسانيت دوستيءَ جي
پاليسين کي ناڪام بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ پٺتي پيل
ملڪن اندر ترقي‌پسند، سامراج دشمن ۽ سماجوادي طاقتن کي
ڌار ڌار نعرن، نظرين ۽ نالن جي آڙ ۾ ڪچليو وڃي. انهيءَ
نئين چال ۽ حڪمت عملي کي (New Colonizium)

نيو ڪالونيزم ڇيو وڃي ٿو جنهن تي سڀ سرمايدار ملڪ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، پر انهن جو پيشامام ۽ چوڌري آمريڪا آهي.

سرمايه داري نظام جي شڪست جي باري ۾ مارڪس جي چنبچاڻ کي بي اثر بنائڻ لاءِ سرمايدار ملڪن جي حڪمران ٽولن، سامراجي طريقو ايجاد ڪيو هو، جنهن جي ذريعي هو اندروني گهوٽالي مان نڪري پنهنجي ملڪن ۾ سوشلسٽ سماج جي ايندڙ طوفان ڪان وقتي طرح بچي ويا ۽ سماجواديت جي لهرن جي سامهون بند ٻڌڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا.

روس جي دانا ليڊر ۽ دنيا جي ٻين قوم پرست رهنمائن سامراج جي چال کي سمجهي ورتو هو. ان ڪري هنن پنهنجي پنهنجي ملڪن ۾ قوم پرستي جي بنياد تي آزاديءَ جون تحريڪون شروع ڪري سامراج کي مفلوج بنائڻ لاءِ تجويزون تيار ڪيون.

يورپي سامراج جي نفعي ۽ نقصان تي آءٌ بحث نٿو ڪريان، پر هي ڳالهه ضرور آهي ته جيئن سامراجي نظام، جديد سرمايه داري نظام جي پيداوار هو، ۽ جديد نظام جي باري ۾ اڳيئي ٻڌائي آيو آهيان ته اهو ذهني آزادي ۽ لبرلزم، جا هٿيار کڻي ڪليسائيت جي پراڻي، سڙي ڪاڙل، دقيانوسي، پادرين جي مغز تاويلن سان پريل نظام کي شڪست ڏيئي، تخت تان لاهي، گهر جي چوديواري ۽ ڪليسا جي اڱڻ ۾ بند ڪري آيو هو ۽ حڪومت جو نظام فيشلزم ۽ سيڪيولرزم جي بنياد تي هلائڻ لڳو هو. اهو سرمايداري نظام جڏهن سامراج جي شڪل ۾ منڊين جي تلاش ۾ ٻين پيل ملڪن ۾ داخل ٿيو، تڏهن هو پاڻ سان نه صرف اهي ئي هٿيار کڻي آيو (جو ته انهن ڪان هو جان ڇڏائي نه ٿي سگهيو)، پر مغربي بورجوا جمهوريت جو ٻج به کڻي آيو. جو ته ان ڪانسواءِ نٿين

سرمايدار نظام جو جيانو پنهنجي ملڪ ۾ مشڪل هو. جيتوڻيڪ بورجوا جمهوريت پنهنجي ملڪن جي عوام کي جيڪي ڪجهه ڏنو ٿي، سو هو غلام قومن ۽ ماڻهن کي ڏيڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار ڪونه هو. پوءِ انهيءَ جمهوريت جي هوا ڪيترن ئي طريقن سان محڪوم ملڪن ۾ پهچي چڪي هئي. انهيءَ هوا پهچڻ جي طريقن سان مکيه رستو هو محڪوم ملڪن جي خوشحال گهراڻن جي فرزندن جي سامراجي ملڪن ۾ پڙهائي. سامراجي ملڪن انهن نوجوانن جي ذريعي محڪوم ملڪن ۾ هڪ ذهني دلال طبقو پيدا ڪرڻ ٿي چاهيو. جيڪو رنگ، نسل، قوم ۽ جسم ۾ ته ديسي هجي. ليڪن ذهني، فڪري ۽ نفسياتي طرح يورپين هجي. ان سان گڏوگڏ سامراجي ملڪن جا ڪي انسانيت جا خيرخواه ۽ ديسي ماڻهن جا سچا به محڪوم ملڪن ۾ پهچي ويا.

نيشنلزم (قوم پرستي) سيڪيولرازم (بنا امتياز قوم جي سڀني حقن ۾ هڪجهڙائي ۽ برابري)، جمهوريت (عوام جي مرضي جو راڄ) ۽ ولايت مان پڙهي آيل نوجوانن مان ڪن جي بيداري، جيئن نهرو، زغلول پاشا، نڪرومان، سنيات سن، عبرال، چو اين لاءِ، نيٽو وغيره محڪوم ملڪن ۾ قومي آزادي جي جدوجهد لاءِ راهه هموار ڪئي، ۽ سرمايداري جي ايجاد ڪيل هٿيارن مان ان کي شڪست ڏيڻ لاءِ سامان موجود ٿيڻ لڳو، اهي ئي شيون هئون جيڪي اڳتي هلي سامراج جو موت ثابت ٿيون آهن.

انهن تصورن آزادي لاءِ وڙهندڙ وطن جي فرزندن جي سينن کي آزادي جي باهه سان تنور وانگر تپائي ڇڏيو. اهي ئي شيون هيون جن جي ذريعي قومن ۾ نئين بيداري، سامراج جي شڪست جي عمل کي تيز بنائي ڇڏيو. قوم پرستي فرزندان وطن ۾ اتحاد جو جذبو پيدا ڪيو ۽ سيڪيولرازم ملڪي

وسيلان ۾ آئيني قانوني ۽ اخلاقي طرح قوم جي سڀني فردن جي برابري، هڪجهڙائي ۽ مساوات جو احساس جاڳايو. حقيقت ۾ سيڪيولرازم نالو ئي اهڙي فڪر جو آهي جنهن ۾ رنگ، نسل، مذهب جي امتياز کي شهري حقن ۾ دست‌انداز ٿيڻ نه ڏنو وڃي. ڪي ماڻهو سيڪيولرازم جي معنيٰ لاديني حڪومت ڪن ٿا، اهو مطلب سراسر غلط، بيهوده ۽ واهيات آهي، جيڪڏهن سيڪيولرازم جي معنيٰ لاديني حڪومت هجي، ته پوءِ ڏکڻ آفريڪا ۾ گورن جي ٽوراڻي جي ڪارن تي حڪومت ۽ روڊيشيا ۾ حقير گوري اقليت جي فرزاندان وطن جي عظيم اڪثريت تي حڪومت کي به سيڪيولر حڪومتون چيو وڃي؛ ڇو ته سڀ غيرمذهبي ۽ لاديني حڪومتون آهن. انهن حڪومتن ۾ ڪنهن به مذهبي قانون جي عملداري ناهي. پر انهن حڪومتن کي هر انصاف پسند، ملڪ ۽ گڏيل قومن جو معزز عالمي ادارو سيڪيولر حڪومتن، جي بجاءِ بدترين نسل پرست ۽ فاشسٽ حڪومتون چئي چڪو آهي. ان ڪري سيڪيولرازم جي معنيٰ لاديني حڪومت قطعاً غلط آهي.

پوري دنيا مان سامراج کي تڙي، ڊوڙائي، ڀڄائي پنهنجي ملڪ ۾ محدود ڪري اندروني قوتن کان مٿس ڀرپور وار ۽ حملا ڪرائڻ لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن جي ليڊرن قومي آزاديءَ جون تحريڪون شروع ڪيون ۽ روسي ڪميونسٽن سامراج خلاف هلندڙ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي پٺڀرائي، مدد ۽ حمايت شروع ڪري ڏني. اهو رستو ۽ راهه لينن اڳ ۾ ئي تجويز ڪري ويو هو. هو عظيم انسان ان معاملي ۾ ايترو اڳتي وڌيو جو هن نه صرف روس ۾ آباد مختلف قومن کي آزادي ماڻڻ، خودمختاري حاصل ڪرڻ ۽ جدا ٿيڻ جو حق ڏنو. پر جدا جدا ملڪن ۾ هلندڙ قومي آزادي جي تحريڪن جي ڀرپور حمايت ۽ مدد ڪئي. سندس چوڻ هو ته قومي آزادي

جي تحريڪ جي اندروني ڍانچي کان قطع نظر امان کي ڏسڻو هي پوندو ته اها تحريڪ عالمي سطح تي سامراج جي شڪست ياڄ ۽ ڪمزوري لاءِ ڪيتري قدر ڪارگر ۽ مؤثر ثابت ٿئي ٿي جيڪڏهن ڪابه قومي آزادي جي تحريڪ بين الاقوامي ميدان ۾ سامراجيت جي شڪست جي عمل کي تيز بنائي ٿي ته اهڙي تحريڪ سامراج دشمني جي حد تائين ضرور انقلابي آهي ۽ انقلابين کي ان جي مدد ڪرڻ گهرجي. اهڙي تحريڪ ۾ جاگيردارن، شهزادن ۽ مٿين ڪلاس جي شموليت، ان تحريڪ جي سامراج دشمني واري پهلوءَ تي اثرانداز نه ٿي ٿئي. اهوئي سبب آهي، جو هن افغانستان جي بادشاهت پرستن ۽ ترڪيءَ جي قوم پرستن جي ڀرپور مدد ڪئي ۽ انهن سوشلسٽن جي مقابلي ۾ هنن کي وڌيڪ انقلابي سڏيو، جيڪي سامراجي ملڪن ۾ اجرتن جي واڌاري تي راضي ٿي سامراجي ڪارخانن کي چالو ڪري مظلوم قومن جي محڪومي جو اڻ سڌيءَ طرح ڪارڻ بڻجي رهيا هئا.

هن وقت ڪي ماڻهو قومي آزادي جي تحريڪ کي ان وقت تائين انقلابي تحريڪ مڃڻ لاءِ تيار نه ناهن، جيستائين ان جي پروگرام ۾ سامراج دشمني کان وڌيڪ جاگيردار دشمني شامل ناهي. منهنجي خيال ۾ اهڙا ماڻهو قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ رڪاوٽ وجهن ۽ سامراج جي شڪست جي عمل کي سست بنائڻ وارين ڪوششن ۾ لاشعوري طرح شريڪ ٿي رهيا آهن. ۽ عظيم لينن جي انهيءَ موقف تان هٽي رهيا آهن جيڪو هن پڻ هندوستانين ۽ ترڪن جي قومي آزادي جي تحريڪن جي باري ۾ اختيار ڪيو هو. مون ”لاشعوري“ جو لفظ انهيءَ ڪري ڪتب آندو آهي، جو انهن ماڻهن جي نيت جي باري ۾ بهرحال آءٌ شڪ ڪري نه ٿو سگهان. اگرچ سندن پٺي شرط (جاگيردار دشمني) قومي آزادي جي تحريڪ

جي دشمنن، موقع پرستن، قومي جمهوري انقلاب جي راهه ۾ رنڊڪون وجهندڙن، فاشي طاقتن جي نوازيلن، سامراجي دلالن جي حڪومتن جي ايجنٽن کي وجهه ڏنو آهي ۽ موقعو مهيا ڪيو آهي ته هو سامراجي آقائن جي مقرر ڪيل حڪمرانن جي طاقت، حڪومت، برتريت ۽ لٽ مار برقرار رکڻ لاءِ بيجان ڪوڪلي ۽ بيوقتي راڳڻي ڳائي، قومي آزاديءَ جي ترقي پسند، سامراج دشمن، امن دوست ۽ بقاءِ باهمي جي اصول جي پرچارڪ تحريڪن جي راهه ۾ بيشمار رڪاوٽون ۽ رنڊڪون وجهندا رهن — ۽ اهو پنهنجو اهو ڪم پوري مڪاري ۽ عياري سان ڪري رهيا آهن.

لينن قومي آزادي جي تحريڪن جي حمايت ڪري حقيقت ۾ سرمائيدار ملڪن اندر سوشلسٽ سماج جي قيام لاءِ ماحول کي سازگار ۽ انقلابي تيزرفتاري جي حڪمت عملي کي ترتيب ڏنو هو. هن جي خيال ۾ قومي آزادي جي تحريڪن جي حمايت جي حالت ۾ سوشلسٽ سماج جي قيام لاءِ ڪيترائي فائدا حاصل ٿيڻ وارا هئا. جهڙوڪ: (١) قومي آزادي جي تحريڪ جي ڪاميابي جي صورت ۾ سامراج کان منڊيون ڦرجي وينديون ۽ هو پنهنجي ملڪ ۾ محصور ٿيڻ تي مجبور ٿيندو. (٢) خام مال جي درآمد ۽ تيار مصنوعات جي برآمد ۾ مندو اچڻ ڪري مزور طبقي ۾ بيروزگاري ۽ بيچيني وڌندي. (٣) سرمائيدار ملڪن ۾ مٿيون ٻئي صورتون اقتصادي بحران پيدا ڪنديون. نفعي ته ملڻ جي صورت ۾ سرمائيدارن طرفان سندن ملڪ ۾ سرمائي جي سيڙپ ۾ ڪمي ايندي وغيره ۽ اهي سڀ حالتون انقلاب لاءِ ماحول سازگار بڻائينديون.

انهيءَ ڪان سواءِ قومي آزادي جي تحريڪ جي باري ۾ لينن جو چوڻ آهي ته: ”ڪنهن به مظلوم قوم جي بورجوا قومپرستي هڪ عمومي جمهوري عمل جي فڪر جي حامل

هوندي آهي، جنهن جو بنيادي لاڙو ظلم جي خلاف هوندو آهي بورجوا قومپرستي جو ظلم جي خلاف ڪردار ئي آهي، جنهن جي اسان غيرمشروط حمايت ڪريون ٿا. قومپرستي بجاءِ خود ڪهڙن نتيجن کي جنم ڏئي ٿي، ۽ انسانيت کي مجموعي طرح ڪهڙا فائدا عطا ڪري ٿي، ان باري ۾ لينن جو چوڻ آهي ”قومپرستي سان هڪ طرف قومي شعور بيدار ٿئي ٿو ۽ قبائلي نظام جون رهيل نشانيون ختم ٿين ٿيون، قومي آزادي جون تحريڪون اڀرن ٿيون، جيڪي هر قسم جي قومي ظلم ۽ جبر جي خلاف جدوجهد ڪن ٿيون. جنهن جدوجهد ذريعي قومي رياستون وجود ۾ اچن ٿيون. ٻئي طرف ڌار ڌار قومن ۾ لاڳاپا وڌن ٿا ۽ ويڇا ٽٽن ٿا. لاڳاپن جو اهو واڌارو عالمي منڊي ۽ هڪ مساويانه عالمي معيشت جي تشڪيل ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.“

مارڪس به قومي مسئلي جو قائل هو ۽ ان جي حل اهميت بابت فڪرمند هو، پر سندس چوڻ هو ته ”جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ طبقي جو طبقي مٿان ظلم ختم ٿيندو، تڏهن ازخود قوم مٿان ظلم ختم ٿي ويندو.“ اهو نقطهء نظر سرمايهداري دور جي پيداوار هو. ان کان پوءِ لاءِ ئي سرمايهدار دنيا سامراجيت ۾ داخل ٿي ۽ عالمي سطح تي سامراج جي ڪيڏ شروع ٿي. انهي ڪيڏ کي ختم ڪرڻ لاءِ لينن جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي مدد ذريعي سامراج دشمني جو پروگرام پيش ڪيو ۽ ”حقيقت ۾ لينن طرفان مارڪسزم ۾ اهو شاندار اضافو هو“ لينن جي انهيءَ پروگرام ۽ نظريي کي ناڪام بنائڻ لاءِ سامراجي ملڪن نيو ڪالونائيزم سسٽم جاري ڪيو، جنهن جو امام هن وقت آمريڪا آهي. ليڪن آمريڪا کي ڪنهن به ملڪ ۾ عوام جي مدد ۽ سهڪار سان اهو نظام برقرار رکڻ جي نه طاقت آهي نه وري حوصلو. سواءِ ٻن ملڪن جي جتي مذهبي

جنون ۾ مبتلا ڪن گروهن ۽ ٽولن کي آمريڪا پنهنجو آلہ ڪار بنائي هلائي رهيو آهي. هاڻي آمريڪي حڪمت عملي جو سارو دارومدار پٺتي پيل ملڪن ۾ ٽن ڌرين تي رهجي ويو آهي. (١) اسرندڙ ملڪن جا ڳاڻ ڳٽيا سرمايہ‌دار، (٢) سامراجي دور جي پاليل بيورو ڪريسي، (٣) فوجي جنتا. انهن ٽنهي ٽولن جي ذريعي هو ڳاهي بڳاهي رات جي اونداهين ۾ سازشون ڪرائي، عوامي ۽ قومي حڪومتن جا تختا اونڌا ڪري، بيشمار خونريزي ۽ قتل و غارت وسيلي پنهنجا ايجنٽ برسراقتدار آڻي، پنهنجا سياسي معاشي ۽ اقتصادي مفاد پورا ڪندو رهي ٿو. اهڙن ملڪن کي هميشه لاءِ پسماندگيءَ جي اونداهي کڏ ۾ اڇلائي، پنهنجي ذلت‌آميز مشروط امداد جي سهاري هلائيندو رهي ٿو. هتي هڪڙي ڳالهہ ياد رکڻ جهڙي آهي ته آمريڪي سازشون هميشه انهن ملڪن ۾ ڪامياب ٿين ٿيون، جتي مضبوط ۽ پختي قومي حڪومت قائم ناهي. جتي بہ مضبوط قومي حڪومت قائم آهي ۽ ان جون پاڙون عوام ۾ مضبوط ڪيل آهن، اتي آمريڪي سازشون هميشه ناڪام وڃن ٿيون. جيئن: هندوستان، گني ۽ يوگوسلاويا ۾.

(٣) جنگ عظيم جي خاتمي سان ٿيون جيڪو وڏو تغير ۽ انقلاب عالمي سياست ۾ رونما ٿيو آهي، سو آهي لاطيني آمريڪا ۽ هند چيني ۾ ڪميونسٽ قوتن جيّ فاتحانہ بلغار ۽ افريشيا ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي فتحمند پيشقدمي، جيئن ئي ٻي جنگ عظيم ختم ٿي. تيئن ئي افريشيا ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن انتهائي بهادري ۽ دليريءَ، جانبازي ۽ جان نثاريءَ سان سامراجيت جي مورچي تي حملا ۽ هلائون شروع ڪري ڏنيون. ويتنام کان وٺي مراڪش تائين هر هند آزادي ۽ حريت جي پرستار انسانن جي حب‌الوطني ۽ سامراج دشمنيءَ سان پرپور نعرن جي گونج سان ڪائنات جي وجود

۾ ٽرڙلو پنجي ويو. سامراجيت تي موت جي ڏڪڻي طاري ٿي ويئي. غلاميءَ ۽ محڪوميءَ جا زنجير ٽٽڻ لڳا. سامراجي قاهي ڪٽن جي صفن ۾ ڀاڄ پوڻ شروع ٿي، اهي انسان جيڪي صدين تائين غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي فرمانبرداري تي هري ويا هئا، تن جي ٻانهن ۾ ٻل پوڻ شروع ٿيا. ڪمزور ڪنڌن سرڪشي اختيار ڪري جهڪڻ کان انڪار ڪيو، آقائيت جي قلعن ۽ ڪوٽن جا ڪنگرا لڏڻ لڳا، ۽ غلاميءَ جي هيراڪن جي دلين ۾ حڪمرانيءَ جون اميدون ڪر موڙڻ لڳيون.

قوم پرستيءَ بجاءِ خود هڪ نظريي، نظام ۽ مذهب جي حقيقت ۽ حيثيت اختيار ڪري ورتي، قومي جهنڊا، قومي ڏينهن قومي ثقافت، قومي هيرا هر ميدان ۾ پنهنجي اهميت واارينندا ويا، قوم پرستيءَ جو جذبو هن صديءَ جي محڪوم ۽ مظلوم ملڪن لاءِ سڀ کان وڏي سچائي، روشن حقيقت ۽ واضح صداقت جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. ۽ انهيءَ روپ تي فرزندان وطن جيڪي قربانيون ڏنيون آهن، جيڪي جان جا تحفا پيش ڪيا آهن، سا به هن صديءَ جي سڀ کان وڏي حقيقت آهي، اهوئي نشو هو جنهن جي سرڪي ڪيترن ڪوندرن کي ميدان ڪارزار ۾ آندو، ڪيترن جي نوتڻن تي ڳاڙهه ڳلين ڳجهين کان لامارا ڏياريا. وطن پرست انسانن پنهنجي قربانيءَ جي بي پناهه جذبي سان صحرائن کي گلزار بنايو، ۽ پنهنجي ڪٽوري هاٺي خون سان رٽن ۾ رابيل پوکيا، هڪ پاسي جانباز انسانن جي قربانين ۽ آزاديءَ جي اعلانن سامراج کي لوڏي ڇڏيو ته ٻئي پاسي آزادي ۽ حريت جي هوائن سڄن ۽ رڃن کي آزاديءَ جي سرهاڻ سان واسي ڇڏيو، ڪوٽ ڪرڻ لڳا، زنجير ٽٽڻ لڳا، سامراج شاهيءَ جا مورچا جهرڻ ۽ پرڻ لڳا. غير ملڪي حاڪمن ۽ سندن دلالن جي مڪر جا وڇايل جار ڇيهون ڇيهون ٿيڻ لڳا. اهو دور مظلوم قومن جي آزاديءَ جي فتح مند ظهور جو اعلان ۽ انهن

جي شاندار حريت جي فتح ياب عهد جي اڄڻ جي علامت بڻجي ويو. قومي آزاديءَ جي هڪ تيز لهر ۽ طاقت ور وڏڪرو ڀيڻڪي نظام کي ڪک پن وانگر وهائي لڳو. سامراج جون چالون ڪمزور ٿيڻ لڳيون. نوان آزاد ٿيندڙ ملڪ آزاديءَ ۽ سامراج دشمنيءَ جا جهنڊا کڻي نروار ٿيڻ لڳا. افرو ايشيائي ملڪن جي ڍانچن ۾ بنيادي تبديليون اچڻ لڳيون ۽ هر هنڌان ڀيڻڪي نظام جا پرزا اُڏامڻ لڳا. ڀيڻڪي سرشتو جيڪو قومن جي اوسر ۽ واڌاري لاءِ هڪ لعنت آهي سو هميشه هميشه لاءِ ختم ٿيڻ شروع ٿيو ۽ محڪوم ملڪن جو ڪروڙها عوام پنهنجي ملڪ جي شاندار تاريخ بڻائڻ جي عمل ۾ پوري ريت شريڪ ٿي ويو. انهيءَ بهادر ۽ دلير عوام ڀيڻڪي نظام جي ڪنڊرن مان جنم ورتو آهي ۽ ڪٿي وڌي رهيو آهي. اهو عوام هڪ نئين، شاندار زندگيءَ جي معمار ۽ عالمي امن جي پيغمبر جي حيثيت ۾ سامراج جي تباهي آڻيندڙ انقلابي قوت جي تيز لهر بڻجي، عالمي سطح تي ڇانئجي رهيو آهي. ڀيشڪ ڀيڻڪي سرشتي جي ڍهڻ، تباهه ٿيڻ ۽ ختم ٿيڻ واري عمل سان انسان جي ترقيءَ جي هڪ نئين صبح طلوع ٿيڻ جا اهڃاڻ نظر اچڻ لڳا آهن، ۽ اونداهي باک جون لاٽون اونداهي آفريڪا کان وٺي هند چينيءَ جي ڪارن ٻيلن کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي چڪيون آهن. انسانيت صدين کان جنهن اسر جي اوسيئڙي لاءِ باک اکنديون اکڙيون اڙايو ويٺي هئي، سو آهستي آهستي جوانيءَ جي نشي سان ڀرپور ڪنهن ڪنواريءَ جي چال وانگر ظاهر ٿيندو رهي ٿو، قومن جي ڪچين سان غلاميءَ جا ڪٽ نڪري رهيا آهن؛ آزاديءَ جي تازي جي تنوار سان جهر جهنگ ۾ چڻ پڻ شروع ٿي اختتام تي پهچڻ واري آهي.

ٻي عالمگير جنگ هڪ طرف آزادي ۽ حريت جو ميدان هموار ڪيو ته ٻئي طرف سرمايدار يورپ جي دانشورن، اديبن ۽ فنڪارن ۾ خوف، هراس، ڊپ، ذهني مونجهارو، فطري انتشار

شخصيت جي ڀـوڙ ڦـوڙ پيدا ڪئي، جنهن انهن اديبن جــي فنپارن ۾ وجــوديــت پسندي، عينيت ۽ لاادريت جهڙن لاڙن کي فروغ ڏيڻ شروع ڪيو. ان جي ڀيٽ ۾ مظلوم، محڪوم ڏتڙيل ۽ غلام قومن جي اديبن شاعرن، دانشورن ۽ فنڪارن ۾ حوصلو، اعتماد، يقين ۽ فڪري توازن پيدا ڪيو، جنهن جي ذريعي هنن پنهنجي شخصيت کي عوامي انبوهن ســان ڳنڍڻ، ڪائنات ۾ انساني مقام ۽ مرتبي جي تعين، ۽ ان باري ۾ انساني ڪردار ۽ جاکوڙ کي واضح رستو ۽ رخ ڏنو. مظلوم قوم جو اديب انهيءَ عرصي ۾ يورپي اديب جــي واهيات نقالي ڇڏي، ڪافي هائوس مان نڪري، پنهنجي رومال کي امن جو جهنڊو ۽ قلم کي سامراج دشمن تلوار بنائي ميدان ۾ نڪري آيو. اها راهه ٻي جنگ عظيم کان ئورو اڳ اسپين جي خانه جنگي وقت دنيا جي باضمير اديبن پنهنجي بي پناهه قربانين سان تيار ڪئي هئي. جنهن تي ٻي جنگ کان پوءِ ڏتڙيل قومن جي اديبن پنهنجا لافاني نشان ڇڏڻ شروع ڪيا. ٻي جنگ کان پوءِ جي ڏتڙيل قومن جي اديب جي روڻءِ روڻءِ مان تخليق جا چشما ڦٽي نڪتا اهڙا چشما جن ۾ وطن جي پوري، لڙاتيل، ڪنواري مٽيءَ جهڙي خوشبوءِ جي موسيقي هئي، انهيءَ موسيقي جتي هڪ طرف ڪروڙها ديس واسين کي مسرت سان همڪنار ڪرڻ جو سبق ڏنو، ۽ انهن ديس واسين جي دلين ۾ دائمي ظلم خلاف ڌڪار پيدا ڪري، منجهن امن ۽ آشتيءَ سان پرپور ڪيتن کي محبوب جي ڇڳن وانگر چمڻ جو چاهه پيدا ڪيو. انهن اديبن جون سدا حيات تخليقون دائمي امن جو منشور بنجي ويون. اهڙو منشور جيڪو خطن، ملڪن ڪنڍن ۽ وطنن جي حدن کان وسيع ڪائنات جي وسعت وانگر پوري انسانيت کي پنهنجي آغوش ۽ ڀاڪر ۾ وٺڻ جي صلاحيت رکي ٿو. انهن شاعرن، فنڪارن، اديبن جي تخليقن ۾، يقين آهي اعتماد آهي، توازن فڪر آهي، حوصلو آهي ۽ نه صرف ملڪي

۽ قومي ۽ عالمي برادريءَ جي پرامن تعمير جو زوردار پيغام
آهي. اهڙيءَ قسم جا اديب اسانکي آفريڪا ۾ فوڊيبا، لاطيني
آمريڪا ۾ پابلو نرودا، هند چيني ۾، هندوستان ۾ ساحر، ڪرشن چندر
۽ سنڌ ۾ نياز، تنوير، شمشير ۽ اياز جي روپ ۾ نظر
اچن ٿا.

آزاديءَ وطن جي طويل جنگ سامراجي دور جي شروعات
سان گڏ شروع ٿي ۽ جنهن ٻي مهاڀاري لڙائي وقت قومي آزاديءَ
جي تحريڪ جو روپ ۽ رنگ اختيار ڪري ڏاڍا ڏڍ ڪاميابيون
حاصل ڪرڻ شروع ڪيون ۽ دنيا جي هر خطي ۾ وطن چاوا
رتن مولهين سان "سوپ برابر سسيون" توري به سوڀون حاصل
ڪرڻ لڳا. قومي آزاديءَ جي جنگ هند چيني، سورج جي پيدائشي
سرزمين کان وٺي آفريڪا جي اونداهين ٻيلن تائين پکڙي چڪي
آهي، ڪاميابيون حاصل ڪري چڪي آهي ۽ ڪئي ڪاميابين
سان همڪنار ٿيڻ واري آهي. انهن نه قومي آزاديءَ جي طويل
وسيع، شاندار ۽ فتح مند جنگ، ۽ ان جنگ ۾ تخليق ٿيل،
اپيل ۽ ترقي ڪندڙ انسان، امان جي، لاءِ، پوري دنيا لاءِ، هر
مظلوم ۽ محڪوم قوم لاءِ، ڏتڙيل پيڙيل طبقن لاءِ بيشمار سبق
انيڪ ڏس ۽ پتا، اڳتيا رستا ۽ راهون، ڪي تدبيرون، ڪي
اٽڪلون، ڪي تجويزون، ڪي صلاحون ڏنيون هونديون، ڏنيون
آهن، هر اپرندڙ تحريڪ ڪامياب تحريڪ کان ڪجهه سکڻ جي
ڪوشش ڪندي آهي، اگرچه وقتي حالتون پڻ تجربڪن جي
طريقن ڍنگن، ۽ حرفتن ۾ تمام وڏو، ٻنهه اچو فرق وجهي ڇڏينديون
آهن. موجوده دور ۾ انسان اپرندڙ نتيجن تي تورو سوچڻ سان ٿي معلوم
ٿي ويندو ته هن دور ۾ انسانيت، ذهني، اخلاقي ۽ نفسياتي طرح
ڪافي اڳتي وڌي آهي؛ ۽ انسان کي هر قسم جي غلاميءَ مان
ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ عالمي پيماني تي تنظيمون وجود ۾ اچي
چڪيون آهن. اقوام متحده جو عالمي ادارو آزاديءَ لاءِ هتيار

ڪٿي ڪي نہ رکيو جائز ٺهرائي چڪو آهي، پر آزاديءَ لاءِ وڙهندڙن کي هٿيار ڏيندڙ ملڪن جي مذمت ڪرڻ کان انڪار ڪري چڪو آهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ موجوده قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي رهنمائن نهايت سوچ سمجهہ، سياڻپ ۽ صرت سان تحريڪن جي تنظيم، ترتيب ۽ صف بنديءَ لاءِ ڪي ويچار ڌارائون ضرور ڪيون هونديون. ڪن متن کي نندبو هونداڻون، اهي ويچار ڌارا، ڪهڙي قسم جي هئڻ گهرجي، ان متعلق قطعي طور هڪجهہ، چئي سگهڻ ڏکيو آهي، ڇو تہ اُن جون شڪليون، صورتون، رنگ، روپ، راهون ۽ رستا هر ملڪ ۾ هر تحريڪ ۾ جدا رهيا آهن. بدلبا رهيا آهن، مٽبا مٽبا رهيا آهن. تاهم قومي تحريڪ آزاديءَ جي بنيادن ۽ ڪنهن قوم جي تشڪيل جي عناصر جي باري ۾ سڀئي متفق آهن، انهن بنيادن تي هلندي قومي تحريڪ ڪن مرحلن مان گذري ٿي ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪلاتون، ڏکيائون رنڊڪون ۽ رڪاوٽون پيدا ٿين ٿيون، ۽ ڪهڙي ريت سامراج پنهنجي شڪست کان بچڻ، وڌيڪ عرصو رهڻ ۽ حڪومت من هٿ نہ ڪيڻ لاءِ ڪهڙا حربا ۽ هٿيار استعمال ڪندو آهي تن جي شہن دهي پڻ نظر اچي ٿي، اڳتي ايندڙ صفحن ۾ قومي تحريڪ جي بنيادن، مرحلن، رڪاوٽن، ۽ آزاديءَ کان پوءِ قومي حڪومت جي ناڪاميءَ جي سببن تي پنهنجي سمجهہ آهر روشني وڌي اٿم، هي صرف مطالعي جو هڪ رخ آهي ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي صحيح مطالعي ۽ مشاهدي ڏانهن هڪ وک ۽ هڪ قدم آهي. اڳتي ايندڙ مواد ۾ منهنجي مطالعي مشاهدي سوچ ۽ ويچار ڌارا کي ڏي وڌو دخل آهي ان ڪري آءٌ ان کي صحيح، قطعي ۽ حرف آخر سمجهڻ لاءِ زور ڪونہ ٿو ڏيان. آءٌ تمام گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ انهن نتيجن تي پهتو آهيان جيڪي هن ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

قومي آزاديءَ جي تحريڪ جا بنياد

قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي ڪهڙن بيان تي بيهارڻ، منظم ڪرڻ ۽ هلائڻ گهرجي، ڪهڙيون شيون آهن جن کي اوليت ۽ اهميت ڏيئي انهن جي تبليغ ۽ پرچار کي قومي آزادي جي تحريڪ جو مرڪز بنائڻ گهرجي. اهيءَ سلسلي ۾ دنيا جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي رهنمائن ۽ فلسفين ڪافي سوچ ويچار ۽ چند چاڻ ڪانپوءِ پڌايو آهي ته قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو بنياد اهڙن شين ۽ قدرن، سوچن ۽ لاڙن تي رکڻ گهرجي، جيڪي هڪ قوم جي تشڪيل ۽ تنظيم لاءِ بنيادي مڻا ۽ اصول ٿيئجي سگهن. خاص ڪري اهڙين حالتن ۾ جڏهن صديون جي ڊگهي غلامي ۽ اُن دوران قابض ڌر جون هاچيڪار ڪارروايون، قومن مان قوميت جو شعور ۽ احساس ختم ڪري ڇڏيندبون آهن ۽ اُن قوم ۾ انيڪ خرابين سان گڏ گروهي، قبيلائي، طبقاتي ۽ ذهني اختلاف، مونجهارا ۽ ويڇا پيدا ڪري ڪين عزت، مان ۽ وقار سان زنده رهڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي ولولي کان محروم ڪري، ڇڙوڇڙ ۽ بي ترتيب جانورن جي ڌڻ ۽ ولر ۾ تبديل ڪري ڇڏيندبون آهن.

ڊگهيءَ غلاميءَ دوران محڪوم قوم اهڙي حالت کي وڃي پهچندي آهي جو ان کي نظرياتي طرح ته هڪ قوم چئي سگهبو آهي، ليڪن هڪ قوم جي فردن جي پاڻ ۾ لاڳاپن ۽ ڳانڍاپن لاءِ جيڪي خصوصيتون ۽ خوبيون هئڻ گهرجن سي بلڪل ختم ٿي وينديون آهن.

ننڍي ڪند جي هڪ وڏي مفڪر جو چوڻ آهي ته جهڙي ريت ڪوبه ماڻهو اهو نه ٿو پڌائي سگهي ته مونکي ننڊ ڪهڙي وقت آئي، يعني ٺيڪ ڪلاڪ ۽ منٽ نه ٿو پڌائي سگهي. بلڪل اهڙي ريت ڪنهن قوم جي زوال ۽ پستي جو ڏينهن،

هفتو مهينو ۽ وقت نه ٿو مقرر ڪري سگهجي ٿو، البته ڪجهه نشانيون ۽ علامتون، پار ۽ پتا، ڏسي ۽ اهڃاڻ آهن، جن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته هي قوم زوال ڏانهن وڃي رهي آهي. منجهانئس قومي ترقي ۽ زندگيءَ جو ولولو ۽ تحرڪ ختم ٿي ويو آهي. انهن اهڃاڻن مان سڀ کان وڏو اهڃاڻ ۽ نشان هي آهي ته قوم جي فردن مان اجتماعي ۽ گڏيل قومي مفادن وارڻي سوچ ختم ٿي وڃي ۽ ان جي جاءِ انفرادي ۽ ذاتي فائدي ۽ ڀلائي جي سوچ ۽ لوچ اچي وڃي ۽ غلبو حاصل ڪري وٺي. يعني قومي ايثار جي بجاءِ پوري قوم جو هر فرد ذاتي خود غرضيءَ ۾ مبتلا ۽ گرفتار ٿي وڃي. جڏهن قومي زوال جو سبب ئي اجتماعيت جو خاتمو ۽ ذاتي خود غرضيءَ جو پيدا ٿيڻ آهي (اهي بيماريون خودبخود پيدا نه ٿينديون آهن پر قابض ڌريون پنهنجي اقتدار ۽ قبضي کي مستحڪم بنائڻ لاءِ اهي بيماريون پيدا ڪنديون آهن) ته پوءِ قومي تحريڪ کي به انهن شين کي اهميت ڏيڻ گهرجي جن جي ڪري قوم جي فردن ۾ اجتماعي سوچ، اجتماعي ڪردار، اجتماعي ايثار ۽ گڏيل امنگ پيدا ٿئي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ڪڏهن ڪڏهن قومي ڇوٽڪاري جي جدوجهد شروع ٿيڻ وقت هڪ قوم پوري ريت ذهني ۽ فڪري طرح اجتماعي سوچ جي جذبي سان لبريز هوندي آهي. جيئن بنگالي، ته ڪڏهن ڪڏهن قومي جدوجهد ۽ هل چلي ئي هڪ قوم کي صحيح معنيٰ ۾ متحد، مضبوط ۽ ناقابل شڪست قوم بنائيندي آهي، جيئن ويٽ نامي ۽ آفريڪي قومون پوئين صورت ۾ قومي آزادي ۽ ڇوٽڪاري جو بنياد اهڙين شين کي بنائڻ گهرجي جيڪي پوري قوم ۾ گڏيل ۽ هڪ جهڙي ڪشش واريون هجن.

دنيا جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو بنياد (۱) ٿڌ ٿت،

(۲) تاريخ، (۳) زبان، (۴) حب الوطني ۽ (۵) آزاديءَ جي فائدن تي رکڻ گهرجي.

اهي شيون ۽ وٿون، قدر ۽ گڻ آهن، جن جي ترتيب، تخليق ۽ تنظيم ۾ ساري قوم شريڪ هوندي آهي. ملڪ جي هڪ ڀاڱي کان ٻئي حصي تائين، جيڪڏهن قوم جا فرد ڪنهن هڪ شيءِ کي بنا رقابت، بنا حسد، بنا ضد ۽ ساڙ جي پنهنجي سمجهن ان کي زنده ۽ سلامت رکڻ، ان سان پيار ڪرڻ ۽ ٻئي کان اڳرائي واري جذبي سان ڪوشش ڪري، پنهنجو پاڻ ملهائين ته اهڙي شيءِ رکو مٿي بيان ڪيل شين مان هر هڪ تي سگهي ٿي. انهن مان هر هڪ شي ان لائق آهي ته پوري قوم جي گڏيل ميراث بنجي، پوري قوم جي پرستش لائق ٿي سگهي، ۽ قوم جو هر فرد پنهنجي عقيدت جا جذبا، پنهنجي محبت جا گل ۽ پنهنجي قرباني جا رت ڦڙا ان کي پيش ڪري سگهي. جيترو قدر قوم جي فردن ۾ پنهنجي قومي تاريخ، قومي ثقافت، قومي زبان، عظيم ڌرتيءَ جي محبت ۽ آزاديءَ کان پوءِ حاصل ٿيندڙ اخلاقي، ذهني، روحاني، مادي، معاشي ۽ معاشرتي فائدن تي سوچ وڌندي، جيتري قدر پنهنجي دل جي ديول ۾ انهن جي مالها جپيندو ۽ جيتري قدر پنهنجي آسروند اکڙين کي انهن جي حسن پسڻ جي اوسيئڙي جو هيراڪ بنائيندو، اوتري قدر تيزي، جوش همت، سچائي ۽ سورهيائي سان عمل جي ميدان ۾ ڪاهي پوندو ۽ هڪ ڏينهن جبرجي هماليه جي چوٽي سر ڪري ويندو.

قومي ثقافت

انقلابي تحريڪن جي تاريخ جي هڪ وڏي ماهر جو چوڻ آهي ته "ثقافت تاريخ جو قلب آهي" ان جو مطلب هي ٿيو ته جنهن ملڪ ۾ تاريخ جي جهڙي رفتار رهي هوندي، پيداواري ذريعن جي جيڪا ڪيفيت هوندي، انساني ميل ۽ ان تي جاگرافيائي

ماحول جيڪو اثر وڌو هوندو، قبيلائي دور، جاگيرداري دور ۽ آخر ۾ بيٺڪي سرشتي جي جيڪا حالت رهندي آئي هوندي تنهن جو اندازو ان ملڪ جي قومي ثقافت جي ڏار ڏار شاخن ڪي ڏسي لڳائي سگهجي ٿو. قومي تحريڪ آزاديءَ ۾ ثقافت جي ڪردار ۽ ان جي استعمال جي ڍنگ ڪان اڳ ڏسڻو هي آهي ته ثقافت آهي ڇا؟

منهنجي خيال ۾ انساني محسوسات ۽ معلومات جي خارجي اظهار ۽ اعلان جو نالو ثقافت آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن قوم جي مادري ۽ روحاني ڪوشش جي ظهور ۽ ماديائي ۽ روحاني سانچي ۾ ڍلجڻ جو نالو ثقافت آهي. تاريخ جي هر دور ۾ انساني ذهن پنهنجي چوگرد پکڙيل وسيع ڪائنات خوبصورت فطرت جي پيدا ڪيل معاشي، معاشرتي ۽ سياسي ماحول مان جو ڪجهه پرايو ۽ ان کي پنهنجي ڍنگ رنگ سان ظاهر ڪيو، تنهن کي، ثقافت چئي سگهجي ٿو. انسان جي پيدائش ۽ اوسر سان گڏ جنهن شيءِ جو آغاز ۽ شروعات ٿي سا ثقافت ئي آهي ۽ ڪائنات ۾ صرف ثقافتي ورثو ئي اهڙي وٿ آهي جنهن جي عمر ڌرتي ۽ انسان جي برابر آهي.

زندگيءَ جي ڏکهي، ڏکئي ۽ اڙانگي سفر ۾ انساني قافلو ڪهڙين ڪڏن ۽ کوٻن ۾ ڪريو ۽ ڪهڙين ڏيٺين ۾ ڦاٿو؟ ڪهڙن ڏکين جبلن جي چوٽين تي چڙهيو ۽ ڪهڙن ريگستانن ۾ سالن جا سال رلندو، ڀٽڪندو ۽ هٿوراڙيون ڏيندو رهيو ۽ انهيءَ پوري عرصي ۾ هن پنهنجي سفرنامي کي قلم نه پر عمل سان هن ڌرتيءَ يا پنهنجي مخصوص وطن تي چٽيو، لکيو ۽ ظاهر ڪيو آهي. انهيءَ سفرنامي ۾ ڏک ۽ ڏاڪڙا، ٿڪ ۽ مرڪ، لڙڪ ۽ سڏڪا، خوشيون ۽ غميون، محبتون ۽ نفرتون، فتحون ۽ شڪستون، پيار ۽ پڇتاءُ، بزدلي ۽ بهادري، همت ۽ سستي هڪ ڪهاڻيءَ جا ڪردار بنجي وڃن ٿا ۽ پوءِ اها ڪهاڻي ڪڏهن

شاعري، ڪڏهن موسيقي، ڪڏهن مصوري، ڪڏهن سنگتراشي، ڪڏهن تعمير، ڪڏهن عباس، ڪڏهن پهاڪن، ڳجهارتن، ڳاهن، هلت چلت، شادي مرادي، ميل ميلاپ، لوڪ گيتن، سازن ۽ باشن جي صورت ۾ هر ويندڙ نسل، ايندڙ نسل لاءِ يادگار ۽ ورثو ڪري ڇڏي ويندو آهي.

هي ڳالهه ظاهر آهي ته ايندڙ نسل کي وقت، ماحول، حالتون ۽ تاريخي رفتار ويندڙ نسل کان ڌار ۽ جدا ملنديون آهن، انڪري هو پنهنجي اڳئين نسل جي ڇڏيل يادگار ۽ ورثي ۾ تبديليون ۽ ترميمون، اضافا ۽ گهٽتايون ڪندو، ڪجهه پنهنجون ايجادون، پنهنجا ڏک ۽ سک جيڪي گذريل نسل کان بهرحال مختلف هوندا آهن، سي ملائيندو ثقافت جي سلسلي ۽ زنجير کي اڳتي وڌائيندو ايندو آهي، اهوئي سبب آهي جو ثقافت لاءِ چيو ويندو آهي ته ثقافت وهندڙ دريا وانگر آهي جنهن ۾ روز نوان اضافا ۽ واڌارا ٿيندا پيا اچن. ظاهر آهي ته انسان پنهنجي پيدائش کان وٺي هڪ جاءِ تي ته بيٺو آهي ۽ نه ئي بند اکر ۽ ذهن. جڏهن انساني قافلو خود دريا وانگر رواں دوان آهي ته ان جي محسوسات جي عملي روپ ۾ تبديلي اچڻ ضروري آهي ۽ انکي به دريا وانگر وهندڙ ئي هئڻ گهرجي.

ثقافت لاءِ هڪ ٻيو لفظ ڪتب آندو ويندو آهي جيڪو آهي "تهذيب."

سنڌ جي عظيم مفڪر محترم سائين جي-ايم سيد پنهنجي ڪتاب "سنڌي ڪلچر" ۾ (تهذيب) لفظ کي ثقافت ۽ ڪلچر جو پورو مفهوم ادا ڪرڻ کان قاصر ٻڌايو آهي. جناب سيد جي تحقيق منهنجي لاءِ حرف-آخر آهي. تاهم جنهن به ماڻهو ثقافت لاءِ (تهذيب) لفظ استعمال ڪيو آهي تنهن جي سمجهه ۽ سياڻپ کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. ڇو ته تهذيب جي معني آهي وڻ مان بيڪار، سڪل ۽ بي ترتيب ٽاريون وڍي

ڇانءِ صاف ڪري سهڻي بيهڪ ڏيڻ. جيئن ڏسندڙ لاءِ ان ۾ هڪ قسم جي دل ڪشي پيدا ٿئي ۽ زمين جي پاڻياٺ، بيڪار ڏارين تي ضايع ٿيڻ کان بچي، وڻ جي وڌڻ جو سبب بنجي. انهيءَ لفظ جي مفهوم مطابق، انسان ۾ پنهنجي حالتن کي تبديل ڪرڻ، انهن کي بهتر ۽ خوبصورت بنائڻ، غلط، بيڪار، فرسوده ڳالهين، روايتن ۽ رسمن کان پنهنجي ماحول ۽ معاشري کي پاڪ ڪرڻ جي تڙپ ۽ تات دوران جيڪا ثقافت (تهذيب) تخليق ٿيندي رهندي آهي سا پنهنجي دور، وقت ۽ حالتن مطابق جاندار، بهتر ۽ خوبصورت ٿيندي آهي. ايندڙ نسل کي ان ۾ ڪي ڳالهيون روايتون، رسمون بيڪار ۽ نقصان ڪار لڳنديون آهن ۽ هو انهن ۾ سڌارا ۽ اصلاحون ڪندو آهي. اهڙي ريت جڳن گذرڻ کان پوءِ ڪنهن خطي جا ماڻهو هڪ قومي ثقافت تخليق ڪندا آهن ۽ سندن جاکوڙ، جفاڪشي ۽ خيالن جي جهلڪ ان ثقافت ۾ نظر ايندي آهي.

فطرت جو قانون آهي ته انسان پنهنجي محنت ۽ مشقت سان جيڪا شي تخليق ڪندو آهي سا کيس بي حد پياري ۽ عزيز هوندي آهي. هو ان جي هڪ ذري تان به دست بردار ٿيڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار ڪونه ٿيندو آهي. ان کان سواءِ انساني عقائد ۽ نظريات جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي وڌ کان وڌ چاهي ٿو ۽ انکي ڪنهن به صورت ۾ ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي اها شيءِ انساني روايتن جي لڙي آهي. دنيا جي مکيه پيغمبرن کان وٺي جديد دور جي انقلابي مفڪرن تائين هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي تحريڪ دوران انهن روايتن، ريتن ۽ رسمن کي ڇيڙڻ بجاءِ پنهنجي تحريڪ لاءِ هٿيار طور ڪتب پئي آندو آهي. هي بي ڳالهه آهي ته انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ رٿابندي ۽ شعوري تعليم ذريعي اهڙين ريتن ۽ رسمن کي ڪهڙو رنگ ۽ روپ ڏنو ويو هو.

هاڻي اسانکي ڏسڻو هي آهي ته قومي ثقافت کي قومي آزاديءَ
جي تحريڪ ۾ دنيا اندر ڪيئن استعمال ڪيو ويو آهي يا ڪهڙي
ريت استعمال ڪري سگهجي ٿو.

هي ڳالهه مڃيل آهي ته هر فاتح ۽ قابض جي خواهش
هوندي آهي ته سندس فتح دائمي ۽ قبضو لازوال رهي. انکي
ڪوبه لوڏي، ٽوڙي ۽ ختم نه ڪري، فاتح جي اها خواهش ئي
هوندي آهي، جيڪا ڪيس ڪنهن قوم جي ثقافت سان هٿ چراند
لاءِ هر ڪا ٿيندي آهي ۽ هو مقامي قومن جي ثقافت کي ختم ڪري
پنهنجي ٻاهران آندل ثقافت، رسم، رواج، شاعري، موسيقي،
سنگ تراشي ۽ فن کي رواج ڏيڻ، مڙهڻ ۽ مقبول بڻائڻ جي
ڪوشش ڪندو آهي. اها ڪوشش ئي سندس تباهي جو ڪارڻ
بڻجي ويندي آهي. ان جا ڪيترائي سبب ٿين ٿا. مثال طور
فاتح جا علم ۽ فن، فاتح جي مصوري ۽ سنگ تراشي، فاتح جي
موسيقي ۽ شاعري ڪيتري ئي جاندار ۽ حقيقت پسندانه ڇو نه
هجي، ليڪن مقامي ماڻهو ان کي قبول ڪرڻ جي معاملي ۾
شڪ ۽ بي يقينيءَ جو شڪار ٿي انکي ٺڏي ڇڏي ٿو. اهو ان
ڪري جو فاتح جيئن ته مقامي قوم جو دشمن هوندو آهي، ان
ڪري مفتوح قوم کي فاتح جي وجود سان گڏ ان جي هر شي
۽ پيشڪش کان نفرت ٿي پوندي آهي. انهيءَ موقعي تي فاتح
جي خواهش ۽ تمنا هوندي آهي ته سندس هر شيء قبول ڪئي
وڃي، ڇو ته اها اعليٰ ۽ عظيم آهي، بهتر ۽ خوبصورت آهي،
جاندار ۽ حقيقت پسندانه آهي.

ٻئي پاسي محڪوم ۽ مفتوح ماڻهوءَ جي دل ۽ دماغ
ذهن ۽ ضمير جو آواز هوندو آهي ته فاتح جي هر شيء کان انڪار
ڪيو وڃي. ان کي ٺڏيو وڃي ۽ پوري قوت ۽ دلي ڪروڌ
سان اوڏانهن واپس ڌڪيو وڃي جتان اها آئي آهي. ڇو ته اها
دشمن جي آهي، اجنبي آهي، اوپري آهي، ڌارين آهي. ان جي

تخليق ۽ ترتيب ۾ نه اسان جي نه وڙي اسان جي وڏن جي جسماني، ذهني ۽ فڪري محنت جي خوشبوء آهي. ان جي پيٽ ۾ اسان جي هر شيء پياري پياري، مٺڙي مٺڙي، وڻندڙ ۽ دل ٻرڀائيندڙ آهي. ڇاڪاڻ ته ان سان اسان جي محنت ۽ محبت جون يادگيريون وابسته آهن، قومي عروج ۽ اقبال، آزادي ۽ خود مختياري جون شاندار روايتون، لاڳاپيل آهن. اهڙي طريقي سان فاتح ۽ مفتوح جي وچ ۾ هڪ قسم جو ثقافتي تضاد پيدا ٿي پوي ٿو، ۽ ان تضاد جي حل جون ٻنهي طرفن کان ڌار ڌار ڪوششون وڌڻ لڳڻ ٿيون. هڪ طرف طاقت، پروپيگنڊا، اشتهار بازي ۽ تشدد، ٻئي طرف کان لاتعلقي، بيپرواهي، نفرت، شديد ۽ سخت نفرت. قومي غلامي ۽ جي انهيء دور ۾ هڪ محڪوم انسان جي ڌارئين خلاف نفرت ۽ ڪروڌ جو زهر جيڪڏهن هڪ طرف رکيو وڃي ته پوري دنيا جي ٻانگن جو زهر ان جي پيٽ ۾ ڪاڏي حيثيت نه ٿو رکي، اهڙي ريت حاڪم ۽ محڪوم، فاتح ۽ مفتوح، وطن جي ويري ۽ فرزند زمين، ڌورو ۽ ڌريل ۾ هڪ قسم جي ذهني، نفسياتي ۽ اعصابي ڪشمڪش، ڇڪتاڻ ۽ ويڙهه جاري ٿي وڃي ٿي. ٻاهران آيل ڌورو ۽ وطن جو ويري، مقامي ۽ اصلي باشندي ديس واسيء جي هر شيء کان نفرت ڪري ان کي حقارت ۽ ذلت جي نظر سان ڏسڻ شروع ڪندو آهي. هن کي ديسي ماڻهوء جي پٽڪي، سلوار، قميص، کاڌي خوراڪ جي طريقي، زبان، شاعري، ريتن رسمن کان چڙ ٿئي ٿي. هوڏانهن وري ديسي ماڻهو ٻاهرئين جي وجود سان گڏ ان جي پاجامي پان خوري، رامپوري ٽوپي، حليم، نهاري، ان جي حقي، زبان ۽ لهجي، رسمن رواجن کي، پنهنجي لاء پنهنجي معاشري لاء ۽ پنهنجي سر زمين لاء خطرناڪ، زهريلو، هاڃيڪار سمجهي ان جي وجود کان پنهنجي وطن کي پاڪ ڪرڻ لاء هٿ پير هڻڻ شروع ڪندو آهي. اهڙي موقعي مهل ۽ مرحلي تي قومي آزادي ۽

جي تحريڪ جي رهنمائن جو فرض ۽ حڪمت عملي اها ٿيندي آهي ته اهي انهي ذهني، نفسياتي ۽ اعصابي ڪشمڪش، ڇڪتاڻ ۽ سرد جنگ مان فائدو وٺي قومي ثقافت جي بچاءَ ۽ تحفظ، ان جي قدامت ۽ شاندار عظمت جي برقراريءَ جا گيت ڳائي قوم کي قومي آزاديءَ جي جنگ لاءِ اڪٽي وٺي وڃن، تيار ڪن ۽ قومي ثقافت جي نشي کي قوم جي هر فرد جي ذهن ۾ اهڙي ريت ويهارين جو اها ثقافت هنن جي قومي زندگي ۽ قومي موت جو مسئلو بڻجي وڃي. ثقافت جي باري ۾ هيءُ متفق راءِ آهي ته اها پيداواري ذريعن جي واڌاري ۽ اوسر سان گڏ ترقي ڪندي رهندي آئي آهي ۽ ترقي ڪندي رهندي. هڪ عظيم ۽ شاندار ثقافت جي تخليقي لاءِ ڪنهن به قوم جو آزاد هئڻ نهايت ضروري آهي. ان جي حڪمراني ۽ سياست تي ڪنهن جي به بالادستي، تسلط ۽ غلبو نه هئڻ گهرجي. ان قوم جو اقتصادي ڍانچو ۽ معاشرتي سانچو ڪنهن ٻاهرئين ۽ قوروجي دٻاءَ ۽ دونس کان پاڪ هئڻ گهرجي. آزاد قوم ۽ معاشري جو ذهن گهڻو ڪري سلجهيل، حقيقت پسندانه ۽ متوازن ٿئي ٿو. اهڙي قسم جي ذهني سلجهاءَ حقيقت پسندي ۽ توازن جو اظهار سندس هر شيءِ، هر تخليق ۽ هر تعمير مان ظاهر ٿيندو رهندو آهي. ان جي برخلاف غلام قومون ۽ معاشرا، پريشان، ڏتڙيل روزي جي غم ۾ قائل، خوف هراس ۽ ڊپ ۾ مبتلا رهن ٿيون. هو صرف خواب ڏسن، خوابن جي سهاري زنده رهن، دولت جي ميٺهن وسُن جون تمنائون ڪندا رهندا آهن. غلام قومن مان تخليقي صلاحيت جو جوهر نڪري ويندو آهي. هو ذهني ۽ اجتماعي طرح هڪ ٻئي کان ڪٽيل، ڊار، بيزار ۽ پريشان رهن ڪري اجتماعي ثقافتي ڪردار جي فڪر کي جنم ڏيئي نه ٿيون سگهن. صرف پنهنجي وڏن جي نشانين، يادگارن ۽ قصن تي گذارو ڪري پنهنجا ڏينهن پورا ڪنديون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ پري وڃڻ جي ضرورت

ناهي سنڌ جو مثال ٻي آزاد ۽ غلام قومن جي تخليقي صلاحيت ۾ فرق ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. سنڌ جي ثقافت جي قدامت ۾ ڪوبہ شڪ ناهي. سنڌي ماڻهو دراوڙي دور کان پنهنجي وطن ۾ هڪ شاندار تهذيبي ۽ تمدني زندگيءَ جو مالڪ هو. هن مصوري، موسيقي، سنگ تراشي، اڏاوت، زراعت ۽ صنعت ۾ لازوال ترقي ڪئي ڇو تہ هو ان دور ۾ آزاد هو، پر جيئن ئي اڳتي هلي سنڌ تي مسلسل ڪاهون، حملا، هلاڏون ۽ ياغارون ٿيون ۽ سنڌ تي ڪافي وقت تائين غلاميءَ جو غلبو رهيو تہ پوءِ نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ اهوئي تہ، سنڌي قوم پنهنجي ثقافت کي وهندڙ دريا وانگر بنائي نہ سگهي. هن پرت، اڏاوت هنر ۽ حرفت ۽ صنعت ۾ ڪهڙا اضافا ڪيا، ڪهڙا واڌارا ڪيا ۽ سنڌي قوم جي تاريخ ۾ ڪهڙو تمدني دور آيو آهي جنهن کي اسان دنيا جي سامهون فخر طور پيش ڪري سگهون ٿا؟!

اسان وٽ اڄ بہ اها بيل گاڏي آهي جيڪا موهن جي دڙي جي آزاد دراوڙ جي ايجاد آهي. دنيا ان بيل گاڏيءَ کان جيٽ جهاز تي پهچي چڪي آهي. ليڪن اسان ان ڏکي گاڏيءَ جي وزن، ساخت ۽ جوڙجڪ ۾ واڌارو اصلاح ۽ خوبصورتي پيدا نہ ڪري سگهيا آهيون. اسان جي موچيءَ جي هٽ ۾ اڄ بہ اها آر ۽ رنبي آهي جيڪا موهن جي دڙي ۾ دفن ٿيل وئي هئي. هن ڌرتيءَ جو مهڪوائڻ اڄ بہ ڪلون رنگڻ لاءِ اڪ جو کير ۽ ٻير جا ڇوڏا استعمال ڪري ٿو. جيڪي هو عربن جي اچڻ وقت استعمال ڪندو هو. اسان جي هاريءَ جي هٽ ۾ اڄ بہ اهو هر آهي جيڪو آرين جي اچڻ وقت هو. مطلب اهو آهي تہ غلاميءَ جي صورت ۾ ثقافت جي قلواڙي کي نئين، تازي ۽ وهندڙ پاڻيءَ ملڻ جا نيسارا خشڪ ٿي ويندا آهن. اسان انهيءَ ڳالهہ تي فخر تہ ڪري سگهون ٿا جڏهن اسان ٻاهرين سيلانين کي پنهنجي عجائب گهرن ۾ ڏکي گاڏي

۽ چوني ڏيکاري چڻون ٿا ته اسان وٽ زمين کيڙڻ ۽ تيز رفتاري سان باربرداريءَ جا ھي ذريعا ان وقت وجود ۾ آيا جڏھن دنيا جي انسان کي ڪاٺ جو طريقو ئي ڪونه ايندو ھو. عين انهي وقت جڏھن اسان جو قابل آثار ڏيهه جو ماھر فخر سان اھو سڀ ڪجهه ٻڌائي رھيو ھجي ان وقت جيڪڏھن ڪوئي يورپي سيلاني کانئس اھو سوال ڪري ته ”پر اڄ ڏينهن تائين اوھان انهيءَ فن ۽ ھنر ۾ ڪهڙا واڌارا ڪيا آھن ۽ توھان انهن اوزارن جي ذريعي ڪهڙي دور ۾ داخل ٿيا آھيو مهرباني ڪري مون کي اھي اضافا ۽ واڌارا ڏيکاريو؟“

مون کي يقين آھي ته ان سوال تي اسان جي ماھر جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويندو.

حقيقت ۾ آھي به شرم جهڙي ڳالهه، ته اڄ جڏھن دنيا چنڊ تي پهتي آھي ان وقت مشين شين کي نه صرف پنهنجي زندگيءَ جو لازمي جزو بڻايو ويٺا آھيون بر پنهنجي انهيءَ عمل تي فخر ڪري رھيا آھيون. اسان ثقافتي طرح اڄ به موھن جي دڙي واري دور ۾ آھيون، غلاميءَ جي اڌوھي مسلسل کائيندي رھي آھي جو اسان ايترا ڪمزور، نستا، نبل بنجي ويا آھيون جو اسان ۾، ھن قوم ۾ ۽ ان جي فردن ۾ اڳتي وڌڻ پنهنجي ثقافت ۽ تاريخ جي پيرن مان غلاميءَ جون سنگهرون ڇنڻ جي صلاحيت ۽ قوت آھي ۽ نه وري پنهنجي حالت جي ڪا ڳڻتي اونو ۽ فڪر ئي آھي. سادن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو اڄ اسان جو پورو ھي عظيم ديش ۽ ان جا رھاڪو عجائب گهر آھيون، جنهن کي ڏسي دنيا وارا حيرت ۽ تماشو حاصل ڪن ٿا.

آفريڪا ۾ ھن صديءَ جي ڇهين ڏھاڪي تائين ماڻهو ھر ھلائڻ جي فن کان ئي، ناواقف ھئا ۽ ھٿن سان زمين کيڙي ڪرچي آڏيون، ابتيون ليڪون پائي آبادي ڪندا ھئا. پر جڏھن

هنن غلاميءَ جي منحوس پاڇي کي هٽايو آهي ۽ غير ملڪي قبضي جي مهر کي ٽاڪي ڪڍيو آهي. اڄ وقت ڪان نه معلوم هنن جي هٿن ۾ ڪهڙا ڪريڪٽر ۽ اوزار اچي ويا آهن.

انهيءَ بحث جو خلاصو هي آهي ته قومي ثقافت جنهن جي پراڻي ۽ شريف ڪارڪن نشانيءَ سان به عوام کي هڪ قسم جو والهانه عشق ٿئي ٿو تنهن کي اپارڻ ۽ شعلو بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته انکي عوام جي ملڪيت بنائي قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هٿيار طور ڪتب آندو وڃي عوام کي پڙهايو وڃي ته صحيح ترقي يافته ثقافت جي تخليق لاءِ ضروري آهي ته انهيءَ لعنت کي هٽايو وڃي جنهن عام ۽ خاص جي صلاحيتن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. دنيا ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي رهنمائن اهين ئي ڪيو آهي ۽ ڪندا رهن ٿا.

آزاديءَ جون هوائون ۽ غلاميءَ جا منحوس پاڇولا ثقافت جي تخليق ۽ واڌاري لاءِ ٿيندڙ ڪوشش تي اثرانداز ٿي ثقافتي اوسر تي ڪهڙي ريت اثرانداز ٿين ٿا انجو پتو اسانکي سنڌ جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان پوري ريت پوي ٿو. قديم سنڌ جنهن جي واپار ۽ هنر جي هنڌين ماڳين هاڪ هئي. جنهن جي ڪاريگري ۽ هنرمندي سنڌ مان نڪري ڏيساور ۾ انجي پيان مٿاهين ٿيڻ جو ڪارڻ بڻبي هئي، سمنڊن ۽ دريائن جي ڇاتين تي هلندڙ سنڌ جي سامونڊي ٻيڙن جا جهنڊا ۽ ٻيڙين جا سڙهه ڪڪرن وانگر جهومندا ۽ جهولندا هئا. اهو آهو وقت هو جڏهن سنڌ جو ذرو ذرو غلاميءَ جي بدبوءِ کان نا آشنا هو. سنڌي قوم جي دلين ۽ دماغن تي غلاميءَ جي منحوس ديوتا جو پاڇو نه پيو هو. ان وقت ايران جو بادشاهه به تخت تي ويهڻ وقت سنڌي پيرت ڀريل پهراڻ پائڻ پنهنجو شان سمجهندو هو. رسول عربيءَ کي به آزاد سنڌ مان فرحت بخش هوائون محسوس ٿينديون هيون ۽ هو سنڌي اجرڪ استعمال

ڪرڻ ۾ خوشي سمجهندو هو، پر پوءِ جڏهن غلاميءَ جو دؤر شروع ٿيو ته جهڙو سنڌ جي ثقافتي اوسر جي پيرن ۾ زنجير پئجي ويا، واپار بيهي ويو، اجرڪ جي بهتري لاءِ تجربا رڪجي ويا، پرت ۾ نواڻ اچڻ جا سانباها ختم ٿي ويا.

اڳتي هلي جڏهن سومرن ۽ سمن جي دؤر ۾ سنڌي قوم حقيقي آزادي ماڻي ته سنڌي محنت ڪش عوام جون تخليقي صلاحيتون ۽ قوتون ڌمين سر ڪرموڙي اٿيون. لوڪ شاعري، عشقيه داستان، ڪوٽ ۽ قلعا، هر جڳهه اڀرڻ ۽ اسرڻ لڳا. سمن جي دؤر ۾ سنڌي قوم جنهن تخليقي صلاحيت جو ثبوت ڏنو آهي سا حيرت انگيز ڳالهه آهي. جنڊي ۽ ڪاشيءَ جي سامان، اجرڪ ۽ لونگي، گبري ۽ کيس، لونگي ۽ ڪنٽي ۾ انيڪ جا رنگ اوتجي ويا. جنهن ڪپڙي يا ڪاٺ، پٿر يا سر ڪي سنڌي ڪاريگر جو هٿ لڳي ويو ان ۾ وڏيڪ قيرقار جي گنجائش ٿي ڪانه رهندي هئي.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ لطيف جو پيدا ٿيڻ ۽ سنڌي ثقافت کي پنهنجي فڪر ۽ فلسفي جو بنياد بنائڻ آزاد سنڌ ۾ تخليقي قوتن جي جوڀن جو دور آهي. اهو دور مختصر هو ۽ پوري دنيا ۾ جڏهن انساني صلاحيتون پنهنجي اوج تي پهچڻ لڳيون ۽ پراڻا ڍانچا ڊهڻ لڳا ان وقت وري سنڌ تي غلاميءَ جو پاڇو پئجي ويو، سنڌي ثقافت جي رفتار رڪجي وئي. ۽ سنڌ اڄ جي دور ۾ تمام پٺتي پئجي ويئي آهي،ان مان اسانکي آزاد ۽ غلام قومن جي ثقافتي رفتار ۽ وهڪري جي خبر پئجي سگهي ٿي.

قومي تاريخ

قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو پيو بنياد قومي تارناريخ آهي. تاريخ، هڪ مسلسل عمل ۽ لڳاتار وهڪرو آهي جيڪو

قومن جي تشڪيل، پيداواري ذريعن جي واڌاري ۽ انهن جي ذريعي سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي طبقن ۽ گروهن جي پيدائش جي حڪايت ۽ شڪايت پڌائيندو، ٿاهيندو، ڍاهيندو وڌندو رهي ٿو. تاريخ کي صرف بادشاهن، شهزادن، رائين، وزيرن اميرن، لشڪرن، گهوڙن ۽ هاٿين جي لڙاين جهيڙن تائين محدود رکڻ ۽ انهن جو چوڌاري ڦرلٽ وارو وقت ختم ٿي ويو آهي. موجوده دور ۾ حاڪمن، بادشاهن، ڊڪٽيٽرن ۽ سپهه سالارن جي حالت بدلجي چڪي آهي ۽ بدلجي رهي آهي. ۽ ان سان گڏ سندن تاريخ (حشر) به اڄ ڏاڍين جي لکيل اڪثر تاريخ کي اسان هلال پاڪستان جي انهي ۽ سرخي سان پڙهي سگهون ٿا جيڪا ڪاڌ عوام ۽ ان جي لنڊي خوشامد سان پريل ۽ سينگاريل هوندي آهي.

موجوده تاريخ محلاتن، محل سرائن، قلعن ۽ حويلين سان نڪري، مزور جي پگهر، ڪونائي جي جهوپڙي، هاري جي هر ۽ مظلوم جي آهه کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي موضوع بڻائي چڪي آهي.

قومي تاريخ مان مراد آهي زندگي گذارڻ جي طريقن جي پسند ۽ ناپسند بابت ڪنهن قوم جي جدوجهد، هل چل ۽ رد عمل. قومون پنهنجي سر زمين تي زندگي گهارڻ لاءِ ڪي رواج ۽ متا تيار ڪنديون آهن. انهن رواجن، اصولن ۽ متن کي سامهون رکي پنهنجي ملڪ جي سياسي، سماجي، ثقافتي، آرٽ نجوڙجڪ ۽ اڏاوت ڪنديون آهن. اهڙي قسم جي اڏاوت ۽ تعمير کي باقي رکڻ، بچائڻ، مضبوط بنائڻ ۽ انهن ۾ اضافا ۽ واڌارا ڪرڻ لاءِ هڪ قوم جيڪي قربانيون ڏيندي آهي، ڪوششون ۽ ڪاوشون ڪندي آهي. ڇڪريون ۽ چوٽون کائيندي آهي. سي ان جو تاريخي سرمايو آهن. زندگي جي انهي ۽ جنگاهه ۽ معرڪي ۾ ڪڏهن ڪا قوم تباهه ٿي ويندي آهي. ڪڏهن

شڪست کائي بي پتي تي ويهي رهندي آهي. ڪڏهن شڪست جي باوجود، اڻ مٽجڻ لاءِ تيار ڪانه ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن ان جو پورو جسم ۽ وجود زخمن سان چور چور ۽ سند ٻند ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو آهي، پوءِ به هو وڙهندي رهندي آهي، وڙهندي رهندي آهي. ڪڏهن ڪنهن قوم کي رت جو ڦڙو ڏيئي ختم ڪري ان جي هر اداوت کي داهي ڊٿو ڪيو ويندو آهي ۽ هو ڪيتري وقت تائين ساهه کڻي ۽ پنهنجي وجود جو اعلان ڪرڻ جي به اهل ڪانه رهندي آهي.

پر جيئن ٿي انڪي غلامي ۽ ذلت جي زندگيءَ کان هڪ گهڙي لاءِ به ڇوٽڪارو نصيب ٿيو آهي ته هن پنهنجي طاقت قوت ۽ صلاحيت کي پنهنجي قومي وجود کي شانائتي ۽ مانائتي طريقي سان وري زنده ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. ڪن قومن، پنهنجي قتل گهر کي آباد ڪرڻ، اجڙيل آکيري کي ٺاهڻ ۽ وڪ ٿيل گلستان ۾ نوان رنگ ۽ روغن ڀرڻ لاءِ حيرت انگيز قوت جو مظاهرو پڻي ڪيو آهي. جيئن ٻي مهاياري لڙائي کانپوءِ تباه ٿيل جاپان ۽ ويران ٿيل جرمنيءَ جنهن همت ۽ حوصلي سا پنهنجي ملڪن جي نئين سر تعمير ڪئي آهي سا انساني معجزي کان گهٽ ناهي. قومن جي زندگيءَ جو اهڙو ڪوبه پهلو ناهي جنهن کي تاريخ پنهنجي دائري، گرفت ۽ موضوع ۾ نه وٺندي هجي. دنيا ۾ اڪثر ائين ٿيو آهي ته قومن کان پنهنجي تاريخ ٺاهڻ جو حق کسيو ويو آهي. جڏهن به ڪنهن قوم پوري توجه ۽ ڌيان سان پنهنجي تاريخ ٺاهڻ شروع ڪئي آهي ۽ هن جي دل ۾ اهو عقيدو پڪو ۽ پختو ٿيو آهي ته هر قوم کي پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهڻ جو حق آهي ۽ انهيءَ حق ۾ ٻيو ڪوبه دخل اندازي ڪرڻ جو روادار ناهي ته اهڙي وقت تهذيب ۽ تمدن جون ٺيڪيدار جماعتون ۽ قومون، بڪايل لالچي گروهه، نجات ۽ ڇوٽڪاري جون دعويدار سنڌائون،

شائينس ۽ علم جون علمبردار تنظيمون، پنهنجا ملڪ، خطا ۽ وطن ڇڏي ٻين ملڪن ۾ ڪاهي پيون آهن. جتي پنهنجا رسم ۽ رواج، پنهنجون ريتون ۽ ڪريتون، پنهنجا سون ۽ سٽا، پنهنجا قدر ۽ معيار، پنهنجا نظام ۽ نظريا ٻين تي مڙهي، مسلط ڪري، مقامي ماڻهن کي ماري انهن جي تهذيب ۽ تمدن ناس ڪري قومن جي اوسر ۽ ارتقا کي روڪينديون رهيون آهن. آريـن جي اچڻ کان وٺي ايسٽ انڊيا ڪمپني تائين اڻين ئي ٿيندو رهيو آهي. آرين جو چراگاهن جي تلاش ۽ سرسبز ميدانن جي ڳولا ۾ نڪري سنڌ ۽ هند کان اڳتي وڌڻ تاريخ جو هڪ وڏو حادثو آهي، جيڪڏهن آرين جي آفت هتي نـه ڪڙڪي ها تـه دراوڙن جي ذهني ۽ عملي ارتقا جي اها رفتار جيڪا موهن جي دڙي ۾ نظر اچي ٿي سا نـه معلوم ڪٿي پهچي ها ۽ اڄ شايد پوري دنيا جو نقشو بدليل نظر اچي ها. اڳتي هلي يونانين جي سوچ ۽ فلسفي هـن نندي ڪنڊ کي وڏي ذهني مونجهاري ۾ وڌو. ايرانين ۽ عربن هتي جي تاريخ جي وهڪري جي آڏو بند ٻڌا. ارغونن، ترخانن، غورين، غزنوين، حاجـن، مغلن نـه صرف هن ديش جي تاريخ کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو. عوام کان پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهڻ جو حق ڦريو. ۽ انجي تعمير، ترقي ۽ واڌاري لاءِ ٿيل ڪوشش کي ملياميٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انگريزي سرشتي هن خطي جي تاريخ کي بلڪل نئون رخ ۽ نئون موڙ ڏنو.

اهي سڀ قومون، جماعتون، تنظيمون، گروهه ۽ ٽولا جيئوٽيڪ انهيءَ نظريي تحت هتي آيا هئا جنهن هيٺ آريا ۾ هنن نون ايندڙن مان هرڪو پاڻ سان ڪا نـه ڪا ٽئين دعوي به ڪئي ايندو رهيو.

يوناني ڌرتدن جو چوڻ تـه اهانکي روءِ زمين تي حڪومت ڪرڻ جـو حق آهي ڇو تـه اُنهان سڌريل نظام ۽ فلسفي جا

خالق ۽ ڏٺي آهيون. ايراني بگهڙن جي اها بڪواس ته اسان کي دنيا تي حڪومت ڪرڻ جو حق آهي ڇو ته اسان ڪورش ڪبير جو اولاد ۽ عظيم زرتشت جي روشنيءَ جا علمبردار آهيون. عرب رهزنن جي ڌاڙ ته اسان دنيا ۾ عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. هنن کي اسيين ۾ اچڻ لاءِ به هڪ عصمت لٽيل ڇوڪري سڏيو هو. سنڌ مان به هڪ قيدي ڇوڪريءَ جا ٻول هنن جي ڪنن ۾ پريا هئا. اهي سڀ حربا، اٽڪلون ۽ بهانا پنهنجي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ هئا. ڪتي هلي ساڳيءَ انهيءَ سوچ ۽ نظريه جي دليل جي آڌار تي فرانسيسين، ڊچن، پورچگيزن ۽ انگريز پادرين جي هٿ ۾ بائيبل ڏيئي تهذيب ۽ تمدن جو نام نهاد جهنڊو جهولائي دنيا جي قومن کي غلام بنايو، لتاڙيو، چيپاٽيو ۽ چٿيو. قومن جي تخليقي صلاحيتن کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو.

هنن نظام دکن سان دوستي ڪري ٽيپوءَ جا ترا ڪڍيا، مير جعفر کي مدد ڪرڻ جي دلاسي تي سراج الدوله کي شهيد ڪيو. هنن ميرصوبدار ۽ ميرعلي مراد کي حق وٺي ڏيڻ جي بهاني سان سنڌ جي آزادي ختم ڪئي. اهڙي ريت قومن ڪان پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهڻ وارو حق ڦريو رهيو، کسيو رهيو، ۽ ڌاريون قومون جيڪي ڪجهه هتي ڪنديون رهيون سو سندن مفاد وٽان ته هو ليڪن مقامي قومن جي فائدي وٽان هرگز ڪين هو، تنهن ڪري فاتح قومن جي نڪرڻ وقت مقامي ماڻهو ذهني طرح انهيءَ جاءِ تي بيٺو رهيو ۽ اتي ئي سوچيندو رهيو، جنهن جاءِ ۽ سطح تي فاتح جي اچڻ وقت هو. مون مقامي ماڻهو جي سوچ جو جملو استعمال ڪيو آهي ان مان منهنجي مراد آهي عام ماڻهو. نه هڪ وفادار ۽ مخصوص دلال ٽولو. انهيءَ پوري بيچ ڏاهه ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو موجود رهيا آهن.

هڪڙا اهي جن پنهنجي تاريخ کي ڌارين جي قبضي ۽ تسلط کان بچائڻ لاءِ چڪريون ۽ چوٽون کاڌيون، پوري قوم جي آرزوئن ۽ امنگن جا ترجمان بڻجي ڌارين، ڌاڙيلن، ڦورن، لٽيرن، سان آخري دم تائين وڙهندا رهيا رت وهندي به وڙهندا رهيا، انهن جي جنگ، انهن جي ويڙهه ۽ ٽڪر ۾ ڌرتيءَ واسين جون همدرديون، مددون ۽ نيڪ تمنائون انهن سان شامل هونديون هيون.

انهن جنگين جي متعلق اسانکي اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته تلوار جيتوڻيڪ هڪ جي هٿ ۾ هوندي هئي ليڪن ان جي چمڪ ۽ تيزيءَ لاءِ پوري قوم جون آسروند اکڙيون سراڻ جو ڪم ڏينديون هيون. جهنڊو جيتوڻيڪ هڪ جي هٿ ۾ هوندو هو ليڪن پوري قوم پنهنجي عزت ۽ آبرو انهيءَ جهنڊي جي اڏام ۽ سر بلنديءَ سان وابسته سمجهندي هئي، لاش ڪٽي هڪڙي جو ڪرندو هجي پر دليون پوري قوم جون رتو ڇاڻ ٿي وينديون هيون، شڪست هڪڙو بادشاهه کائيندو هو پر اها شڪست پوري قوم جي شڪست بڻجي ويندي هئي ۽ سيني راڄن ۾ روڄ ۽ راڙو مچي ويندو هو. ان ڪري اهڙا بهادر ۽ ڪونڌر، اهڙا سرويچ ۽ سوڍا، اهڙا جهونجهار ۽ دولهه قوم جي تاريخي رفتار ۽ اوسر جو حصو هوندا آهن، نيا اهي دانا ۽ دلير انسان جن پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڌارين ۽ ڌاڙيلن جي هٿن مان ان جي واڳ ڇڏائڻ لاءِ، سرفروشي ۽ جان نثاري، دليري ۽ همت کان ڪم وٺي آزاديءَ جي جنگ شروع ڪئي. اهڙا ماڻهو جيتوڻيڪ ٿورا هوندا آهن ليڪن پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي دلين ۾ ٽانڊاڻن جيان چمڪندا، اڀرندا ۽ اونداهين راهن کي روشن ڪندا ويا. پاڻ گهائل ٿي، لال لهوءَ ۾ ليٽڙجي به آزادي ۽ انقلاب جي واٽ ٺاهيندا ۽ تيار ڪندا ويا. اهڙن انسانن جي ذهني، فڪري ۽ جسماني قربانين ۽ ڪاوشن

پنهنجي قوم جي ذهنن ۾ آزاديءَ جا لافاني چراغ ٻاريا. انهن جو فڪر ڪڏهن شاعر ۽ اديب جي قلم مان رت جي ڦڙن ۽ تحريرن جي صورت ۾ ٽپڪيو آهي. ڪڏهن لوڪ گيت بڻجي ڪنوارن ڇوڪرين جي چاشنيءَ تي آواز جي صورت ۾ رقص ڪرڻ لڳو آهي. ڪڏهن نوجوانن، پوڙهن، مردن، عورتن ۽ سپاهه آزادي جي مجريل هجومن ۾ نعرو بڻجي جوش ۽ جولان پيدا ڪندو رهيو آهي. اهي ماڻهو ئي حقيقت ۾ قومي تاريخ جو شاندار عنوان هوندا آهن. جن نور نچويو، جن قومن ۾ آزاديءَ جي امنگ پيدا ڪرڻ لاءِ رت ڏنو، قومي تاريخ جي رفتار کي تيز تر بنائڻ لاءِ پنهنجي حياتيءَ داءَ تي لڳائي. هتي اچي انهي بحث ۾ پوڻ ڪونه ٿو چاهيان ته تاريخ تي فرد جو ڪيترو اثر پوي ٿو ۽ نوان نوان نظريا ۽ لاڙا انساني تاريخ جي تعمير ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪن ٿا؟

تاريخ قومون ٺاهينديون آهن. تاريخ جي اهم واقعن ۽ موڙن لاءِ سياسي ۽ سماجي حالتون ميدان سازگار بنائينديون آهن. طاقت ور ۽ غير معمولي ۽ فولادي شخصيتون تاريخ جي اڳڀرائي کي تيز بنائڻ لاءِ پرن جو ڪم ڏينديون آهن.

انهيءَ سلسلي ۾ اسان مارڪسزم ۽ سماجواديت جي مثال کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. مارڪسزم مارڪس جي حياتيءَ ۾ بطور فلسفي جي پوري يورپ ۾ پکڙجي ويو هو ۽ لينن جي حياتيءَ ۾ ته پوري دنيا ذري گهٽ ان جي لپيٽ ۾ اچي چڪي هئي. پر سماجواديت قائم ٿي ته روس ۾ انهيءَ لاءِ جتي روس جون سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتون جوابدار هيون اتي لينن جهڙي عظيم استاد ۽ سندس سائين جي شخصيتن کي به نظرانداز ڪري نه ٿو سگهجي. هندوستان ۽ چين ٻئي زرعي ملڪ هئا ليڪن هندوستاني ڪميونسٽن کي ڪو به مائوزيتنگ ملي نه سگهيو جيڪو چين کي ملي ويو. ساڳي ريت لاطيني

آمريڪا جا پيا ملڪ به هڻا ۾ سماجواديت فاتحانه طور ڪيوبا ۾ داخل ٿي ان لاءِ اسان فيڊل ڪاسترو جي پروقار شخصيت کي نظر انداز ڪري نه ٿا سگهون.

بهرحال تاريخ جي تعمير ۽ جوڙجڪ، اڏاوت ۽ اڏام ۾ فولادي ارادي وارين شخصيتن جو ڪجهه نه ڪجهه حصو مڃڻو ٿي پوندو، انهيءَ ڪري دنيا جي هر قومي انقلابي تحريڪ آزادي پنهنجي جاکوڙ ۽ جدوجهد دوران قومي تاريخ جي عظيم الشان شخصيتن کي اپاريو آهي، انهن جي چرنن ۾ عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن. عوام وٽ انهن کي هيرن جي حيثيت ۾ پيش ڪري انهن جي ڇڏيل يا شروع ڪيل ڪم کي توڙ تائين نباهڻ جا اعلان ۽ اقرار ڪيا اٿن.

حقيقت ۾ قومي تاريخ جي انهن اڻٿڪ ۽ بي نظير شخصن جي ياد قوم ۾ هڪ عجيب ۽ غريب جوش، ولولو، همت ۽ مردانگي پيدا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ غلام قومن جا ماڻهو آزاديءَ جي تحريڪ دوران پنهنجي ماضيءَ جي ننڍڙي فتح تي فخر ۽ شڪستن مان سبق حاصل ڪندا آهن. پنهنجي پونءَ جي انهن ميدانن پنهنجي پيشانيءَ تي تلڪ طور لڳائيندا آهن جن ميدانن ۾ سندن ابن ڏاڏن جو رت هاريو ويو. آزاديءَ جا پرستار انهن لڪن ۽ لنگهن کي اکير ۽ اکنڊ سان ڏسندا آهن جتان فاتحن جا لشڪر سندن سرزمين ۾ داخل ٿيا، انهن ڳوٺن ۽ شهرن، قلعن ۽ ڪوٽن، مندرن ۽ مسجدن، ڪڏين ۽ اڏائن، بندرن ۽ بازارين تي سيس نمائيندا آهن جيڪي دشمن جي حملن ۽ يلغارن ۾ تباهه ٿي ويا هوندا آهن.

قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي رهبرن، رهنمائن ۽ ڪارڪنن جو فرض هوندو آهي ته هو پنهنجي تاريخ مان مواد حاصل ڪري نهايت سياڻپ ۽ ڏاهپ سان پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪن. قومي تاريخ جي هيرن جي يادين کي پنهنجي

عوام جي دلين جي دروازن تي ائين لٽڪائي ڇڏين جيئن مندر جي دروازي تي گھنڊ لٽڪيل هوندو آهي. جڏهن انهن هيرن جون قربانيون عوام کي ڪنهن مقصد لاءِ سڏين ته هو آزاديءَ جي جهنڊي جي اڏام ڏانهن ائين ڊوڙي جيئن شام ويلي سوٽا ڳئون پنهنجي وٿاڻ ڏانهن ڊوڙندي آهي. جڏهن به آزاديءَ جي ديوي (خون، خون) جي طلب ۽ پڪار ڪري ته وطن جو ٻچو ٻچو سر تان آهو لاهي ميدان ۾ نڪري اچي.

تاريخ جا اهي دور جڏهن وطن جو ذرو ذرو آزاد هو، انجا چانڊاڻا ۽ مانڊاڻا آزاد ۽ ايترا رسيلا هئا، جهڙا مرڪندڙ محبوب جا چپ. انجي بندرن ۽ بازارين ۾، ٿهل ٺڪور ۽ جهرمر هئي، انجي آڏائڻ ۽ ڪڏين مان زندگيءَ سان پرپور ڪيئي ياديون ۽ داستان جنم وٺندا هئا. جڏهن وطن جي فضائن ۾ خوشحالي ۽ آسودگيءَ جا رنگ برنگي پوپٽ پرڙا ڦڙڪائيندا هئا. جڏهن ڪنهن جي هانوءَ تي هول نه هو، پٽن تي پوچ هو، تلين ۾ پلر جي پالوٽ هئي، ان ارزان هو ۽ ڪنهن ڏڪاري جو ڏيهه ۾ وجود ئي ڪونه هو.

پوءِ وري قومي تاريخ جا اهي دور، وقت، سال ۽ صديون جڏهن غلاميءَ جي ڏيو قوم جي گذران جي وسيلن تي قبضو ڪري انجي جسم مان زنده دلي ۽ زندگيءَ جو رت ۽ ست نپوڙي ڇڏيو. اهي اهڙيون شيون آهن جن کي گانڌيءَ کان وٺي مجيب تائين، لينن کان وٺي ڪاسترو تائين ۽ ناصر کان وٺي ساموراماشيل تائين، هر انقلابي، قوم پرست ۽ وطن دوست رهنما پنهنجي تحريڪ ۾ استعمال ڪيون آهن ۽ اڄ به دنيا جي مختلف حصن ۾ قومي انقلابي تحريڪن جا بيدار مغز رهنما استعمال ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڪري قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو بنياد قومي تاريخ بنائڻ گهرجي ۽ انکي پنهنجي قومي هيرن جي ڪارنامن سان سينگاري قوم اڳيان پيش

ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي قومي تاريخ کان منهن موڙڻ، لاپرواهي ۽ غفلت اختيار ڪرڻ سبب قومي ڪارڪن، قومي نفسياتي لاڙن، ذهني لاڙاڻن، وقت بوقت بدلجندڙ رجحانن کان بي خبر رهجيو وڃي. نتيجي طور هو صحيح تنظيم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري نه ٿو سگهي ۽ نه ٿي نيڪ طريقي سان ڪم ٿي ڪري سگهي ٿو. ان ڪري هن ۾ ايتري صلاحيت، اهليت ۽ واقفيت پيدا ٿي نه ٿي سگهي جو هو عالمي حالتن ۽ انقلابن کي پنهنجي سرزمين تي صحيح طريقي سان استعمال ڪري سگهي ٿو.

هڪ قومي ڪارڪن کي پنهنجي تاريخ جي نڍي کان وڏي واقعي نڍي کان وڏي فتح يا شڪست، تيزيءَ اٿل پٿل تي ذهن ۾ رکي قوم جي ذهن ۽ ضمير تي پوندڙ ان جي اثرن کي جاچي، پرکي، پروڙي، پنهنجي قومي تاريخ جي گهرائي ۽ گهير ۾ وڃڻ کان سواءِ خبر نه پئجي سگهندي ته ڪهڙيون ڳالهيون هن جي منهنجي قوم ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ڪري ٿي. ڪهڙيون ڳالهيون آهن جن جي ڪري قوم ۾ منفي قسم جو اشتعال پيدا ٿي سگهي ٿو. ڪهڙيون شيون آهن جن کي منهنجي قوم زندگيءَ ونگر پياريون سمجهي ٿي. آخر ۾ اهي ڪهڙيون شيون، بيماريون ۽ بڇڙايون آهن جن قومي زندگيءَ جي جسم ۾ ناسور پيدا ڪيا آهن ۽ اهي بيماريون ۽ بڇڙايون، اهي ناسور ۽ مرض، اهي وڍ ۽ چير پيدا ٿيڻ لاءِ ڪيتري قدر اندروني خرابيون جوابدار آهن ۽ ڪيتري حد تائين ٻاهرين جو قبضو ۽ تسلط، پرماريت ۽ لٽ مار دخل انداز آهي؟ انهن بيمارين کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيل ماهي ٿيندڙ ڪوششون ۽ مٿا ماريون ڇو ڪامياب نه ٿيون آهن؟ اهي سڀ شيون قومي تاريخ جي موضوع ۽ بنيادي نڪتن سان ئي معلوم ٿي سگهن ٿيون. آخر ۾ اها قومي تاريخ ئي آهي جنهن جي ذريعي خبر پئجي سگهي ٿي ته مختلف وقتن ۾ ڪ

جي پيداواري ذريعن جي ڪهڙي حالت رهي آهي؟ ۽ انهن قوم جي اجتماعي زندگيءَ جي بيداري يا غفلت ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو به قومي تاريخ ئي ٻڌائي سگهي ٿي ته ٻني ۽ وني تي سر ڏيڻ جي رواج کي قومي آزاديءَ جي وات ۾ ڪيئن استعمال ڪجي.

دنيا جي هڪڙي وڏي مفڪر ۽ مدبر، (جيڪو پاڻ اڻ پڙهيل، اڻ سڌريل ۽ بقول سامراجين هڪ وحشي قوم ۾ پيدا ٿيو ۽ جنهن جدوجهد ذريعي پنهنجي صدين جي غلام قوم کي آزاد ڪرايائين) چيو آهي ته آزاديءَ جي معنيٰ هن کان سواءِ ٻي آهي ئي ڪانه ته قوم کي پنهنجي تاريخ پاڻ ناهڻ جوڙڻ جو کسيل حق واپس ڪيو وڃي. اهو کسيل حق واپس وٺڻ لاءِ خود تاريخ کي بنياد بنائي جدوجهد هلائي سگهجي ٿي.

قومي زبان

ڌاريون ۽ ٻاهريون قوتون ڪنهن ملڪ ۽ قوم تي قبضي ڪرڻ شرط محڪوم قوم جي جن شين کي ختم ڪندو آهي يا ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، تن ۾ مان زبان به آهي.

ڪنهن قوم جي زبان کي ختم ڪرڻ لاءِ هرو ڀرو ضروري ڪونهي ته آرڊر جاري ڪري ان جي ڳالهائڻ تي بندش وڌي وڃي، (اگرچه ائين به ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيو پيو وڃي) بلڪ زبان ختم ڪرڻ لاءِ فاتح ۽ حاڪم ٽولو مقامي زبان جي وڌڻ، ويجهڻ ۽ ڦولارجڻ جا جيڪي به ذريعا هوندا آهن تن کي پنهنجي ڪنٽرول ۽ قبضي ۾ وٺي زبان جي اوسر جا رستا روڪي ڇڏيندو آهي ۽ ان جي بجاءِ پنهنجي زبان جي نشر و اشاعت شروع ڪري ڏيندو آهي. مثال طور ريڊيو، اخبار، ڪتاب، رسالو، سائن بورڊ، نيم پليٽ، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي هر جڳهه پنهنجي زبان

رائج ڪري مقامي زبان کي بي دخل ڪندو آهي.

ريڊئي تي گيت هوندا ته غير مقامي زبان ۾، شاعري هوندي ته ڌارين جي زبان ۾، خبرون هونديون ته غاصبن جي زبان ۾، اشتهار، تقريرون، مقالا ۽ تبصرا مطلب ته نشر ڪرڻ جي لائق هر شي مقامي زبان ۾ ڪانه هوندي.

فاتح وٽ جيئن ته پنهنجي ملڪ ۽ قبضي هيٺ آيل ملڪ جو پڪو جڳهي انداز ۾ هوندو آهي. ان ڪري هڪ جنسي ڊائجسٽ کان وٺي فني ڪتاب تائين غير مقامي ۽ اوپري زبان ۾ لکايا، پڙهايا ۽ پکيڙيا ويندا آهن. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڌارين زبان رائج ۽ چالو ڪري پڙهائي ويندي آهي. فاتح جي سکڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ تي وڏا وڏا انعام مقرر ڪري، وڏا عهدا ڏيئي مقامي ماڻهوءَ کي لالچي ۽ دانشور کي خريد ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن حاڪم جي زبان کي ديس واسي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندو آهي ته ٻهرين مٿس تشدد ڪيو ويندو آهي. پر ان سڀ جي باوجود به ڪڏهن سندس زبان کي رواج نه ملي سگهيو ته پوءِ بهرحال مقامي زبان کي ختم ڪرڻ لاءِ نئين زبان گهڙڻ، ٺاهڻ، چالو ڪرڻ جون تدبيرون ۽ حيلا ڪيا ويندا آهن. جيئن مغلن نئين ڪنڊ جي مقامي زبانن جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ نئين زبان اردوءَ کي ايجاد ڪري، فوجي، نوڪرين، جاگيرن، درباري ڪرسين جي لالچ ۽ لوڀ ذريعي ماڻهن تي مڙهي رواج ڏنو، پا جيئن انگريزن پنجاب، بلوچستان ۽ پختونستان ۾ اتي جي مقامي زبانن تي اردوءَ کي ترجيح ڏيئي مقامي قومن کي پنهنجي قومي زبانن کي ترقي ڏيارڻ کان روڪيو ۽ جهڙي ريت اڄ به پاڪستان ۾ پاهران آيل مغل سامراج جي ايجاد ڪيل زبان کي مسلط ڪري مقامي زبانن کي ختم ڪيو پيو وڃي.

هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته زبانن جون

صورتخطيون (لپيون) ٺاهيون، گهڙيون ۽ جوڙيون ويندڀون آهن پر زبانون ايجاد ۽ اختراع جي هنر کان سواءِ وجود ۾ اينديون آهن، شايد دنيا ۾ هر شي ٺاهڻ لاءِ ڪونہ ڪو ڪارخانو موجود هجي پر ٻولي ۽ زبان ٺاهڻ لاءِ اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ ڪارخانو تيار نہ ٿيو آهي. ٻوليون هزارها سالن جي انساني معاشري جي ميل جول، وندر ورونهہ، لهہ وچڙ ڪري وجود وٺنديون آهن. اهي مختلف دورن، مرحلن، زمانن ۽ حالتن مان گذرنديون، لهجا بدلائينديون، ڪي اکر اڇلائينديون، ڪي جهلا ڪنديون، ٽڙنديون ٽاڙنديون، انساني سماج جي تاريخ سان گڏوگڏ اچي ڪا هڪ صورت ۽ شڪل اختيار ڪنديون آهن. اهڙيون زبانون ماڻهن جون قومي زبانون شمار ٿينديون آهن. جن ۾ ڪنهن قوم جو ادب شاعري، گيت، سنگيت، تاريخ، تمدن محفوظ ٿيندا ويندا آهن. اهڙين زبانن جو هر لفظ، هر جملو، هر سٽ ۽ هر شعر مقامي ماڻهوءَ لاءِ ايڏو دلڪش ۽ پيارو هوندو آهي جهڙي ڏاڙهونءَ ڪڻ جهڙن چپن جي اوت مان ليئا پائيندڙ مرڪ. ان جي ابتڙ ڌارين ۽ اوپري ٻولي مقامي ۽ ديس واسيءَ لاءِ پنهنجي اندر ڪابہ فطري ڪشش نہ رکندي آهي. ان جو هر جملو، هر سٽ ۽ هر پيرا ديس واسيءَ لاءِ اهڙي ئي ڪڙي هوندي آهي جهڙو ٿوهر جو کير.

عام طرح چيو ويندو آهي تہ ڪابہ زبان خراب، بڇڙي ۽ ڪاڇيڪار نہ هوندي آهي تنهن ڪري ڌارين جي ٻوليءَ کان نفرت ڪرڻ خود قابل نفرت فعل آهي. انهيءَ باري ۾ هڪ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ سٺائي، بڇڙائي، شرافت، رذالت، بڇائي نيڪي، چڱائي، خرابي ڪي دائمي ابدي ۽ قطعي ڪونہ ٿينديون آهن.

جيڪي شيون، ڳالهہ يا اڄ ڪن ماڻهن لاءِ چڱيون، سٺيون ۽ شرافت سان ڀرپور رهيون آهن، سي ٻين لاءِ خراب،

نقصانڪار ۽ ذلت جو سبب رهيون آهن. انهيءَ نقطهء نظر موجب ڏٺو صرف هي پوندو آهي ته ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا ظالمن ۽ غاصبن لاءِ هٿيار طور استعمال ٿئي ٿي ۽ ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا ظلم ۽ زبردستي، ڌاڙي ۽ بدمعاشيءَ کي جاري رکڻ لاءِ بنياد بنجي رهي آهي؟

هڪ بارود جي ذخيري جو جيڪو دشمن جي قبضي هيٺ اچڻ جو يقين ٿي ويو آهي سو هاڻي زهر جي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي اگرچه ڪجهه وقت اڳ اهو ان قوم جي بچاءَ جو ذريعو هو ان ڪري هاڻي انهيءَ ذخيري کي تباهه ڪرڻ گهرجي. ڪاڏي پيتي ۽ مواصلات جا اهڙا ذريعا جيڪي دشمن جي مضبوطي جو ڪارڻ ٿين تن کي ختم ڪرڻ گهرجي. اهڙا ڪارخانا جن ۾ هلاڪت خيز هٿيار تيار ٿين ٿا، جتي روزانه هڪ لک ماڻهن کي روزگار ملي ٿو پر ان سان گڏوگڏ انهن ڪارخانن ۾ روزانه ٻن لک ماڻهن جي موت جو سامان ٺهي ٿو ۽ اهو سامان جن ماڻهن جي خلاف استعمال ٿيڻ جو امڪان نه پر يقين هجي انهن ۾ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزور به شامل هجن ته اهڙي ڪارخاني کي باقي ڇڏڻ انسانيت دشمني آهي.

ساڳيءَ ريت جيڪڏهن ڪا به زبان سامراجي مقصد پورا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ۽ مقامي قوم جي لٽ مار ۽ بربريت ۽ ذلت جو سبب بنجي ۽ ڌارين جي حاڪميت کي جيترو سنڌس لشڪر ۽ انتظاميا هٿي ڏين انهن کان وڌيڪ ڪا زبان هٿيار طور ڪتب اچي ته پوءِ ڌارين سان گڏ، سامراجين سان گڏ اهڙي زبان ۽ ان جو واهپو به نفرت لائق آهي. تباهي ۽ بربادي لائق آهي ۽ ڌارين جي ديس نيڪاليءَ جي مهم ۾ ان زبان کي به ته بخشڻ گهرجي. ننڍي کنڊ جي هڪ مفڪر جو قول آهي ته ”جيڪا شي غلط استعمال سبب خرابين جو سبب بنجي ۽ بيشمار خرابيون ان مان جنم وٺڻ شروع ڪن ته اهڙي شي کي بهرحال ختم ٿيڻ گهرجي“ انهيءَ ڪسوٽيءَ تي ڌارين ۽ ٻاهران مڙهيل زبانن کي پرکڻ گهرجي. خاص ڪري اهي

زبانون جيڪي سامراجي ۽ غاصب قوتن پنهنجي اقتدار ۽ اختيار کي مضبوط ۽ مستحڪم بنائڻ لاءِ ايجاد ڪري مڙهيون هجن اهڙين زبانن جو پورو سرمايو ۽ مقصد اهو هوندو آهي ته غلام ملڪ جي ماڻهن کي گونگو، ٻوڙو ۽ جاهل بنايو وڃي.

قومي ۽ مادري زبان جو مسئلو هن وقت تعليم کان اڳتي وڌي اقتصاديات جو لازمي حصو ۽ جزو بنجي ويو آهي

هن ڳالهه کان ڪوبه انڪار ڪونه ڪندو ته ماڻهو مادري زبان کان وڌيڪ ڪنهن به زبان ۾ نه پوري طرح سمجهي سگهي ٿو ۽ نه وري پنهنجي خيالن کي ظاهري ڪري سگهي ٿو. بهترين، اثرائتي، مفيد ۽ نتيجي خيز تعليم اهائي ٿي سگهي ٿي جيڪا مادري زبان ۾ ورتي ۽ ڏني وڃي، ٻارين جي زبان ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سان به انسان ۾ اهي صلاحيتون، لياقتون ۽ اهليتون پيدا ٿي نه ٿيون سگهن ۽ نه ئي اهو ڪمال حاصل ٿي سگهي ٿو جيڪو مادري زبان ۽ قومي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ مهارت حاصل ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

سنڌ اندر ڪنهن سمي فارسيءَ جو عروج رهيو، انڪي ڏسي سنڌي عالمن به فارسيءَ ۾ طبع آزمائي ڪرڻ شروع ڪري پاڻ کي فارسي دان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن انهن جو پورو علم ۽ ادب، شاعري ۽ انشاپردازي فارسيءَ وارن وٽ ٽڪي جي اهميت حاصل ڪري نه سگهيون.

برصغير ۾ انگريزن جي وقت ۽ حڪمرانيءَ دوران ڪيترن اديبن ۽ دانشورن پنهنجي تحرير ۽ تقرير جو ذريعو انگريزيءَ کي بنايو. ليڪن انهن جون ڪوششون انگريزي ادب ۾ ڪا خاص جاءِ والاري نه سگهيون.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪيترن سنڌي شاعرن اردوءَ ۾ شاعري شروع ڪئي جيئن شيخ اياز ۽ رشيد احمد لاشاري، پر اردوءَ وارن انهيءَ قسم جي شاعريءَ کي ڪنگهيو ئي ڪونه.

جيڪڏهن اڄ اردو رسالن ۾ اياز جي شاعري ڇپجي ٿي ته اها سندس سنڌي شاعري آهي جيڪا اردوءَ جي جامي ۾ اُگهاڙي ٿي پوي ٿي. هن نندڍي ڪنڊ تي دنيا جي هڪ سڌريل زبان انگريزي مڪمل طور رائج رهي پر هتي انهيءَ زبان جي ذريعي ڪو به عظيم شاعر، فلاسفر ۽ سائنسدان پيدا ٿي نه سگهيو. ان جي ڀيٽ ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي اندر تباهه ٿيل جرمني ۽ جپان ۽ صدين جي ڇيهاٽيل چين پنهنجي پنهنجي مادري زبان جي ذريعي سائنس ۽ صنعت ۾ اهم مقام حاصل ڪري ورتو آهي. اسان جو پاڙيسري ملڪ ڀارت ٢٩ سالن جي عرصي ۾ پنهنجي قومي زبان ذريعي سئي ڪان وٺي جيٽ جهاز ۽ ٽينڪ ڪان وٺي ايٽم بم تائين هر شي پاڻ ناهڻ لڳو آهي. اهو ئي سبب آهي جو حاڪم ٽولا ۽ قومون مقامي محڪوم ماڻهن جي ذهني، فڪري ۽ عملي صلاحيتن کي مفلوج بنائڻ لاءِ تعليم جو ذريعو ڌارين آڌل هٿرادو ۽ حاڪمن جو هٿيار ٿي استعمال ٿيندڙ زبان کي بنائيندا آهن. جيئن مقامي ماڻهو زندگيءَ جي هر ميدان ۾ اڻ ڄاڻ، جاهل، پٺتي پيل ۽ ناقص رهي. هن جي سمجهه، اڌوري علم، اڻ پورو ۽ قابليت گهٽ ٿيندي وڃي جيئن نه هو سياست کي سمجهي سگهي، نه صنعت کي پرکي سگهي. نه سائنس کي پروڙي سگهي ۽ نه وري هنر ۾ اڳتي وڌي سگهي تان ته اهڙي هلي انهيءَ قوم جا اهڙا اڻ سڌريل، اڻ پڙهيل، نيم حڪيم، نيم ملان ۽ نيم فلاسفر قوم کي ڇوٽڪاري جي صحيح واٽ نه ٻڌائي سگهن. صرف ترجمن جي ذريعي نقالي ڪندا رهن ۽ جيڪڏهن ظاهري طرح اسانکي قبضو ڇڏڻو به پوي ته اها قوم هنر، فن، ٽيڪنالاجي ۽ سائنس ۾ اسان جي محتاج رهي، ۽ اسان هميشه هميشه لاءِ پنهنجي ماهرن جي وسيلي ان ملڪ جي دولت ميڙيندا ۽ ڦريندا رهون.

اهڙن ملڪن کي جيڪڏهن تربيلا ڊاهڻو پوي ته آمريڪي

ماهر اچن، سپر هائي وي، جي اسڪيم تيار ٿئي ته يورپي فرمون ٺيڪيدارن ٻڌجن. جيڪڏهن تيل جي تلاش ڪرڻي پوي ته ٻاهريان اچن ۽ جيڪڏهن ڪمند پيڙڻ جو ڪارخانو لڳائڻو هجي ته طوطا چاپ چيني ماهر اچي ڪڙڪن. مطلب ته اسرندڙ ملڪ آزاديءَ ڪان پوءِ به هڪ قسم جي غلاميءَ ۽ محتاجيءَ ۾ رهندا اچن.

بدقسمتيءَ سان اسان وٽ عام طرح چيو ويندو آهي ته عام ماڻهوءَ کي زبان يا ٻوليءَ جي مسئلي سان ڪا به دلچسپي ڪانه هوندي آهي. ان ڪري قومي تحريڪ ۾ زبان جي مسئلي کي بنياد بنائڻ مان ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪرندو. اهڙن ماڻهن کي اسي فيصد پورهيت ماڻهن جي ڳالهه ڪرڻ جي باوجود اسي سيڪڙي عوام جي زبان سان ڪا به دلچسپي ڪانه هوندي آهي ۽ نه وري همدردي. اهڙي قسم جا ماڻهو زبان جي مسئلي کي اهميت ڏيندڙن کي رجعت پسند مشهور ڪري انهن جي خلاف پروپيگنڊا ڪندا آهن.

پر حقيقت هيءَ آهي ته عام ماڻهوءَ کي جيتري تڪليف زبان جي متعلق پيش اچي ٿي سا انتهائي اذيت ناڪ آهي. ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ٿاڻي ڪان، وڏي ڪورٽ ٿاڻن، ٿاڻون ڪميٽيءَ ڪان وٺي اسيمبليءَ هال ٿائين، ننڍڙي دڪان کان وٺي شاپنگ سينٽر ٿائين هر ميدان ۾ ڌارين ٻوليءَ جو ڏنگيل، آزاريل ۽ ايذائيل آهي. هو پوليس ٿاڻي تي فرياد نه ٿو لکائي سگهي. عدالت ۾ وڪيل، جج، فريادي ۽ شاهد جي گفتگو سمجهي نه ٿو سگهي. هن کي دڪاندار وٽ نه شيءِ جو اگهه چڪائڻ ٿو اچي ۽ نه وري اگهه پڇائڻ. هن کي نه دوا جو نالو ٿو اچي نه وري خود دوا، پاڻ جي پوريءَ جو ليبل ۽ پاڻ جو نالو پڙهڻ نه ٿو اچي، هن کي ٽڪيٽ ۽ گاڏيءَ جون هدايتون ٿيون سمجهه ۾ اچن نه وري هوٽلن ۾ کاڌي جو مينو. اهڙيءَ ريت هو هر جڳهه تي منجهيل، پريشان، ان ڄاڻ، اڪيلو ۽ گهٽيل رهي ٿو، هر جڳهه ٺڳجي ٿو، هر جڳهه لٽجي ٿو، هر جڳهه مسخري، طنز، ٺٺول،

ڪل ۽ مخول جو نشانو بڻجي احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي پنهنجي نظرن ۾ هيسيل، هراسيل ۽ نيچ رهي ٿو. انهيءَ ڪري زبان ۽ ٻوليءَ جو مسئلو عام ماڻهوءَ جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. جنهن کان ڪِن ٽار ڪرڻ، عوام جي بنيادي ضرورتن کان انڄاڻائيءَ جو ثبوت آهي ۽ اهڙا ماڻهو هڪ قسم جي منافقيءَ جو شڪار ٿي حاڪمن جي عوام دشمن، وطن دشمن ۽ قوم دشمن پاليسيءَ ۾ ڀائيوار آهن. هڪ ڳالهه ٻي ڪئي ويندي ته عوام جا اقتصادي مسئلا ٻوليءَ کان وڌيڪ اهم آهن ان ڪري ٻوليءَ کان وڌيڪ انهن کي اهميت ۽ اوليت ڏيڻ گهرجي.

جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته اها ڳالهه، اهو دليل ۽ اهو منطق به گهٽ سمجهه، مٿاڇري نظر ۽ انڄاڻائي جو کليو کلايو ثبوت آهي. جنهن جو مطلب هي ٿيو ته ٻوليءَ جو اقتصادي پست حالي يا خوش حالي، ترقي يا تنزل، غريبي يا شاهوڪاريءَ سان ڪو به واسطو يا تعلق ڪونهي ۽ اها محض ڳالهائڻ جو ذريعو آهي ۽ بس.

حقيقت ائين ناهي پر اصلي ڳالهه هيءَ آهي ته جيئن آءٌ اڳي لکي آيو آهيان ته موجوده دور ۾ ٻولي صرف ڳالهائڻ، گفتگو ڪرڻ، شاعري ۽ افسانه نويسيءَ تائين محدود نه رهي آهي پر اقتصادي زندگيءَ جو وڏو ٿنڀو آهي، جنهن تي قومي معشيت جي عمارت جو گهڻي حد تائين بنياد آهي.

هي ٻولي ئي آهي جنهن جي ذريعي سول سروس، پوليس ۽ فوج جي سکيا جا امتحان ٿين ٿا ۽ ان جي ذريعي نوڪريون ملن ٿيون. چيف سيڪريٽري کان پٽيوالي تائين، I-G کان ڪانسٽيبل تائين، ڪمانڊر انچيف کان سولجر تائين وائيس چانسلر کان ماستر تائين ڪهڙي نوڪري آهي جنهن جي حصول ۾ ٻوليءَ جو دخل ناهي ۽ زبان ان ۾ بنيادي ڪردار ادا نه ٿي ڪري، هر

اداري جي نوڪريءَ ۾ اهوئي ماڻهو چونڊجي ٿو جيڪي سگهندو جنهن جي ٻولي ۽ زبان متعلقہ اداري ۾ رائج هوندي آهي. روزگار ۾ اڄوڪي دور اندر ڪارخانن، پريس ريڊيي، ٽي-وي ۽ فلم کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. ڪارخانن تي جنهن زبان ۽ ٻوليءَ وارن جو قبضو هوندو آهي سي ئي ڊائريڪٽر، مئنيجر ۽ مزدور ٿين ٿا. اخبارون جنهن زبان ۾ نڪرنديون آهن انهن جي پوري آمدنيءَ تي هڪ ئي زبان وارن جو قبضو هوندو آهي. خصوصاً اڄ جي دور ۾ جڏهن صحافت تجارت بنجي ويئي آهي. انهن اخبارن ۾ ڪاتب، پروف ريڊر، ايڊيٽر، رپورٽر، هڪڙي ئي زبان جا مسلط ٿين ٿا. ريڊيي ۽ ٽي- وي تي ترجمان ڪندڙ، ٽائيپسٽ تبصره نگار، ڪاپيسٽ، اناؤنسر، ڳائيندڙ، سازندا، خبرون پڙهندڙ ڪيلي گرافر، ميڪ اپ مين، ڊزائنر، انهيءَ زبان ۽ ٻوليءَ جا هوندا آهن جيڪا ملڪ جي قومي ۽ سرڪاري زبان هوندي آهي. انهن سڀني ادارن مان هرهڪ ادارو ٻهيئي ۾ هزارها ماڻهن کي روزي، عزت ۽ شهرت ڏئي ٿو.

اڳتي وڌندي اسان ڏسون ٿا، دڪانن جا سائن بورڊ، روڊن جون نيم پليٽون، اسٽيشن جا نالا، سئنيمائن جا پوسٽر، جنهن زبان ۾ هوندا انهيءَ زبان جي لکيا ماڻهن کي روزگار ملندو رهندو آهي. ڪتب خانا هلائيندڙ، بڪ اسٽالن جا مالڪ، اخبارن جا هاڪر ۽ پيا ملڪ تي راڄ ڪندڙ زبان ۽ ٻوليءَ جي ذريعي بڪن، بيروزگاري ۽ غربت کان بچي وڃن ٿا. مطلب هي آهي تہ روزگار جو اهڙو ڪوبہ گوشو ۽ مسئلو ناهي، جنهن سان ٻولي ۽ زبان جو واسطو نہ هجي. موجوده دور ۾ ٻولي ۽ زبان ذريعي وڏو استحصال ڪيو وڃي ٿو ۽ اهو استحصال هڪ گونائي کان وٺي دانشور ۽ شاعر تائين هرهڪ جو ٿئي ٿو. ان ڪري ٻوليءَ کي اقتصادي مسئلي کان ڌار ڪري ڏسڻ انتهائي شرمناڪ ۽ جهالت سان ڀرپور ڳالهہ آهي. ٻوليءَ کي قومي يا سرڪاري بنائڻ مان

مقصد ان ٻوليءَ جي ترقيءَ سان گڏ اهو به هوندو آهي ته ان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن، لکندڙن ۽ پڙهندڙن کي وڌ کان وڌ روزگار جا موقعا موجود ڪري ڏنا وڃن. اهو ئي سبب آهي جو حاڪم ٽولا پنهنجي زبان کي مڙهڻ لاءِ هر اداري، هر دفتر، هر دڪان ۽ هر ڪارخاني سان تنڙي ڏيهه نيڪالي ڏيئي ڇڏيندا آهن.

هن ساري بحث جي روشنيءَ ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جا ڪارڪن ٻوليءَ کي ئي سڀ انکي قومي تحريڪ جو بنياد بنائيندا آهن. ڇو ته ٻولي اهو واحد لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو آهي جيڪا بنان ڪنهن طبقاتي تضاد جي پوري قوم ۾ هڪجهڙو هوندو آهي. پوري قوم جو لازوال سرمايو، مقدس ميراث ۽ بي نظير ورثو جيڪڏهن ڪو هڪ ئي سگهي ٿو ته اهو صرف ٻولي ئي آهي. حقيقت ۾ قومن جي زندگي ۽ وجود ٻوليءَ جي زندگي ۽ وجود تي مدار رکي ٿو. ان ڪري هڪ قومي تحريڪ جو حقيقي وجود زبان ۽ ٻوليءَ جي مسئلي کان سواءِ بيڪار ۽ بيفائدو آهي.

وطن جي محبت

قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو بنيادي پٿر حب الوطني آهي.

حب الوطنيءَ مان مراد آهي، پنهنجي ملڪ ۽ ان جي حسين سرزمين جي ذري ذري سان محبت، انڌي اڪير ۽ پيار.

پنهنجي وطن جي ڪرڙن ۽ ڪنڊن، لين ۽ لائن، ٻيرن ۽ پيرين، چارين ۽ ليارن، ڳاڙين ۽ ڳگرالين، ڍنڍين ۽ ڍورن، پٽن ۽ ڏهرن، جبلن ۽ لڪن، ٻنين ۽ ٻارن، شهرن ۽ ريگستانن ويرانن ۽ گلستانن، ان جي زمين ۽ آسمان، موسم ۽ مهل، فضا

۽ ماحول، واهوندن ۽ جهونن، جهڪن ۽ واچوڙن قصن ۽ ڪهاڻين لوڪ گيتن ۽ ڳجهارتن، مارن جي مرڪن ۽ ٽهڪن، پيار جي پڇاڻن ۽ پريت جي پيوندن سان اڻ مٽي الفت ۽ انس.

وطن جي سونهن ورنهن شامن، محبوب جي مرڪ جهڙن ڏکن، چيٽ جي چانڊوڪين ۽ ڀيا جي وارن جهڙين اماسن جي ڌري ڌري ڪي ماه جي رفتار سان ڳنڍيل ۽ جيءَ ۾ جايون ڏين.

جيستائين ڪنهن قوم ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي مستي هاٿيءَ وانگر ڇلندڙ دريائن ۽ راڪاس وانگر گجگوڙ ڪندڙ سمنڊن، امر ويلي پکين ۾ آزادي ۽ مسرت جي موسيقي ڇيڙيندڙ پکين، انهن جي انڌاڌي ڪنين ۽ زندگيءَ سان ڀرپور اڏامن، روهه ۾ ڪونجڙين جي ڪڪڪي سان نينهن جي نشي جا ڪيپ نه ٿا چڙهن، ان وقت تائين ان قوم ۾ قومي آزادي ۽ خودمختاري جو تصور ۽ خيال پيدا ٿي نه ٿو سگهي. هن جي سامهون ڪائي منزل واضح ٿي نه ٿي سگهي. وطن جي محبت کان سواءِ ڪائي تحريڪ عالمي مهم جوئي جو هڪ حصو هوندي آهي ۽ ان جي معرڪن لاءِ هر وقت نوان دليل ۽ عقل جون ٻوڙون هلائيڻون پونديون آهن. ڪائي قوم هن ڌرتيءَ تي آزادي ماڻي نه ٿي سگهي جيستائين هن جي ذهن ۾ حب وطن جو باشعور جذبو عشق جي حد تائين پيدا ٿي نه پوي. قومون هميشه ڌرتين سان وابسته رهنديون آهن، ڌرتيءَ کان ڪٽيل ڪابه قوم پنهنجو وجود برقرار رکي نه ٿي سگهي. وطن سان محبت هڪ اهڙو مثبت جذبو آهي جيڪو قومي کي چڪمڪ وانگر ڇڪي وٺندو آهي. جنهن ڌرتيءَ جي پيدائش انسان جي رڳن ۾ رت بڻجي ٻوڙي رهي هجي. جنهن سر زمين جو پاڻي انسان جي جسم ۾ ماءُ جي ٿڃ وانگر ٻوڙي رهيو هجي.

جنهن سر زمين جي ٽڪري ۽ مٽي واريءَ تي انسان جي ننڍپڻ پانبڙاٽيون پاتيون هجن. جنهن ڌرتيءَ جي حسن سان هن

جي اک پهريون پيرو آشنا ٿي هجي. جنهن وطن جي هنج ۾ انسان جي سرمست جوانيءَ آس ۽ ياس جا ڪيئي ديپ جلايا هجن. جنهن ملڪ جي پاڪرن ۾ هن جوانيءَ جي امنگ سان ڀرپور پهريون خواب ڏٺو هجي. جنهن سر زمين تي رسٽ ۽ برڇٽ ڪچهرين ۽ رهاڻين جا انيڪ داستان دفن ٿيل هجن. جنهن جي مٽيءَ جي خوشبوءِ انجي روح ۾ رچي ڪيس راس بنايو هجي ۽ جتي جڳن کان سندس وڏن جي جسمن ۽ امنگن جون چتائون دفن ٿيل هجن. اهڙي ڌرتيءَ جي آزاديءَ جو جذبو جوش فرزندان زمين جي دلين ۾ پيدا ٿي پوندو آهي ان وقت. اهي دنيا جي وڏي کان وڏي طاقت سان ٽڪرائجي ويندا آهن. ڦاسين جي تختن تي مرڪندي چڙهڻ کان اڳ ۾ جهڪي پنهنجي ڌرتيءَ کي چميون ڏيندا آهن ۽ جلاد جي تلوار هلڻ کان اڳ ۾ رڙ ڪري چوندا آهن ته:

"خدا جي واسطي منهنجي اکين تان پٽي کوليو، آءٌ آخري پيرو پنهنجي غلام پر آزاديءَ ڏانهن وڌندڙ سرزمين کي ڏسي وٺان ۽ ان جو پورو حسن پنهنجي نگاهن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيان."

ڪي سياستدان زمين جو ٽڪرو حاصل ڪري ان جي مصنوعي محبت انسانن جي دلين ۾ پيدا ڪن، پر اهڙا ملڪ جن جي جاگرافي قدرت جوڙي هجي. جن جي فضائن کي فطرت حسن جي تلائن ۾ وهنجاريو هجي. جن جي ثقافت کي فرزندان زمين جي صدين جي محنت مايه دار ۽ دلڪش بنايو هجي انهن سان محبت انسان جو فطري حق ۽ پيدائشي چڪ آهي.

اڄ ڪلهه ڪي ماڻهو چوندا آهن ته انسانن جي ڪاڏي جي ڳالهه کان سواءِ ڌرتيءَ جي ڳالهه ۽ محبت بي معني آهي. ان ڪري وطن سان محبت وارو جذبو ڪوبه پوتو ٻاري ته ٿو سگهي اهڙن ماڻهن شايد هي ڳالهه نظرانداز ڪري ڇڏي آهي

ته جيئن زمين بظاهر غير فاني آهي، تيئن انسان به ظاهري طرح
اڻ مٽ آهي. ڌرتي ۽ انسان لازم ملزوم آهن. ڪنهن زمين جي
ويران ٽڪري کي چمن لائق انسان ئي بڻائيندو آهي. جڏهن
ڌرتيءَ وطن ۽ ملڪ سان محبت جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ته ڏهن
لازمي طرح ان انسان جي ڳالهه ڪجي ٿي جنهن زمين جي
ٽڪري کي جنت ارضي ۾ بدلايو آهي. اهڙي جنت، جنهن ۾
جوڏي [illegible] هاريءَ جي محنت، باوقار انسان جي جاکوڙ
[illegible] جي [illegible] واديءَ جي وانهولي، ڪارڻي جي ڏڻ، متر کي
[illegible] اڻ، موچيءَ جي آر، رازي جي چوني، شاعر جي گيت،
اد[illegible] جي علم، ڪنواري هٿ جي پيرت ۽ وينجهر جي ٻڙي
[illegible] جي [illegible] جي پاڪبازگي ۽ زندگيءَ جي هل چل پيدا ڪئي
آهي. [illegible] ڪڏهن به ڌرتيءَ کان ڪٽيل نه رهيو آهي. هن
[illegible] ڪوششون ۽ محنتون، جاکوڙون ۽ ڏوڙون ان ڌرتيءَ
[illegible] ۽ [illegible] لاءِ وقف رهيون آهن ۽ هن هڪ نئون
[illegible] پنهنجي دنيا ڪائنات تخليق ڪئي آهي. انهيءَ
[illegible] کي [illegible] تباهه ۽ برباد ڪيو وڃي، ويران ڪيو
وڃي. [illegible] وڃي ۽ فرزندان زمين جي دلين مان وطن جي
محبت جو جذبو ختم ڪيو وڃي يا اهڙيون ڪوششون ٿين لڳن
[illegible] هي وقت قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي رهنمائن جو نه
[illegible] اهم فرض آهي ته هو پنهنجي ديس واسين جي
دلين ۾ ديس جي ڌرتيءَ جي محبت پيدا ڪن. ان جي ڏينهن
جي چانڊوڪي [illegible] پيڙين مان ڳايدا هو پيدا ڪن.
سر جي [illegible] ۽ [illegible] جي محبت پيدا ڪن ۽ [illegible] ته هي
[illegible] جي [illegible] سر زمين جنهن [illegible] ۽ [illegible]
گلابي مهاڳن وارن ماڻهن کي جنم ڏنو، جنهن جي ڪنارن تي
لهندڙ سج، جون لاموتيون [illegible] وچائين اُهيون. جنهن جي شامن
جي سرخي پرينءَ جي ڳلڙن تي ڇانيل لالاڻ جي ياد ڏياري ٿي.

جنهنجي آڪاش جي وسعت ۾ هنن پکين جي چال سان هلندڙ پورا ناسي بادل، ماضيءَ جي ساموندي ٻيڙن جي جهنڊن جي جهولڻ جو ڏيکاءُ ٿا ڏين. جنهنجي چانڊوڪين ۾ چڪور جون اداسون ڪوٺي انوکو گيت ڳائيندي نظر ايندا آهن. جنهنجي درياهن جي ڪنارن تان جڏهن پيار ۽ پريت جا لافاني ٻر هلڪڙا داستان ستارن جي چال سان تلڻ لڳن ٿا. سياري جي شروعات ۾ جڏهن ٻرن جون چوٽيون اڇا مولهيا پائن ٿيون، ون ڦوٽ ۾ جڏهن ٿوهرن جي گلن ۾ ڪنوارن جهڙن ڳاڙهن ڪان ورڪ ميناج پيدا ٿي پوي ٿو. جڏهن هن سرزمين جا پيلا صف بند فوج جو نمونو پيش ڪن ٿا. جڏهن پٽ تي بيٺل ڪونيٽ جو وڻ اوسيڙي ۾ بيٺل بانهاري جي ڏيکاءُ ڏئي ٿو. جڏهن توهانجي شاندار جڏاين جا منگهه پري ڪان توهانکي سلام ڪندا نظر اچن ٿا. جڏهن هن ڌرتيءَ جي ٻنين ۾ مٽڙي ماڻهوءَ جي سرڪ وانگر سرنهه جا گل ٽڙي پون ٿا. جڏهن ڪٽڪ جا سون ورنا سنگ انقلابي جهنڊي وانگر بلند ٿيندا رهن ٿا. تڏهن اهو سڀ ڪجهه توهانجو آهي. توهانجي محنت آهي. هن حسين ڌرتيءَ جي دين آهي. ان حسن ۽ هڪار، ان سونهن ۽ سينگار، ان جوڀن ۽ جسمار سان پوري ريت لطف اندوز ٿيڻ ۽ انکي باقي رکڻ لاءِ ضروري آهي ته اُن تان ڌاريں، ڦورن، لٽيرن ۽ رت پياڪ رهزنن جو قبضو ختم ڪيو وڃي ۽ تسلط هٽايو وڃي.

سڄي دنيا جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ ڏٺو آهي ته جڏهن هنن ڪي آهڙي قسم جي اپيل ڪئي وئي آهي ته ماڻهو ائين محسوس ڪري اٿيا آهن ته جڻ ڪائي ٻرڙي اڀل ڪان سڏي رهي آهي. ڪائي للڪي ابهن جي وڇڙي ۾ هنين ڪان هنجون هاري رهي آهي. ڪائي روپا ڪوٺن جي انتظار ۾ روئي رهي آهي. ڪائي مڪلي وري ڪنهن دريا خان جي انتظار ۾ آهي. ڪائي اروڙ اڄان به اجاڙ آهي، ٻيهو اهو جڏهن

وطن واسين لاءِ ڏرتيءَ جي دانهن بنجي ويندو آهي. پانهياري جي هٺ جي لوڏ بنجي ويندو آهي. ڪنهن ڪنواري ٿهڪ جي موسيقي بنجي ويندو آهي ۽ هو انهيءَ دانهن، انهيءَ لوڏ، انهيءَ موسيقيءَ کي ماڻڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه داءَ تي لڳائي ڇڏيندا آهن.

آزاديءَ جا فائدا

قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي بنيادن مان هڪ بنياد آزاديءَ جي فائدن ۽ غلاميءَ جي نقصانن کي مقرر ڪرڻ گهرجي. موجوده دور ۾ ڪن چاين تي قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهڻ لاءِ چيو ويندو آهي ته آزادي ڇو ۽ ڪنهن جي لاءِ؟

اهڙي قسم جي سوالن پڇندڙ ماڻهن جي پيش نظر اهو هوندو آهي ته جيڪڏهن قومي آزادي سماجواديت وارو نظام نه ٿي ڏئي ته پوءِ اهڙي قومي آزاديءَ جي ڪابه ضرورت ڪونهي. اهڙي آزاديءَ کان غير ملڪي غلامي بهتر آهي. اهڙن ماڻهن جي گهرج ۽ خواهش کان قطع نظر ڏٺو وڃي ته اهڙي قسم جي سماجوادين ۽ مسلم ليگين جي طريقه ڪار ۽ نقطء نظر ۾ ڪوبه فرق نظر نٿو اچي. جن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن انگريزن جي وڃڻ سان اسلامي نظام قائم نه ٿو ٿئي ۽ پاڪستان نه ٿو ٺهي ته پوءِ بهتر آهي ته انگريزن جي حڪومت رهي، غلاميءَ جو گهانگهو ڳچيءَ ۾ پيو هجي ۽ محڪوميت جي ڪارنهن پلي اسانجي چهرن تي مليل رهي، اسان پل قومي ذلت ملڪي خواري ۽ باهمي انتشار جو شڪار رهون.

اهڙن ماڻهن جي پيش نظر آزادي بذات خود ڪا شيءِ ناهي اها صرف سماجواديت جي اڏاوت ۽ تعمير لاءِ هڪ ذريعو آهي ۽ سماجواديت جيڪڏهن قابض ڌرين طرفان تحفي طور ڏني

وڃي ته پوءِ قومي آزاديءَ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ۽ پوءِ قومي آزادي ۽ خود مختياريءَ لاءِ جدوجهد جي ڪابه ضرورت ناهي. اهڙي قسم جا ماڻهو محڪوم ملڪن ۾ روسي ۽ چيني لابين جي آڙ ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجندا رهن ٿا. چيني ڪميونزم جي جارحاڻي ديو تبت جي قومي آزادي ختم ڪري اتي مائوڪٽ جارحيت پسند سوشلزم رائج ڪيو ته چيني لابي (عظيم) مائوجي انهيءَ جارحاڻي قدم تي خوشيءَ وچان نچڻ لڳي.

ساڳي ريت مونکي، هڪ اهڙي ڪميونسٽ (جيڪو پاڻ کي روسي لابيءَ سان ڳنڍيل سڏائيندو آهي) چيو ته جيڪڏهن پوري ننڍي کنڊ ۾ سماجواديت قائم ٿي وڃي ۽ انجي نتيجي ۾ سنڌ هندوستان جي غلاميءَ ۾ هلي وڃي ته اسانکي سنڌي قوم جي اهڙي غلاميءَ تي ڪابه ڳڻتي ڪانه ٿيندي.

اهي ماڻهو حقيقت ۾ پنهنجي وطن، سرزمين ۽ قوم ڪان وڌيڪ پنهنجي نظريه سان وفادار ٿيندا آهن.

جڏهن ته قوم پرستن جو چوڻ آهي ته قومي آزادي بجاءِ خود وڏي اهم شي آهي ۽ اها هر قسم جي نظام، نظريه ۽ طرز حڪومت کان بالا تر هوندي آهي، ڇو ته غير ملڪي ۽ غير قومي حاڪميت هڪ اهڙي لعنت آهي جيڪا قومن جي ذهني، اخلاقي، روحاني ۽تخليقي قوتن لاءِ قاتل زهر ثابت ٿئي ٿي. غير قومي غلامي فرد جي تعمير، ترقي ۽ ذاتي شناخت ۾ رڪاوٽ بڻجي انجي ذات جي اندروني نظام کي جهوري، پوري ڀاڃي، ڦتائي، ڪچلي، ڇچري فرد جي دل تي هڪ قسم جو هراس، خوف ۽ بيوسي، دماغ تي بار، وزن ۽ بوجهه طاري ڪري ڇڏي ٿي. انکري هو پنهنجي شخصيت جي اڪيلائپ اداسائي، خوف ۽ هراس کي لڪائڻ لاءِ، ختم ڪرڻ لاءِ وقتي طرح ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ تيز نشي جو ۽ جنسي تسڪين

تي زور ڏيئي. انهن ۾ شين ۾ هاڻ کي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته سستي ۽ تيز نشي جو هر وقت واهپو هن جي اعصاب کي ڪمزور ڪري زندگيءَ جي حوصلي، ولولي ۽ امنگ کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي. نتيجي طور هن مان اڳتي وڌڻ ۽ تخليقي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿيو وڃي.

جنسي تسڪين ۾ هردم پناهه وٺڻ ۽ پنهنجي ذات کي وسارڻ وارو عمل ٻن قسمن جي خرابين کي جنم ڏئي ٿو. بيماري، ڪمزوري، گهڻي اولاد سان گڏ بي پناهه غربت؛ شاديءَ واري صورت ۾ اهو نتيجو. اڻ پرڻيل جي صورت ۾ بيشمار خونريزيون پيدا ٿين ٿيون. غلام ۽ محڪوم ملڪن ۾ انهن ٻنهي خرابين بيشمار نقصان پهچايا آهن.

قومي دولت جي ڦرلٽ (غلاميءَ جي حالت ۾) جي بدلي ۾ شهري ۽ پڙهيل طبقن ۾ حاڪم ٽولي جي معيار زندگي تائين پهچڻ واري خواهش بي پناهه ڪرپشن (Coruption) پيدا ڪندي آهي. حاڪم ٽولو، هوٽل، ڪلب ۽ بنگلي کي چڪلي ۽ عشرت ڪدي ۾ تبديل ڪندو آهي. جتي حاڪمن ۽ انهن جي ديسي دلالن جي عيش لاءِ محڪوم قوم جون عورتون راند ڪن وانگر پنهنجون راتيون وڪڻنديون رهنديون آهن. ويٽ نام ۽ جپان ۾ آمريڪي فوجين جي موجودگي واري حالت اسانجي سامهون آهي. ڪڏهن دانشور انهن حالتن تي تبصرو ڪندي لکيو آهي ته ”جيڪو شهر ۽ ملڪ فاتحن جي حملن ته زد ۾ ايندو آهي ان جي دولت ٿي پر عصمت به لٽبي آهي. فاتح چڪلا قائم ڪندا آهن ۽ مفتوح رنڊين کي جنم ڏيندا آهن“ غير ملڪي آقائن ۽ حاڪمن وٽ سرخرو ٿي ترقي ڪرڻ لاءِ ديسي دلال ۽ وطن فروش، پنهنجي ڏيهه جي ڇانئين کي وڪڻي سان گڏ مادر وطن جي فرزندن جي ڇانئين ۾ گولين سان سوراخ ڪندو آهي.

غير ملڪي غلامي ٿي آهي جنهن ڪا هڪ قوم ڪي ٻاهرين دنيا ۾ ذليل ڪندي رهي ٿي.

پهرئين جنگ عظيم وقت هندوستاني مسلمانن، ترڪن جي مدد ڪئي ۽ وڏي موڪليا. ۾ هندوستاني مسلمانن جي انهيءَ مدد جي عيوض ترڪن مٿن تنولي ڪئي جيو ته ”غلام آيا آهن هڪ آزاد قوم جي مدد ڪرڻ“ غير ملڪي ۽ غير قومي حڪومت ۽ قبضو ڪيترين قدر تباهه ڪن آهي انجو اندازو اهان آزاد ۽ غلام قوم جي فردن جي تخليقي صلاحيتن کي ڏسي لڳائي سگهو ٿا.

سترهين صدي ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جون قومون محڪوم بڻجڻ لڳيون. انهو وقت هو جڏهن يورپ ۾ مزدورن ننڍڙيون ننڍڙيون خود ڪار مشينون ٺاهڻ شروع ڪري ڏنيون هيون جن اڳتي هلي وڏين ديو پيڪر مشينن جي شڪل اختيار ڪئي. يورپ جا اهي مزور آزاد هئا. ايشيا ۾ انهيءَ وقت تي بهترين ڪاريگرن ۽ هنرمندن جون صلاحيتون مفلوج ٿيڻ شروع ٿيون جو ته هنن جي محنت، پورهئي، تخليق، صلاحيت، سوچ ۽ پلان تي يورپي ڌاڙيلن حملا شروع ڪري ڏنا ۽ ايشيا ۽ آفريڪا ۾ غلاميءَ جو بدترين دور شروع ٿيو.

غير ملڪي ۽ غير قومي حاڪميت محڪوم قوم ۾ جيڪا وڏي بيماري پيدا ڪندي آهي سا آهي اختلاف ۽ انتشار جي بيماري.

ٻاهرين حاڪم ڏر هترادو جهڳڙا پيدا ڪرائيندي آهي. هوءَ قبيلي کي قبيلي سان، وڏيري کي وڏيري سان، هاريءَ کي هاريءَ سان، سردار کي سردار سان، پٽيل کي پٽيل سان ۽ مکي کي مکي سان ويڙهائيندي رهندي آهي. هيءَ مشاهدي ۾ آيل ڳالهه آهي ته غير ملڪي حاڪميت ۽ قبضي ڪان پوءِ ڪنهن قوم ۾ قوت ٽٽجي ويندي آهي، پوري قوم ۾ اختلاف ۽ انتشار

جي باهه پڙڪي اٿندي آهي- جيئن سنڌ ۾ خاص ڪري مغلن جي دور ۾ امان ڪي پنهورن، سميجن ۽ ٻين قبيلن جمون پاڻ ۾ ڇڪريون ۽ چوٽون نظر اچن ٿيون.

هڪ غلام قوم جي فردن ۾ لڙائي، جهيڙو، قتل، خونريزي جرم ۽ گناهه، ڪار ۽ فساد ننڍي ٻار ڪان وڏي مرد تائين نظر ايندا آهن.

سوال هي آهي ته غير قومي ۽ غير ملڪي قبضو ڪهڙي مصيبت آهي جا هڪ قوم جي فردن کي هڪ ٻئي جي رت جو پياسي بڻائي ڇڏي ٿي ۽ هو هڪ ٻئي جا جاني دشمن بڻجي وڃن ٿا.

جمال ناصر لکيو آهي ته ۱۹۵۲ع جي انقلاب کان پوءِ اسان مصر ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان ملي ڪائنش مصر جي نئين اڏاوت لاءِ تجويزون طلب ڪيون. وڏن عالمن، اديبن، پروفيسرن، دانشورن ۽ مفڪرن، وڏيرن، هارين ۽ مزدور ليڊرن اسانکي جيڪي ڪجهه مشورا ڏنا تن تي جيڪڏهن اسان عمل ڪريون ها ته اڄ مصر ۾ ڪوبه ماڻهو زنده نه بچي ها. هر هڪ ٻئي جي گلا ڪئي هر هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ جو مشورو ڏنو. اهو تجزيو ڪندي جمال ناصر لکيو ته صدين جي غير ملڪي غلامي مصرين مان اجتماعيت جي سوچ ختم ڪري ڇڏي هئي.

انهيءَ سلسلي ۾ ناصر لکيو آهي اهو سڀ ڪجهه سامراج جي مشهور پاليسيءَ جو جزو آهي ته:

"ورهايو ۽ حڪومت ڪريو"

حاڪم ڌرين، قابض ڌرين ۽ ڌورو طبقن هميشه انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪيو آهي ۽ نئين سامراجيت جي ديوار جو پورو دارومدار انهيءَ پاليسيءَ تي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ناصر جو هڪ جملو اڄ عربي ادب ۽ زبان جو مثال ۽ پهاڪو بڻجي ويو آهي

"جيڪڏهن ممند جي تري ۾ ٻه مڇيون پاڻ ۾ وڙهنديون
ڏسو ته پڪ سمجهو اها سامراج جي سازش آهي"

اها بيماري پيدا ڪرڻ لاءِ هو حاڪم اهڙا سبب پيدا ڪندا آهن جو محڪوم ديسي ماڻهو ۾ نفاق ۽ اختلاف جي باهه ڀڙڪي پوندي آهي: اهو سمجهه صحيح. ليڪن محڪوم ماڻهن ۾ اختلاف ۽ انتشار جا ڪجهه نفسياتي سبب پڻ آهن، جيڪي غير ملڪي ۽ غير قومي قبضي ۽ حاڪميت ڪري پيدا ٿيندا آهن. آءٌ هتي پنهنجي وس آهر انهن سببن جي نشان دهي ۽ مطالعي جي هڪ راهه پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، ممڪن آهي نفسيات جا ماهر ۽ عالم ان باري ۾ وڌيڪ رهنمائي ڪن. اسان وٽ هڪ مصيبت اها به رهي آهي ته وڏن ۽ هاڃيڪار قومي بيمارين جي متعلق هميشه اهو چيو ويندو آهي ته اهي سڀ وڏيري جون پيدا ڪيل آهن ۽ تمام قومي بيمارين جو جوابدار صرف اهو ئي طبقو آهي. اهو انهيءَ صورت ۾ صحيح هجي ها جڏهن صنعتڪار، وانگر وڏيري ۾ به پوري ريت پنهنجي طبقاتي مفاد جي تحفظ جو شعور پيدا ٿئي ها ۽ هو هڪ منظم طبقي جي حيثيت پنهنجي ۾ نظام (جيڪو پنهنجو پيدا ڪيل ۽ ايجاد ڪيل هجي) جي بچاءَ تحفظ ۽ فروغ لاءِ ڪوشش ڪري ها. پر هتي اسان وٽ اڃين ته ٿي رهيو آهي، وڏيرڪو نظام ڍهندو پيو وڃي. سندي وڏيري پيو ته ڏهيو پر ڏڍن جي هڪجهڙائي لاءِ ڪڏهن به طبقاتي متحده ڪوشش جو مظاهرو نه ڪيو ۽ هن ۾ به اهي تمام قومي بيماريون موجود آهن جيڪي قوم جي هيٺين طبقن ۾ آهن. گوياڪ غلامي جي اها مشترڪ ميراث آهي جنهن ۾ وڏيرو ۽ هاري برابر ورثا پيا آهن.

منهنجي سمجهه ۽ مطالعي جي حد تائين قومي انتشار ۽ خونريزيءَ جا نفسياتي سبب هي آهن.

(١) جڏهن ڪنهن ملڪ جي ماڻهن تي ڪائي ڌر طاقت

جي زور سان قبضو ڪري ويندي آهي، ان وقت غلام ۽ محڪوم ماڻهو پنهنجي پاڻ کي ابن ڏاڏن جي روايتن جي معرفت سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ انهن جي روايتن جي سهاري تي پاڻ کي زنده رکڻ جي جاکوڙ ڪندو آهي. انهيءَ ڪري هو ٻٽي مصيبت ۾ گرفتار ٿي پوندو آهي. ابن ڏاڏن جي روايتن جي آڌار تي هو پاڻ کي طاقت ور، پهلوان ۽ ناقابل شڪست سمجهڻ تي قائم هوندو آهي ته ٻئي طرف ڏسندو آهي ته انهن سڀني شاندار روايتن ۽ ڳالهين جي باوجود هيءَ ڌارين قوم ۽ ماڻهو مون تي قبضو ڪري ويا. تنهنجي معنيٰ هي نوان آيل ناقابل شڪست آهن. اهي مان کان وڌيڪ پهلوان، بهادر، هوشيار ۽ لائق آهن. انهيءَ احساس هيٺ شرط هو ڌارين جي سامهون پنهنجي شڪست ذهني طرح قبول ڪريو وڃي. پر انهيءَ ذهني شڪست سان گڏ (جيڪا ڌارين جي سامهون آهي) هو اباڻي بهادري ۽ دليريءَ تان ڪنهن به صورت ۾ هٿ کڻڻ لاءِ تيار ڪونهي. جنهن دلاوريءَ تان هو هٿ نه ٿو کڻي ۽ جيڪا فاتح جي سامهون ڪائي حيثيت نه ٿي رکي (سندس سوچ مطابق) انکي هو پاڙيسري، هم قوم، پاڻ ۽ هم وطن تي آزمائي ٿو، جنهن جي طاقت ۽ قوت جي بهرحال کيس خبر آهي. اهڙي ريت هو پنهنجي ذاتي بهادريءَ جو ڀرم رکڻ لاءِ خواهه مخواه جهيڙا جهڳڙا ڪندو وتندو آهي اهڙي ريت قتل ۽ خونريزي جو هڪ نه ختم ٿيندڙ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي.

۽ نئون آيل جا ڪم محڪوم ماڻهوءَ جي ذهن جي انهيءَ طريقي ۽ انفرادي قوت جي زيان جي حوصلا افزائي ڪندو رهندو آهي جو ته ان ۾ سندس ڀلائي آهي هو (حاڪم) انهيءَ جهڳڙي مان هڪ فائدو ٻيو به حاصل ڪندو آهي ته طاقت ور ڌر قبيلي ۽ پاڙي کي ڌاڙيل، رهزن، چورو قرار ڏيئي ان کي ختم ڪرڻ ۾ ڪمزور ڌر جو ساٿ ڏيندو آهي جيئن طاقت ور ڌر هميشه

لاءِ ختم ٿي وڃي ۽ ان طرفان مقابلي جو ڪوئي امڪان باقي نه رهي- جيئن انگريزن جي اچڻ ڪان پوءِ سنڌ ۾ اهو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. هلندو پيو اچي ۽....

(٢) بيٺڪي نظام انتهائي بيرحمي ۽ دردندگيءَ سان اقتصادي، معاشي، سياسي ۽ سماجي تباهي ۽ ويراني پيدا ڪندو آهي. خاص ڪري معاشي سرشتي جي تباهي اهڙي درجي تي پهچندي آهي، جو مقامي ماڻهو پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو آهي. اهڙي صورت ۽ حالت ۾ بديسي ڌورو ڪن ماڻهن ۽ فردن کي رعايتون ڏيڻ شروع ڪندو آهي، انهن رعايتن جي آڌار تي ڪجهه مقامي ماڻهو خوشحاليءَ واري زندگي بسر ڪندا آهن- جڏهن مقامي ماڻهو جيڪو ڏينهون ڏينهن ڪنگال ٿيندو ويندو آهي، سو ڏسندو آهي ته سندس پاڙيسري ۽ پروارو مقامي ماڻهو خوش ٿي اچا لٺا پائي لٺي ڪندو وتي ٿو، تڏهن انساني فطرت موجب هن جي دل ۾ سندس پر واري ۽ پاڙيسري خلاف نفرت ۽ حسد پيدا ٿئي ٿو- آزاديءَ جي ضرورت ۾ هن کي اهي وسيلا ميسر ٿي سگهن ٿا، هن جي جدوجهد آزاد هوندي آهي ۽ پاڙيسري جي رتبي کي رسڻ جا موقعا پڻ.

ان ڪري هن جي دل ۾ پيدا ٿيل حسد ۽ نفرت کي هو ڪوشش ۽ جدوجهد ذريعي ختم ڪري سگهي ٿو- پر غلاميءَ جي صورت ۾ نه سندس جدوجهد آزاد هوندي آهي ۽ نه وري پاڙيسري جي رتبي کي رسڻ جا موقعا- اهڙي صورت ۾ ديسي ماڻهو جي دل ۾ پيدا ٿيل حسد ۽ نفرت وڏي خونريزي تائين پهچي ٿو ، انهيءَ نوبت تائين پهچڻ لاءِ ڪيترائي سبب پيدا ٿي پوندا آهن . مثال طور لوڙهي تان نهارڻ، پاڙي سان مٽو الڳهاڙو ڪري مٿڻ، ڳوٺ ۾ سينڌ وجائڻ ۽ پوون ڳالهيون.

(٤) غيرملڪي ۽ غيرقومي قبضي وقت نه صرف انسان جي عمل ۽ تخليق تي بندش پئجي ويندي آهي. پر غيرملڪي

قيضي جي لازمي نتيجي جي صورت ۾ هن جي سوچ، فڪر، ويچار تي بندش پئجي ويندي آهي. ۽ هن جي سوچ، فڪر ۽ ويچار کي جڏهن نيڪال تيئن عملي صورت اختيار ڪرڻ ۾ نروار ٿيڻ، ماڻهن جي سامهون ظاهر ٿيڻ، ڪجهه ٻين کي ڏيڻ ۽ ان جي بدلي ۾ ڪجهه ٻين کان حاصل ڪرڻ جي راه بند ٿي ويندي آهي. تڏهن هن ۾ هڪ قسم جي ذهني بيزاري پيدا ٿي پوندي آهي. اها ذهني بيزاري ۽ بوريت سندس جسم، ذهن، سوچ جي وجود ۾ ٿوهر جي ڪنڊن وانگر چڀڻ لڳندي آهي. غلام انسان انهيءَ بيزاري ۽ بوريت مان آزادي ۽ ڇوٽڪاري لاء انارڪزم جو شڪار بنجي ويندو آهي يا هن جي ڪهاڙي، بندوق ۽ لٺ تي بيل پابنديون هٽي وينديون آهن. ۽ هو پنهنجي ئي هم قوم، هم وطن ڌرتيءَ جي فرزندن کي انهيءَ جو شڪار بنائڻ لڳي ٿو. جو ته ذهني بيزاري ۽ مونجهاري جي حالت ۾ صحيح سوچ ختم ٿي ويندي آهي. ذهني مونجهاري ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ ڪهاڙي کڻي وارو انسان هڪ قسم جو وحشي، ظالم ۽ خونخوار نظر ايندو آهي، پر حقيقت ۾ اهو ذهني مريض هوندو آهي. اهڙي قسم جا واقعا ڏينهاڙي اسان جي سامهون گذرن ٿا.

(۴) غيرملڪي حڪومت وقت، ديسي ماڻهوءَ کي هر قدم تي اهڙا واقعا پيش ايندا رهندا آهن، جنهن هن جي دل ۾ ڪاوڙ، غصي ۽ ڏمر جا ڪيترا ڪورا دکي پوندا آهن. هن کي سنيما جي گيٽ تان ”او، پٽڪي والا، جٽ“ چئي ڌڪيو ويندو آهي. بس ۾ سيٽ نه ملندي اٿس. ٽرين ۾ سفر ڪرڻ وقت ويهڻ لاء محتاج هوندو آهي. اهي سڀ ڳالهيون ڪيس چيڙائڪ ۽ ڪاوڙ سان ڀريل ڪورو بنائي وجهنديون آهن. هن جو هڏ هڏ ۽ عضوو عضوو ڪاوڙ جي باهه ۾ جلڻ لڳندو آهي. هن جي وار وار مان غصي ۽ نفرت جون چڻيون نڪرنديون رهنديون آهن. نتيجي ۾ هو اها ڪاوڙ پنهنجي زال، ٻارن، پاڙيسري ۽

هر قوم تي لاهيندو آهي. اهان وٽ سنڌيءَ ۾ مشهور پهاڪو آهي ته ”ڪنيار نه پڇي ڪنيارڻ سان، ڪتي ڳڙه جا ڪن“.

ديسي ماڻهو حاڪم سان پڇي نه سگهندو آهي. حاڪم قوم جي فرد سان اٽڪي نه سگهندو آهي. حاڪم ڏولن سان ڇڪري ڪائي نه سگهندو آهي. ان ڪري هو ڪاوڙ، ڏمر ۽ غصي لاءِ جو مناسب ۽ موزون هنڌ پنهنجي هم قوم کي سمجهندو آهي. ديسي ماڻهوءَ جي اهڙي روش کي ڏسي سنڌيءَ زبان ۾ هڪ ٻئي پهاڪي جنم ورتو آهي ته ”ڏاڍي تي ڪاوڙ چڙهي ٿي ڪانه ۽ هيڻي تي ڪاوڙ لهي ڪانه“ انهن پهاڪن ۾ وطن ڇاوڻ جي ڀاڻ ۾ ويڙهه تي ڀرپور طنز ۽ ٽوڪ ٽيل آهي. هنن کي هڪ قسم جو اشارو مليل آهي ته هو پنهنجي ڪاوڙ، پنهنجو غصو ۽ ڏمر انهن تي لاهين جن کين ههڙي حالت تي پهچايو آهي. هنن کي کپي ته پنهنجي تشدد، طاقت ۽ بهادريءَ جو مظاهرو غير ملڪي ۽ غير قومي آقائن تي ڪن. جن سنڌ سرزمين کي پيليو ۽ لتاڙيو آهي. حقيقت ۾ اهي پهاڪا ڏکئي ۽ مشڪل دور ۾ سنڌين جي قومي غيرت کي بيدار ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيا ويا آهن. انهن پهاڪن جي پس منظر ۾ قومي غيرت ۽ آزاديءَ جي بي پناهه تلاش موجود آهي. موٽڪي اهڙن پهاڪن جي مؤجدن جي نالي، هنڌ ۽ ماڳ جي ڪابه خبر ڪانهي، ليڪن انهن پهاڪن جي مؤجدن جي اندر ۾ لڪل قومي غيرت ۽ آزاديءَ جي ڌڙڪن جي موسيقي اڄ به هي سٺون لڪندي تصور جي ڪنن سان ٻڌي رهيو آهيان.

(٥) غير ملڪي ۽ غير قومي قبضي وقت ديسي محڪوم ماڻهوءَ کي هر قدم تي بيعزتي، خواري ۽ ذلت سان دوچار ٿيڻو پوندو آهي. هر گهٽيءَ ۾ هن جو پٽڪو لاٿو ويندو آهي. هر آفيس ۾ هن کي ڌڪا نصيب ٿيندا آهن. هر چوواٽي تي هن کي مسخرين جو نشانو بڻجڻو پوندو آهي ۽ هر ٿاڻي تي

هن جي ڏاڙهي ۽ مڇون پٽيون وينديون آهن. هر فيصلي وقت هن جي ڳچيءَ ۾ پٽڪو وجهي ڪهليو ويندو آهي. قدم قدم جي اها بيعزتي هن ۾ عزت جي تلاش ۽ معتبري ماڻهو جو احساس پيدا ڪندي آهي ۽ اها عزت ۽ معتبري پنهنجن تي طاقت آزمائي جي ذريعي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جڏهن هو پنهنجي هم قوم جي خون سان ڪهاڙي رنگي اپ طرف جهولائيندو آهي، ان وقت سمجهندو آهي ته مون پنهنجين سورين بيعزتين جو بدلو وٺي ڇڏيو آهي. هو پنهنجي حال سان هوڪا ڏيندو آهي ته ”ڏسو آءٌ ڪيڏو بهادر، دلير ۽ جانٺو آهيان، جو انساني وجود کي ڪيڙي ماڪوڙي وانگر چيپاڻڻ منهنجي لاءِ ڪو ئي مسئلو ناهي. اڄ آءٌ عزت جي بلندين تي پهچي ويو آهيان. اڄ مان اپ ۾ اڏري رهيو آهيان.“

ذهني طرح ايڏي پست پيل قوم جي ڪنهن فرد کي جيڪڏهن حاڪمن طرفان دلالي ۽ پڙوت جي بدلي ۾ ڪا نوڪري ملي ويئي ته اهو ماڻهو پاڻ کي حاڪمن جو روحاني اولاد سمجهي، فرزندان وطن جي خلاف هر ڪارروائي وقت چوندو آهي ته

”آءٌ (ق) جو شڪرگذار آهيان جنهن مون کي هيڏي عزت ڏني.“

پهرئين خوني ۽ ٻئي دلال کي اها خبر ئي ڪانه پوندي آهي ته سندن اها بهادري ۽ عزت پوري قوم جي ذلت ۽ تباهي آهي. اصلي عزت اها آهي جو آزاديءَ جي جهنڊي جي اڏام سان گڏ ٻئيءَ اگهاڙو هلڻ ۾ آهي. آزادي ئي هڪ اهڙي نعمت آهي، جيڪا فرد کي انهيءَ ذلت، مونجهاري، انتشار ۽ خونريزي مان ڪڍي باعزت ۽ متحده قوم جي صورت بخشي ٿي. آزادي، قومن جي ذهين ۽ باصلاحيت فردن مان دلالي ۽ پڙوت جي بيماريءَ جو خاتمو آڻي سگهي ٿي. آزادي، فرد جي

تخليقي صلاحيت کي آزاد ڪري ٿي. آزادي، فرد جي طاقت کي تعمير ۽ ترقيءَ جي راهه تي هلڻ سيکاري ٿي. آزادي، هيٺي، نست ۽ نبل قوم جي رڳن ۾ طاقتور ٽانڪ بڻجي ڊوڙي ٿي. اها آزادي ئي آهي جيڪا دنيا ۾ ڪنهن قوم لاءِ باوقار ۽ مانائتو مقام حاصل ڪرڻ جا رستا کولي ٿي. آزادي ئي آهي جيڪا انفرادي خود غرضيءَ کي ختم ڪري اجتماعي ايثار جو شعور اپاري ان کي پڪو ۽ پختو بنائي ٿي. ان ڪري آزادي بجاءِ خود اهم آهي. آزادي ئي ڪنهن نئين نظام جي تخليق لاءِ ميدان هموار ڪري ٿي.

غلام جي سوچ.........
آزاد جي سوچ تسخير ڪائنات ۽ تعمير انسانيت —

قومي تحريڪ جا مرحلا

موجوده دور ۾، هر قومي تحريڪ کي اسان آسانيءَ سان چئن دورن يا مرحلن ۾ ورهائي سگهون ٿا.

جن مرحلن مان هر قومي تحريڪ جو گذرڻ لازمي آهي. اهي مرحلا، دور، منزلون ۽ پڙاءَ قومي آزاديءَ جي شاندار، عظيم ۽ لازوال مقصد تي پهچڻ لاءِ ائين فطري آهن، جيئن ڪنهن ماڙيءَ تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ تي پير رکڻ. باقي انهن مرحلن مان هرهڪ ڪيترو وقت ٿو وٺي ۽ ڪيترو آسان يا ڏکيو ٿو ثابت ٿئي، سو هر ملڪ جي حالتن تي دارومدار رکي ٿو. ڪن تحريڪن جي زور، طاقت، مضبوطي ۽ صلاحيتن ڪري اهي مرحلا تمام ٿوري وقت ۾ طئي ٿيو وڃن. ۽ ڪن ملڪن ۾ اڻاين حالتن، منجهيل مسئلن ۽ ڏکين راهن جي ڪري، آزادي جي مومل ماڻڻ لاءِ ڪيترن ڪونڌرن کي راتيون ڏينهن، مهينن ۽ سالن جون ڪيتريون ڪيريون گهيريون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون. ۽ ڪيترائي ڪليندر بدلائڻ جي ضرورت پيش اچي ٿي.

ليڪن هيءُ ضروري آهي تہ هڪ مرحلي کان ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿيڻ واري عرصي ۾ قومي تحريڪ پنهنجي ناتوانيءَ، ڪمزوري ۽ بيوسيءَ جي جن ورن وڪڙن ۾ ولت بہ وقت ڦاسندي الجهندي ۽ اٽڪندي آئي آهي، تن تي ڪرڙي نظر رکي ڇوٽڪاري لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي.

قومي آزادي جي تحريڪ کي جيترو زور دشمن کي ختم ڪرڻ لاءِ صرف ڪرڻو آهي، ان کان وڌيڪ گهري سوچ ان پنهنجن ڪمزورين، غلطين ۽ اوڻاين کي ختم ڪرڻ، دور ڪرڻ ۽ انهن کان جان ڇڏائڻ صفن کي مضبوط، تيار ۽ تيزرفتار بنائڻ لاءِ صرف ڪرڻ گهرجي.

قومي آزادي جي تحريڪ ڪهڙي وقت شروع ٿي ٿئي. ۽ ڪهڙي وقت تو عوام ۾ پنهنجي قومي، ملڪي ۽ وطني آزادي، عزت ۽ شاندار زندگيءَ جي آغاز جو احساس ۽ شعور پيدا ٿي ۽ اها ڳالهہ منهنجي خيال ۾ حاڪمن جي، هلت چلت، ڦرلٽ جي طريقن، ديسي باشندن سان برتاءُ، عوام جي معيار زندگي ۽ پيداواري ذريعن جي ڪيفيت ۽ حالت تي منحصر آهي.

قومي آزادي جي تحريڪ مان منهنجي مراد آهي، وطن ۽ قوم جي آزاديءَ جي باقاعدي ۽ منظم تحريڪ، جنهن جي صفن ۾ فرزندان زمين جي هر طبقي ۽ عوام جي اڪثريت جو ڪردار ۽ جدوجهد شامل هجي. ان جي پيٽ ۾ غاصبن جي قبضي وقت ”وطن بچايو“ جي نعري هيٺ وڙهيل جنگ کي اسان قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي مرحلن ۾ شامل ڪري نہ ٿا سگهون ۽ نہ وري اهڙي وقتي جنگ جي تياري ۽ ڪاميابي لاءِ ڪن مرحلن مان گذرڻ لازمي آهي.

”وطن بچايو“ جنگ ۾ گهڻو ڪري صاحب اقتدار گروهہ، قبيلو ۽ جماعت ڀرپور حصو وٺندي آهي، ۽ وڏي بهادري، دليري ۽ جرئت سان دشمن کي روڪڻ، ڀڄائي هٽائڻ ۽ ملڪ

بچائڻ جون ڪوششون ڪندي آهي. انهيءَ ابتدائي چڪري ۾ چوٽ ۾ حڪمران جي شڪست وقت حڪمران ۽ ان جي واسطيدار ڌرين سان سامراج ڪهڙو رويو ٿو اختيار ڪري سو مختلف وقتن ۾ تبديل ٿيندو رهيو آهي. انهيءَ رويه کان قطع‌نظر وطن جي بچاءَ واري جنگ ۾ حصو وٺندڙ مجاهد ٻن روپن ۾ اسان جي سامهون آيا آهن.

پهريون هيءَ ته هو دشمن جي طاقت، تشدد ۽ رعب کان ايترو همسجي ويا آهن، جو آڻ مڃي مات ڪري ويهي رهيا آهن ۽ هر قسم جي باغيانه چرپر ۽ هاچل جو خيال ڇڏي ڇڏي ڏنو اٿن. اهڙي حالت ۾ عوام جيڪو شاهه پرست ۽ شخصيت جو مڃتائو هوندو آهي، سو وڏن جي خاموشي ڏسي مات ڪري ويهي رهندو آهي ۽ اڳين حاڪمن وانگر نون حاڪمن جو سلامي ٿي رهندو آهي. نوان آيل حاڪم جيڪي اوير جا ڏکر، رعايتون ۽ مٿاڇرا فائدا ڏيندا آهن، تن لاءِ هو سندن شڪر گذار ٿي رهندو آهي. اهڙي صورت ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ تمام دير سان شروع ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي.

ٻيو هي ته جنگ ۾ شڪست جي باوجود ڪي جاٺا ۽ باغي سردار، جوان‌همت ۽ دلير شهزادا، باغيرت ۽ حوصلي‌مند سپاهي، ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڀهاڙن، جهنگلن، ٻيلن، ريگستانن ۽ بندرگاهن جي ڪنارن تي پنهنجي جنگ جاري رکيو ايندا آهن. انهن جي سڻيءَ ۾ آڻ جو مناڻ پيل نه هوندو آهي. انهن جي رت ۾ بي‌همتي ۽ بزدلي جو پاڻي مليل نه هوندو آهي. انهن جي پيشانين تي (موتڻ جنيِن مهٽو) جي تحرير لکيل هوندي آهي. انهن جي زندگيءَ جي ڪتاب ۾ قومي ذلت تي صبر جي اکر لکيل نه هوندو آهي. اهڙا ماڻهو بيابان جي وڻ ۽ واچولي ۾ اڏامندڙ باز وانگر اڪيلا ڇڙوڇڙ ۽ ڌار ڌار رهندي به وطن جي جنگ وڙهندا رهندا آهن. جيتوڻيڪ اها جنگ منظم

گوريلا جنگ ڪانءِ هوندي آهي، پوءِ به آهستي آهستي هلندي رهندي آهي. ڪڏهن هڪ گولي ۽ ٻي گولي جي ٺڪاءَ جي وچ ۾ مهينا ۽ سال گذري ويندا آهن، دشمن مطمئن ٿي ويهي رهندو آهي، عين انهيءَ وقت اوچتو ڪنهن جهنگل مان گوليءَ جي ٺڪاءَ ۽ تير جي سرڙاٽ سان غاصب جي دل ۾ موت جي ڏڪڻي پيدا ٿي پوندي آهي.

اهڙي حالت ۾ مقابلي، ويڙهه ۽ مزاحمت جي اها ڍيمي رفتار ۽ حملن جي بي‌ترتيبي اڪثر هلي منظم قومي تحريڪ جي جي اوسر جو سبب بنبي آهي، ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جلدي پيدا ٿيندي آهي. پر قومي تحريڪ جو جلدي پيدا ٿيڻ هن ڳالهه جي ضمانت ناهي ته اها ڪامياب به جلدي ٿيندي. ڪڏهن ڪڏهن دير سان پيدا ٿيندڙ قومي تحريڪ جلدي ڪامياب ٿيندي آهي- جيئن بنگلا ديش ۾. ۽ ڪڏهن جلدي پيدا ٿيندڙ قومي آزاديءَ جي تحريڪ تمام دير سان ڪاميابي ماڻيندي آهي. جيئن ويتنام، انگولا وغيره ۾.

هتي هڪ ٻي ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. اها هيءَ ته ”وطن بچايو“ جنگ ۾ جيڪي ماڻهو وڙهندا آهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ رت جو نذرانو پيش ڪندا آهن، سي جيتوڻيڪ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ وقت جي حڪمران سان وابسته هوندا آهن ۽ انهن جي تائيد، حمايت، مدد ۽ پذيرائي لاءِ عوام جي اڪثريت ڪانءِ هوندي آهي. تاهم قومي آزادي جي تحريڪ اڀرڻ، اسرڻ، ڦلجڻ ۽ ڦولجڻ دوران انهن ماڻهن جي ڪردار جي پختگي، حوصلي جي بلندي ۽ حب‌الوطنيءَ کي وڏ ڪان وڏ ساراهيو ويندو آهي- انهن جي قربانين جي يادين جي چراغن ذريعي عوام جي دلين ۾ روشني پيدا ڪئي ويندي آهي.

ڌرتيءَ جي سدورن پٽن کي صرف هن ڪري نظرانداز ڪري

ڇڏڻ ڏ، اهي شڪست ڏ، آهن. انتهائي درجي جي مڪاري ۽ منافقي آهي ۽ اهڙي قسم جي تبليغ ڪندڙ ماڻهو ڄاڻي واڻي آزاديءَ جي قومي انقلابي تحريڪ ۽ حب الوطني جي مقدس جنگ جي وچ ۾ هڪ قسم جو خلا، دوري ۽ ڏاريائپ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش سان گڏ قومي تاريخ جي تسلسل کي ڪٽي، تاريخ ۾ انساني ڪردار کي مسخ ڪرڻ جو ڪڌو ڪم ڪن ٿا ۽ پنهنجي (مدبران) حيلن حوالن سان رستن کي وڌيڪ ڏکيو پيچيدو ۽ مشڪل بنائڻ جي چڪر ۾ قرندا رڙهندا گيسلبون ڪندا رهن ٿا.

"وطن بچايو" جنگ ۾ وڙهندڙ ماڻهن جي پيش نظر صرف پنهنجي اقتدار ۽ تخت بچائڻ جي خواهش ڪانه هوندي آهي، پر ان سان گڏ ۽ ان کان وڌيڪ حب الوطني ۽ ڌرتيءَ سان پيار جو اڪٽ جذبو ڪارفرما هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ارغونن جي حملي وقت سنڌ جي بچاءَ جي مقدس جنگ ۾ جتي مخدوم بلاول، دريا خان شهيد جي ٻن فرزندن موتڻ ۽ محمود پاڻ ملهايو اتي نوابشاه جي سهتن ۽ عمرڪوٽ جي سوڍن عاليشان ۽ شاندار حب الوطني جو مظاهرو ڪندي جنگ ۾ ڏر ڏيڻ قبوليو. اڳتي هلي سمن جي مڪمل شڪست ڪانپوءِ باغبان جي سولنگين، ٻکر جي ڏاريجن ۽ اوٻاوڙي جي ماڇين جون ويڙهون سر زمين سنڌ سان عشق ۽ محبت جو ڪايو ثبوت آهن.

مغلن جي حڪمرانيءَ وقت، شورن، اڙن، دلن، ٻيرن، سميجن، چانڊين، ٻکهين، لاکيرن ۽ ٻين قبيلن جون سرڪشيون ۽ بغاوتون، چڪريون ۽ چولون، حملا ۽ هلائون ۽ نافرمانيون ۽ شورشون آزاديءَ ۽ وطن پرستيءَ جو شاندار باب آهن، جنهن سنڌ جي تاريخ کي شاندار بنائي ڇڏيو آهي.

عربن جي اچڻ کان پناهگيرن جي يلغار تائين سنڌ جي

حڪمرانن ۽ عوام طرفان وطن جي آزاديءَ ۽ بچاءَ لاءِ مزاحمت ۽ ويڙهه جو ڊگهو تاريخي تسلسل موجود آهي. اهڙي تسلسل جي موجودگيءَ سان ڪابه قومي تحريڪ پنهنجي بنيادن کي مضبوط، پڪو ۽ پختو ڪرڻ لاءِ ڪافي روشني، رهبري ۽ رهنمائي حاصل ڪري سگهي ٿي.

انگريزن کان ڇوٽڪاري وقت سنڌ جي قومي هيرن ۽ انهن جي ڪارنامن ڏانهن ڪنهن به ڌيان ڪونه ڏنو، ڇو ته اها جدوجهد صحيح معنيٰ ۾ قومي ڇوٽڪاري جي تحريڪ هئي ئي ڪانه.

ليڪن (ون يونٽ ٽوڙيو) تحريڪ دوران سنڌ جي قديم قومي هيرن ۽ انهن جي ڪارنامن کي جوش ۽ عقيدت سان ڳنيو ۽ اپاريو ويو. ڇو ته قومي تحريڪ جي آغاز ۾ پنهنجي قديم هيرن جي ڪارنامن جو تازو ٿيڻ ۽ انهن تي فخر ڪرڻ دنيا جي قومي تحريڪن جو مڃيل ۽ مروج اصول آهي ۽ (ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ) صحيح معنيٰ ۾ قومي تحريڪ ڏانهن وڌڻ جو سانباهو هئي.

انهيءَ پوري پس منظر ۾ قومي تحريڪ جو پهريون مرحلو شروع ٿيندو آهي. انهيءَ مرحلي جي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪن دانشورن، شاعرن ۽ اديبن جي تخليقن ذريعي وطن جي محبت سان گڏ محرومي، حق تلفي ۽ بيچارگيءَ جو احساس ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پکڙجڻ لڳندو آهي. ڪي نعرا هواجي ڪلهن تي چڙهي ملڪ جي فضا ۾ پکڙجي وطن واسين جي ذهنن ۾ مسرت ۽ محبت جا تنڌا ڪيندا رهندا آهن. انهيءَ دور کي اسان قومي تحريڪ جي اوسر جو دور يا قومي تحريڪ جو خود رو (پاڻ پيدا ٿيل) دور چئي سگهون ٿا. انهيءَ دور جي ڊگهي ٿيڻ تي ڪن سوچيندڙ ذهنن ۾ ملڪ اندر پکڙيل خام مواد کي گڏي هڪ ترتيب ۽ تنظيم ڏيڻ جي

لڙهيءَ ۾ پوڻ ۽ هڪ منزل طرف سوچ، سمجهه، صلاح، مشوري ۽ ڏاهپ سان هلائڻ جو خيال ۽ شعور پيدا ٿيندو آهي. جڏهن وقت اهڙي قسم جي سوچ گهڻن دماغن ۾ گڏجي فڪر ۽ عمل جي هڪجهڙائي پيدا ڪري ٿي، ان وقت صحيح معنيٰ ۾ قومي تحريڪ جو پهريون مرحلو شروع ٿئي ٿو. جيئن ته انهيءَ دور ۾ صرف تنظيمي عمل جي تڙپ ۽ تات اڀري ٿي، ڪا تنظيم وجود ۾ اچي ٿي، تنهن ڪري ان کي اسان تنظيمي مرحلو چئي سگهون ٿا.

پهريون مرحلو

قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو پهريون مرحلو خود رو (از خود پيدا ٿيل) وطني شعور ۽ انفرادي احساس محرومي واري دور کان پوءِ اچي ٿو. قومي تحريڪ جي پهرئين مرحلي کي تنظيمي مرحلو چئي سگهجي ٿو. انهيءَ مرحلي جي شروع ٿيڻ سان قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو باقاعدي آغاز ٿئي ٿو.

تنظيمي مرحلو پوري جنگ آزاديءَ ۾ ڏکيو ۽ سخت هوندو آهي. اڳتي هلي جنگ جي هار يا سوڀ جو پورو دارومدار انهيءَ مرحلي تي ٿئي ٿو.

هڪڙي ڏاهي جو چوڻ آهي ته: ”تحريڪ جي آغاز کان انجام تائين جيڪڏهن ڪنهن شيءِ تي وڌ کان وڌ ڌيان ۽ توجهه ڏيڻو آهي ته اها شيءِ صرف تنظيم آهي.“

هن مرحلي ۾ هر قدم تي نيون مشڪلاتون، هر وک تي پيچيده راهون، مٿهن جا شڪ، ڪارڪنن ۾ نظرياتي تعليم جي ڪميءَ سبب انفراديت پسندي، عوام جا مذهبي ۽ سماجي رواج ۽ رسمون ڪم کي مشڪل بڻائينديون آهن.

ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين، هر گهر، هر محلي، هر ڪٽنب، هر قبيلي ۽ هر ڳوٺ ڪونڊ ڪو

اهڙو ماڻهو ضرور موجود هوندو آهي، جنهن جي ذهن، ضمير، سوچ ويچار کي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي غلامي، ذلت ۽ پستي انتهائي سختيءَ سان جهنجوڙيو، لوڏيو ۽ تڙپايو هوندو، آزادي ۽ خوشحاليءَ جي خواهش جون ڪيتريون آهون، دانهون، نعرا ۽ سوچون دلين ۾ دٻيل هونديون آهن، جيڪي پنهنجي اظهار ۽ اعلان جون منتظر هونديون آهن. تن سڀني کي گڏي هڪ ڪري، ڪنهن تنظيم ۽ ترتيب سان استعمال ڪرڻ، سنئين رستي ۽ راهه تي لڳائڻ، دانائي، ڏاهپ، سُرت ۽ سياڻپ سان اڳتي وڌڻ جي ضرورت هوندي آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ ڪيترا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي خود رؤ دور ۾ مختلف شاعرن، اديبن ۽ دانشورن کان عقيدت جي حد تائين متاثر هوندا آهن ۽ ڪنهن ٻئي جي صلاح، مصلحت، مشوري ۽ ڪوشش کي شڪ ۽ بي اطميناني سان ڏسندا آهن. اهڙن ماڻهن کي شاعر ۽ اديب صرف پنهنجي پرستش ۽ مدح خواني تائين محدود رکي پنهنجي چوڌاري قائم ڪيو ايندا آهن. ان ڪانسواءِ هر وقت هي ڌڙڪو به لڳو رهندو آهي ته ڪٿي دشمن، غاصب ۽ ڦورو ٽولن، ڌرين ۽ طبقن جا سيکاريل ايجنٽ ۽ موڪليل دلال تنظيم جي ڍانچي ۾ گهڙي ان جي پوري ريت اسرڻ کان اڳ ۾ ئي انتشار ۽ اختلاف جو آکاڙو بڻائي ان کي ختم ڪرڻ ۽ بي اثر بڻائڻ جي ڪوشش نه ڪن. ان ڪري تنظيم ٺاهڻ ۽ هلائڻ وقت ڦوڪي ڦوڪي قدم کڻڻ جي ضرورت هوندي آهي. تنظيم ۾ گهڻائي، ڪثرت ۽ انبوهه جي بجاءِ، معيار، لياقت ۽ اهليت کي اهميت ڏيڻ گهرجي. اخبارن، رسالن، ڪتابن ۽ چوپڙين ذريعي ڪارڪنن جي ذهني تعليم ۽ تربيت ضروري آهي.

اهڙي ملڪ ۾ جتي عوام جي اڪثريت اڻ پڙهيل هجي اتي هڪڙي ڳوٺ ۾ رسالو ۽ ڪتاب پهچائڻ کان وڌيڪ مفيد هي آهي ته ڳوٺ جي ماڻهن سان ڪچهريون ڪيون وڃن،

جن ۾ پنهنجائپ ۽ هڪجهڙائي هجي، گفتگو يا لکڻي ۾ زبان انتهائي سادي سلوڻي ۽ عام فهم استعمال ٿيڻ گهرجي. تحرير ۾ لفظن جي ميناڪاري ڏيکارڻ خاطر ڏيکھ کان پرهيز ڪري ٿورن اکرن ۾ حقيقت کي چٽيءَ ريت پيش ڪيو وڃي.

جتي پير، ملان، وڏيري ۽ ڪاموري جو ڏهڪاءُ ۽ اثر صدين تائين جميل رهيو هجي، عوام جي اڪثريت، اڻڄاڻائي ۽ جهالت ڪري سندن ڄار ۾ ڦاٿي پيئي هجي. مٿان وري حڪمران ٽولن ۽ ڦورو قومن جو جبر و تشدد به هجي، اتي عام ماڻهن تائين پهچڻ ذرا ڏکيرڙو معاملو آهي، پر اهڙي ماحول ۾ مضبوط، جاندار ۽ باشعور تنظيم جي ضرورت بنهه وڌي وڃي ٿي.

تنظيمي مرحلي ۾ هڪ خطرو هيءُ به رهي ٿو ته ڪو ڄاتي ليکڪ، دانشور ۽ اديب پارٽيءَ ۾ پنهنجي ذهني وڏيرپ ۽ ادبي سامراجيت قائم ڪرڻ جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي هر لکڻي تحرير، مضمون ۽ تخليق کي آخري، يقين ۽ ڏاهپ جو شهڪار سمجهي ان کي قبول ڪرڻ، مڃڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ زور پري پارٽيءَ ۾ پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ (آپيشاهي) قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، تنهن ڪري لکڻ، پڙهڻ، تجويزون ۽ رٿون تيار ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ تي هرگز نه ڀاڙڻ گهرجي ۽ نه ئي ڪنهن هڪ جي هر لکڻيءَ کي جيئن جو تيئن اکيون بند ڪري قبول ڪجي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙي ماڻهوءَ تي جارحانه تنقيد به ٿيڻ گهرجي، جيئن سندس انانيت جو بت پڄي پورا ٿي پوي.

مطلب ته تنظيم واري مرحلي ۾ تمام احتياط، تدبر ۽ خبرداريءَ سان هلڻو پوندو آهي. پارٽي کي اهڙي ترتيب ڏيڻ گهرجي جو مرڪز کان وٺي ننڍڙي برانچ تائين مسلسل هڪ رابطو ۽ ڳانڍاپو هلندو رهي، قيادت هيٺ کان مٿي ايرندي

رهي. پارٽيءَ جو وڏي ڪان وڏو ليڊر، ننڍي کان ننڍي ڪارڪن جي گرفت ۽ پڪڙ جي چنبي ڪان ٻاهر نه هجي، گڏجاڻين ۾ اهڙي ريت فيصلا ٿيڻ کهرجن ۽ اهڙي ڍنگ سان ڪارروائي هلائي وڃي. جيئن، هر ميمبر فيصلي جو پاڻ کي خالق ۽ موجد سمجهي ۽ سندس دل ۾ ڪڏهن به اهو خيال ۽ احساس پيدا ٿيڻ نه ڏنو وڃي ته ڪو فيصلا سندس مرضيءَ ۽ راءِ جي خلاف مٿس مڙهيا پيا وڃن. تنظيمي مرحلي ۾ حڪومت جي ادارن سان الجهڻ، ٽڪرجڻ ۽ سڌي ٽصادم کان پاسو ڪرڻ کهرجي. پورو زور ۽ سارو ڌيان پنهنجي ڪم ڏانهن ڏيڻ کهرجي.

پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي ته حڪومت جي ادارن، غاصب ۽ ڦورو ٽولن جي پرماريت ۽ اره زورائي وارين ڪارروائين کان چشم پوشي ڪري انهن جي مخالفت به نه ڪجي ۽ ان جي نقصانن کان عوام کي آگاهه نه ڪجي، الٽو حڪمران ڌر جي صفن ۾ شامل ٿي پنهنجي لاءِ رستو کولجي، اهو طريقو انتهائي غلط ۽ نقصانڪار آهي. اهڙي موقف اختيار ڪرڻ سان عوام جي همدردين کان پاڻ کي محروم ڪرڻو آهي. حڪمران ٽولو جيڪي به بدمعاشيون ڪندو آهي، عام ماڻهو حڪمران ٽولي سان ڪنهن به صورت ۾ لاڳاپيل هر ماڻهوءَ کي ان جو ذميوار سمجهندا آهن.

جيڪي هت ٽوڪتا اڪابر موجوده دور ۾ عوام کي اهڙي قسم جي پاليسيءَ جي صحت منديءَ جو ميچتائو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، سي حقيقت ۾ موقع پرست ۽ ابن الوقت ۽ سمجهوتي باز آهن. اهڙي قسم جا ليڊر ڪنهن به نازڪ موقعي تي ڌوڪو ڏيڻي وقت جي ناسازيءَ جو بهانو بنائي سمجهوتي بازيءَ کان ڪين گسندا، تنهن ڪري قومي آزادي جي ابتدائي دور ۾ ورڪرن، ڪارڪنن ۽ همدردن جي اڳيان

اهڙي لوس، سامراج دشمن، ڦورو قومن ۽ انهن جي دلالن سان ذهني تصادم ۽ تضاد واري پاليسي، چٽي، واضح ۽ بي لچڪ هئڻ گهرجي. البت ان جو اعلان ۽ پڌرائي موقعي ۽ مهل سر ڪرڻ گهرجي، جيئن عوام ان تحريڪ جي پاليسي ۽ پروگرام جي باري ۾ ڪنهن به شڪ ۽ بي خبري ۾ مبتلا نه رهي.

خاص ڪري اهڙن وزيرن، ليڊرن ۽ اڳواڻن جي باري ۾ ڪنهن به رعايت کان ڪم نه وٺڻ گهرجي، جن کي سامراجي ٽولا پنهنجي قبضي ۽ اقتدار لاءِ هٿيار ۽ دلال طور ڪتب آڻين ٿا. اهڙن ليڊرن، انهن جي دلالن دانشورن، ڪنجن مفڪرن ۽ عياش شاعرن جي مڪارين، فريب ڪارين، دغابازين ۽ ٺوڳن کي همت، بهادري ۽ هوشياري سان عوام آڏو پيش ڪرڻ گهرجي.

قومي تحريڪ جي تنظيمي مرحلي ۾ هيٺين ڳالهين جو خاص خيال ۽ ڌيان رکڻ گهرجي.

(١) ڪارڪنن کي پنهنجو پاڻ قوم جي گهڻي اڪثريت جي زندگيءَ جي معيار سان ملائڻ گهرجي. عوام جي ڏکن ۽ سکن، ريتن ۽ رسمن، عيدن ۽ براتن، خوشين ۽ غمن، شادين ۽ مرادين ۾ شريڪ ٿي، ملي گڏجي هڪ ٿيڻ گهرجي، خاص ڪري پڙهيل نوجوانن ۾ هڪ قسم جي نفاست پسندي ۽ معتبري پيدا ٿي پوندي آهي ان کي ختم ڪرڻ گهرجي. ٻهراڙي جو غريب، پڙهيل ۽ اڇن لٽن واري ماڻهوءَ کي کٽ تي ويهاري پنهنجي احساس ڪمتريءَ جو اظهار ڪندو آهي. اهڙي صورت ۾ پڙهيل ورڪر کي معتبري ڇڏي غريبن سان گڏ پٽ تي ويهڻ، ٻنين ۾ لابارا ۽ ڳاهه ڪرڻ ۽ زندگيءَ جي سمورن مسئلن ۾ ان سان هڪ ٿي پنهنجائپ واري ماحول ۾ رهڻ ڪرڻ گهرجي. اهڙي ماحول ۾ ورڪرن کي پنهنجي ذهني ۽ جذباتي لاڙن ۽ سوچن تي مڪمل قبضو ڪري بهترين اخلاقي ضابطن جو ثبوت ڏيڻ گهرجي.

(٢) قومي چولڪاري جي تحريڪ ۾ عوام کي آزادي کانپوءِ باعزت زندگي ۽ خوشحاليءَ جي، رٿا پٽاندر ضمانت ڏني وڃي ۽ ان جي ٿي سمجهه مطابق ڪيس سمجهايو وڃي- قوم پرستي جي شعور ۽ احساس کي مضبوط ۽ جٽادار بنايو وڃي، پٺي جو مثال اسانجي سامهون آهي.

آءٌ اڄ به ايمانداريءَ سان سمجهان ٿو، سنڌي عوام پٺي ۽ سنڌس پارٽيءَ کي سنڌي سمجهي ووٽ ڏنو هو، جيتوڻيڪ سنڌيت سان گڏ معاشي خوشحاليءَ جي تمنا به شامل هئي، پر گهڻو دخل سنڌيت ۽ سنڌي قوم پرستيءَ جي جذبي کي هو- جيڪڏهن صرف معاشي خوشحالي جي تمنا ئي هجي ها ته پوءِ پٺي کان وڌيڪ سوشلسٽ پروگرام رکندڙ پارٽيون شڪست نه کائين ها.

انهيءَ مثال مان سمجهي چڱي ڻ گهرجي ته قوم پرستيءَ جو جذبو ٻين جذبن کان مٿاهون آهي- قومي تحريڪ دوران عوام ٽي اهو چڱيءَ ريت واضح ڪرڻ گهرجي ته آزادي هڪ قوم لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اخلاقي، سياسي ۽ روحاني فائدا ڪٺي ايندي آهي ۽ ان جي دامن ۾ عام ماڻهوءَ لاءِ تعليم، صحت ۽ معاشيات جون ڪهڙيون سهوليتون هونديون آهن.

جيتوڻيڪ آزادي بجاءِ خود جهنگلي گل کان وڌيڪ حسين ۽ پاڪيزه ٿئي ٿي- ان جي اکين ۾ ڪانگي جو رس ۽ مينهن وسائڻ جي لالي هوندي آهي- هن جا عضوا سڄ جي ڪرڻن سان ڌوتل هوندا آهن- هوءَ هڪ اهڙي مرڪزي آهي، جنهن جي گل ٻنجڻ سان ٿي ديس جي هر گهٽي ۽ واهڻ واسجي ويندو آهي. تاهم عوام کي ان جي نوبن ۽ محسوس تعبير ٻڌائڻ گهرجي. عوام وٽ ڪڏهن، ڪڏهن مينهن وسائڻ جي لالي کان وڌيڪ ماني جو سڙيل ڪنارو پيارو ٿئي ٿو- هن چوڻ جو اهو مطلب هرگز ڪونهي ته هڪ قوم کي

قومي آزاديءَ جي تحريڪ دوران طبقاتي ويڙهہ ۽ رتوڇاڻ ۾ مبتلا ڪيو وڃي. مطلب صرف هيءُ آهي تہ تنظيم کي جيترو عوام جي احساس، سوچ ۽ وجدان سان ملائڻ گهرجي. اوترو چڱو، سٺو ۽ فائديمند آهي.

ٻيو مرحلو

تنظيمي مرحلي جي تڪميل کان پوءِ قومي تحريڪ کي ملڪي سياست ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿيڻو آهي ۽ اهو آهي پنهنجي منشور پروگرام ۽ مقصد کي حڪمران ڌر جي اڳيان پيش ڪرڻ. اهوئي دور آهي جنهن ۾ تحريڪ کي پنهنجي مقبوليت ۽ عوام ۾ هر دلعزيزيءَ جو ثبوت پيش ڪرڻو آهي.

هن دور ۾ مطالبا، گهرون، جلسا، جلوس، گڏجاڻيون ۽ عام ميڙ ڪرڻا پون ٿا. مطالبن ۽ گهرن ڪٿڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪارڪن پنهنجي عوام جي زندگيءَ انهن جي سياسي ۽ سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کان پوري ريت واقف هجن گهري مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي مسئلن ۽ مطالبن کي اهڙي طرح چونڊڻ گهرجي جو جيڪي ناانصافيون ۽ ظلم، ذلت ۽ پرماريت جا واقعا ۽ وارداتون ٿيون هجن تن جو ذميوار حڪمرانن کي ئي ٺهرائڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ان ٽولي کي هٽايو وڃي تہ اهڙين ناانصافين جو ازالي ٿيڻ جو رستو آسان ٿي پوي.

هر مطالبو عوام جي دلين جو آواز هجي. هر گهر عوامي احساسن جي ترجمان معلوم ٿئي. جيئن حڪمران ڌر انهن کي اينگهائيندي وڃي تيئن عوام جي غضب، غصي ۽ نفرت ۾ اضافو ٿيندو وڃي ۽ ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين نوجوانن جا انبوهہ، هارين، پورهيتن ۽ ڪڙمين جا هجوم پنهنجي

ترجماني ڪندڙن جي گڏجاڻين ۾ طوفانن وانگر اٿلي پون.

هن مرحلي ۾ سخت لهجي کان پاسو ڪجي. مظاهرن ۽ جلوسن ۾ پر امن رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهڙن موقعن تي ڪجهه سرڪاري گماشتا صفن ۾ داخل ٿي عوام کي پر-تشدد راهه اختيار ڪرڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انهن کان هوشيار رهڻ جي سخت ضرورت هوندي آهي.

مسئلن ۽ مطالبن تي اٿل رهي هر قسم جي خفيه سمجهوتي ۽ گفتگو کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هر ڳالهه چٽي، واضح ۽ کليل طريقي سان اخبارن وسيلي عوام تائين پهچڻ گهرجي.

هر قومي آزادي ۽ چوٽڪاري جي تحريڪ جڏهن ته ٻاهرين غاصبن، لٽيرن ۽ قابض طاقتن کان قومي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ شروع ٿيندي آهي ۽ ٻاهرين طاقت قبضو ڄمائڻ شرط شهرن تي ڪنٽرول ڪري انهن ۾ ڏاڍين ۽ پنهنجي حامين، حمايتين ۽ مددگارن کي ججهي انداز ۾ آباد ڪري مقامي باشندن کي شهرن اندر ٿورائي ۾ تبديل ڪري قومي تحريڪ لاءِ شهرن اندر پنهنجي هل چل ۽ چرپر جون راهون بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

مثال طور قومي تحريڪ طرفان عام هڙتال جي اپيل جي جواب ۾ وڏا وڏا شهر (جن تي ڌاريان اڳين قابض هوندا آهن جيئن پيلن تي سوئر) کليل رهندا آهن. تنهن ڪري حڪمران ٽولو جيڪو ڪڏهن مقامي دلالن، وطن فروشن ۽ غدارن تي مشتمل هوندو آهي (ظاهري طرح) سو خود به خود ريڊئي ۽ اخبار ذريعي پروپيگنڊا ڪندو آهي ته فلاڻا فلاڻا وڏا وڏا شهر هڙتال جي اپيل جي باوجود کليل رهيا ۽ ڪاروبار بدستور جاري رهيو.

حڪمران ڌر طرفان اهڙا اعلان ۽ پڌرايون مقامي ۽ غير مقامي ماڻهن جي وچ ۾ تضاد وڌائيندڙ آهن. مقامي ماڻهو

پاڻ وٽين جي انهيءَ سنگدلانه هلت سبب ڪين ڪنهن به صورت ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندو ۽ نه ئي انهن کي پاڻ سان سمجهڻ لاءِ تيار ٿيندو.

اڳتي وڌندي ڪاهي ماهي جلوسن ۽ جلسن جو بندوبست وڏن شهرن ۾ ڪرڻ گهرجي.

ظاهر ڳالهه آهي ته اهڙن جلسن ۽ جلوسن جي هٿن ۾ اهڙا بينر ۽ زبانن تي نعرا ۽ مطالبا، خواهشون ۽ گهرجون لکيل هونديون جن ۾ جيتوڻيڪ گرم زبان استعمال ٿيل هوندي (هئڻ گهرجي) تاهم قوم پرست عوام جو ايڏي وڏي تعداد ۽ انداز ۾ گڏجڻ ئي حڪمران ٽولي ۽ غير مقامي پرمارن لاءِ ناقابل برداشت هوندو آهي. سي اهڙن سهادن، پرامن ۽ سپاهي وارن جلوسن کي به سبق سيکارڻ ۽ چيڙوچيڙ ڪرڻ لاءِ طاقت استعمال ڪندا آهن. انهيءَ طاقت ۽ تشدد جي نتيجي ۾ ڀاڙين سان آيل هارين، نارين، پورهيتن، ڪڙمين ۽ ڪاسبين جي دلين ۾ حڪمران ٽولي سان گڏ غير مقامي باشندن لاءِ ڌڪار ۽ نفرت پيدا ٿي پوندي آهي. قومي تحريڪ جي باشعور ڪارڪنن جو فرض آهي ته اهڙن موقعن تي پيدا ٿيل منفي جذبن کي وطن ۽ قوم جي چوڪاري جي واٽ تي صحيح نموني سان هلائين، جيئن اهي منفي جذبا وقتي طرح ابري ختم ٿي نه وڃن.

تضادن جي سلسلي ۾ مقامي هاري ۽ مزور غير مقامي هاري ۽ مزور جي وچ ۾ تضاد پيدا ٿيڻ قدرتي ۽ فطري آهي. ڪن ماڻهن جي نه چاهڻ جي باوجود شهرن ۾ ڪٽيل غير مقامي مزور ڪڏهن به نه چاهيندو ته ڌڪارن، سوڪ، بوڏ ۽ ڀاڙين ۾ وڌندڙ بيروزگاري سان تنگ ٿي ڀاڙيءَ جي هارين ۽ بيروزگارن جو سيلاب ڪارخانن جو رخ ڪري ۽ مزوريءَ ۾ پنهنجو حصو پڻ طلب ڪرڻ شروع ڪري ڏئي، نه وري غيرمقامي مزور چاهيندو ته محدود ڪارخانن ۾ سندس اجاره داريءَ کي ڌڪ لڳي ۽ مقامي

مزور جهڙي انداز ۾ پيرٽي ٿئي، غير مقامي سيٺ، صنعتڪار ۽ ڪارخانيدار مقامي مزور رکڻ لاءِ تيار ٿي نه ٿيندو. اهڙي وقت ۾ غير مقامي مزور به مقامي بيروزگارن جو ساٿ نه ڏيندو آهي ۽ ٿئي وري ڪتي ڏنو اٿس.

تاريخ ۾ اسان ڏٺو آهي ته هندوستان جي مزور جي غلامي تسلسل جهڙي بيڪسيءَ تي، بنگال ۾ ڏڪار وگهي مزورن جي لاتعداد هلاڪت تي برطانيه جو مزور خاموش رهيو. جرمنيءَ جي مزور جي بيوسيءَ تي پڪهر نه آيو. آمريڪا جو مزور اجرتن وڌائڻ لاءِ هڙتالون ڪندو رهيو. شڪاگو جتي سڀ کان پهرين مزورن جو ڳاڙهو جهنڊو جهوليو هو اتي جو مزور ڪابه چرپر، ڪابه جرڪت، ڪوبه نعرو ۽ ڪابه هڙتال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي نه ٿيو. ساڳيءَ ريت سنڌ ۾ پوڙن ۽ سوڪن، ٿر ۽ ڪوهستان ۾ ڏڪارن، بنگال ۾ هارين مزورن ۽ پورهيتن جي نسل ڪشيءَ وقت اولهه پاڪستان جو مختلف مزور نه صرف خاموش رهيو پر بنگال جي عوام جي نسل ڪشيءَ لاءِ هلندڙ جنگ وقت ڪارخانا چالو رکي قابض ٽولن جي اڻ سڌي طرح مدد ڪندو رهيو.

اهي سڀ اهڙيون ڳالهيون آهن، اهڙا تضاد آهن جيڪي قومي تحريڪ جي شاندار پڌي، جدوجهد ۽ يڪجهتيءَ لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

بيٺڪي سرشتي هيٺ جڪڙيل ملڪ ۾ مزور ۽ هاريءَ جي مطالبن ۽ بنيادي ضرورتن جي نوعيت ۽ نمونو ڌار قسم جو هوندو آهي. مزور ڪهڙو ڪري غير مقامي ڦورو ٽولن جو هجي، قوم ۽ رعايت يافته طبقو ٿئي ٿو ۽ هاري مظلوم، غلام ۽ ڏتڙيل قوم جو فرد، جيڪو ڇڙوڇڙ اڻ پڙهيل تمدني زندگيءَ کان پري پنهنجن حقن ۽ فرضن کان بي خبر ۽ پيڙهيل هجو به اهڙي ضرورت ۾ جڏهن قومي سرمايه دار، صنعتڪار ۽ زميندار ڌارين جي غلامي هيٺ نه زراعت کي سڌاري سگهي ٿو نه وري

صنعت ۾ توسيع ۽ واڌارو ڪري سگهي ٿو. اهڙي حالت ۾ عام مقامي مزدور ۽ مقامي هاريءَ جو اتحاد ناممڪن آهي.

هاريءَ جي زبان کي ڏيهه نيڪالي ۽ مزدور جي زبان حڪمران، هاريءَ جي ثقافت ٻانهي ۽ مزدور جي ثقافت (حوالي حيثيت) راڄ راڻي، هاريءَ جي سياست محڪومي ۽ غلاميءَ جا بند ٽوڙڻ واري ۽ مزدور جي سياست مزدوري جو وقت گهٽائڻ ۽ اجرت وڌائڻ جي مطالبي تي ٻڌل.

قومي تحريڪ جي ڪارڪنن پنهنجي محڪوم ملڪن ۾ ڏيهي هاري ۽ مزدور جي اتحاد ۽ ٻڌي جي تبليغ ضرور ڪئي آهي ۽ اها تبليغ هر جڳهه ڪارائتي ۽ مفيد ثابت ٿي آهي.

پرڏيهي محڪوم هاري، پورهيت ۽ پرڏيهي مزدور جيڪو حاڪمن ۽ قابضن سان گڏ آيو هجي، تن جي اتحاد ۽ ٻڌي جي تبليغ ڪٿي به نه ڪئي ويئي آهي.

عالمي پرولتاريت جي منزل جي تبليغ قومي خوداختياري ۽ آزاديءَ کانپوءِ ٿيڻ گهرجي.

قومي آزاديءَ جي تحريڪ جا ڪارڪن ۽ رهنما جيڪڏهن مطالبن دوران ۽ ٻڌرنامي پيش ڪرڻ وقت مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندا ته پوءِ سندن تحريڪ هڪ واضح روپ ۾ اڳتي وڌي ان لڳين مرحلي ۾ داخل ٿيندي جيڪو آزاديءَ جي جنگ جو صحيح اعلان ۽ حاڪم ڌرين کان مڪمل نفرت ۽ مايوسي جو دور ۽ مرحلو هي.

قومي آزاديءَ جي هلچل جي مطالباتي مرحلي ۾ اليڪشن ۾ حصو وٺجي يا نه؟ انهيءَ باري ۾ انقلابي سياستدانن ۾ ڪافي اختلاف موجود آهي. انهيءَ اختلاف کي ساز ڪرڻ ۽ هرهڪ جي دليل بازي کي پاسيرو رکي هن وقت آءٌ رڳو پنهنجي راءِ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. هي

ڳالهه طئي ٿيل آهي ته اليڪشن ۽ ووٽ ذريعي قومي انقلابي آزادي (هن دور ۾) حاصل ٿي ڪانه سگهندي ۽ نه وري ووٽ ذريعي انقلاب ئي اچي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ هن وقت اولهه يورپ جون ڪميونسٽ پارٽيون ووٽ ذريعي انقلاب جون حامي بنجي ويون آهن، ليڪن منهنجي خيال ۾ ووٽ ذريعي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ يورپ ۾ ڪميونسٽ ليڊرن جو به اهو حشر ٿي سگهي ٿو، جهڙو لاطيني آمريڪا جي ملڪ چليءَ اندر صدر اليندي مرحوم جو ٿيو.

پر اليڪشن ۾ قومي تحريڪ جي ورڪرن جي ڪاميابي ڪانپوءِ دنيا جون همدرديون غاصب قوتن بجاءِ قومي آزاديءَ جي تحريڪ سان ٿي سگهن ٿيون ۽ آزاديءَ جي جنگ ۾ دنيا وڏي حصي جون اخلاقي ۽ مادي مددون ملي سگهن ٿيون، جيئن بنگلا ديش جي تحريڪ آزاديءَ دوران ٿيو.

اليڪشن مان صرف اهو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. پر اهو به ان صورت ۾ جڏهن ڪٿي جي يقين سان ڳڌ ۽ سرڪاري مداخلت جو امڪان نه هجي، (جيڪو ناممڪن آهي). ٻي صورت ۾ ليڪشن ۾ اصل حصو نه وٺڻ گهرجي ۽ هر قدم تي عوام کي ٻڌايو وڃي ته قومي آزادي اليڪشن جي بجاءِ جدوجهد ذريعي حاصل ٿيندي آهي.

نوٽ: قومي تحريڪ جي بنهه ابتدائي مرحلي ۾ قومي تحريڪ جي ڪارڪنن جي ذهن ۾ حاڪم ٽولن طرفان ڪرايل اليڪشن جي باري ۾ مونجهارا پوڻ شروع ٿيندا آهن ۽ هو عجيب قسم جا دليل ڏيندا آهن ته انهيءَ اليڪشن جي ذريعي عوام تائين پهچڻ جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ عوام سان رابطو پيدا ٿيندو اهڙن دليلن جي آڌار تي هو اختلاف ڪري تنظيم مان نڪري ويندا آهن. حقيقت هي آهي ته انهن ماڻهن عوام سان رابطو جي ذريعو صرف اليڪشني جلسن کي سمجهيو آهي،

آهي جڏهن ته انهن جلسن تي جيترو خرچ ۽ وقت ضايع ٿئي ٿو، ان جو ڪجهه حصو جيڪڏهن انقلابي تبليغ تي خرچ ڪيو وڃي ته جلسي کان وڌيڪ اثرائتو رابطو پيدا ٿي سگهي ٿو. ٻيو هي ته تنظيم جي ابتدائي مرحلن ۾ تنظيم مالي طرح ايتري طاقتور نه هوندي آهي، جو اليڪشن جي پروگرام کي ترتيب ڏيئي سگهي. ٽيون هي ته قابض ڌريون انقلابي پارٽين کي اليڪشن ۾ چاڙهي واڙهي هارائي، عوام ۽ دنيا تي اثر وجهنديون ته هيءَ تنظيم عوام جي ٺڪرايل ۽ ڌڪاريل آهي. اهڙيءَ حالت ۾ انقلابي پارٽي اليڪشن جي ذريعي صرف ووٽن جي تعداد جي آڌار تي پنهنجي حمايت جو اندازو لڳائي سگهي ٿي. پر پنهنجي قوت جي اندازي لڳائڻ جا اليڪشن کانسواءِ ٻيا طريقا به ٿي سگهن ٿا. مثال طور هڙتال جي اپيل، احتجاجي مظاهرا ۽ ڪو جلسو وغيره.

ٽيون مرحلو

قومي آزاديءَ جي تحريڪ، عوامي مطالبن، احتجاجن، پنهنجي قوم جي خطري ۽ پيدائشي حقن جي واپسيءَ جي گهرن واري مرحلي ۾ پنهنجي موقف، نظريي ۽ منشور تي سختي ۽ مضبوطي سان عمل ڪندي، هر سمجهوتي بازي، لچڪ ۽ مصلحت پسنديءَ کان مٿي ٿي، سخت موقف اختيار ڪندي آهي ۽ حڪومت سان سڌي ٽڪر ۾ اچڻ جي تياري ڪندي آهي. پهريان ٻئي دور، مرحلا، مطالبا، احتجاج ۽ گهرون قومي آزاديءَ جي شاندار ۽ عظيم جنگ لاءِ تياريءَ جون نشانيون ۽ علامتون هوندا آهن.

هائي وقت اچي ويندو آهي جو عوامي مطالبن، احتجاجن ۽ پنهنجي قوم جي پيدائشي ۽ فطري حقن جي واپسيءَ جي گهرن کي ڇڏي قومي آزادي ۽ خود مختياريءَ جي اصلي مقصد

سان ملائي، هڪ الٽيميٽم جي صورت ۾ جابر ۽ قابض قوتن جي سامهون پيش ڪيو ويو. انهيءَ الٽيميٽم جي پٺڀرائي ۽ پشت پناهيءَ لاءِ ايجيٽيشن شروع ٿيندي آهي. پوءِ اها ايجيٽيشن حالتن پٽاندر ڪٿي پرامن هوندي آهي ۽ ان لاءِ پرامن هٿيار استعمال ڪيا ويندا آهن: مثلاً بک هڙتالون، مظاهرا، عدم تعاون يعني سرڪار جي هر حڪم ۽ ڪم ۾ سهڪار نه ڪرڻ، ٽيڪس ادا نه ڪرڻ، بسن، گاڏين، ريلن، هوائي جهازن، ٽرامن، ڪارخانن ۾ ڪم بند ڪرڻ، بندرگاهن تي مال لاهڻ کان انڪار ڪرڻ، ڪاليجن، اسڪولن ۽ يونيورسٽين مان نڪري اچڻ، ٻهراڙين مان پاڇٽ، اناج، کير، گيهه، ڪوئلي ۽ ٻين ضروريات زندگيءَ جي شين جي فراهمي ۾ رڪاوٽون وجهڻ، جيئن سرڪاري مشنري پوري جي پوري مفلوج ٿي وڃي ۽ سرڪار مجبور ٿي مطالبن تي ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿئي. سرڪار طرفان ڳالهين جي ميز تي ويهڻ لاءِ آمادگي مان هڪ فائدو هي پهچندو ته دنيا ۾ آزاديءَ جي مطالبن جي اهميت تسليم ٿي ويندي. ٻئي طرف حڪومت انهيءَ ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويندي ته انهن ڳالهين ٻولهين جي بهاني سان تحريڪ جو جوش ٿڌو ڪري ان کي ختم ڪرائجي. تنهن ڪري قومي تحريڪ جي رهنمائن ۽ ڪارڪنن کي حاڪم ٽرين جي انهيءَ چال کان بچڻ لاءِ انتهائي هوشياريءَ سان قدم کڻڻو پوندو آهي ۽ هر گفتگو ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ڪابه مشروط پيشڪش قبول نه ڪندا آهن. ڪانفرنس جي ڪارروائي دوران به تحريڪ جاري رکندا آهن. جيئن سرڪاري ڌر تي دٻاءُ سان گڏ عوام جي سرگرمين ۽ جوش کي ٿڌو ٿيڻ نه ڏين. اهي هٿيار ۽ احتجاج جو بيان ڪيل طريقو اتي ڪامياب ۽ ڪارگر ٿي سگهي ٿو جتي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ مقامي ماڻهن جي اڪثريت هجي، ليڪن جيڪڏهن شهرن ۾ اڪثريت غيرمقامين جي آهي ۽

آهي. ساڳيا ظالم چڱي چوکي تعداد ۾ ٻهراڙين اندر به موجود آهن، اتي احتجاج جو اهو طريقو قطعي مناسب، موزون ۽ ڪارائتو ثابت نه ٿو سگهي.

اهي ملڪ جن جي شهرن ۾ ڌارين ۽ غيرملڪين جي اڪثريت هجي، شهرن خواهه ٻهراڙين ۾ پيداواري ذريعن تي ٻاهران آيل، گهرايل ۽ درآمد ڪيل ماڻهن جو قبضو ۽ تسلط هجي؛ ڪو ڪارخانو، دڪان، مارڪيٽ مقامي ماڻهن وٽ نه هجي؛ اسڪولن، ڪاليجن يونيورسٽين، آفيس، ٿاڻن، ورڪشاپن ۽ بندرگاهن تي ڌارين جو ضابطو هجي؛ ٻهراڙين ۾ به بهترين باغ زمينون ۽ فارم به انهن وٽ هجن ته اهڙي ملڪ ۽ ماحول ۾ عدم تعاون ۽ بائيڪاٽ وارو هٿيار استعمال ثابت نه ٿو سگهي ان ڪري جتي به اهڙي صورتحال پيدا ٿئي، اتي احتجاج ۽ ايجيٽيشن جو طريقو پرامن بائيڪاٽ جي بجاءِ تشدد آميز بائيڪاٽ اختيار ڪيو ويندو آهي- جنهن کي نالو ڏنو اٿن. ”هٿياربند احتجاج“. جنهن جو مطلب آهي ڪارخانن، دڪانن، تعليمي ادارن، دفترن، بندرگاهن، بينڪن، رستن ۽ ٿاڻن کي انفرادي تشدد وارين ڪاررواين جي ذريعي بند ڪرائڻ. هٿياربند ايجيٽيشن مسلح جدوجهد کان هيٺ وارو ڏاڪو آهي ۽ انهيءَ مسلح جدوجهد کان جدا آهي، جيڪا ملٽريءَ جي مقابلي ۾ سنئين سڌي شروع ڪئي ويندي آهي، جنهن کي موجوده سياسي اصطلاح ۾ ”گوريلا جنگ“ سڏيو ويندو آهي. هٿياربند ايجيٽيشن جو مقصد قابض قوتن ۽ غيرملڪين کي ذهني، نفسياتي ۽ اعصابي طرح مرعوب، خوفزده ۽ غيرمحفوظ بنائڻ هوندو آهي. انهيءَ طريقي اختيار ڪرڻ سان واپارين ۽ ڪارخانيدارن جي ذهن تي ڌماڪا ۽ تشدد آميز ڪارروايون ايترو ته سوار ٿي وينديون آهن، جو هو پنهنجي ڪارخاني، دڪان، بينڪ، بندرگاهه، اسڪول ۽/گاڏيءَ کي هر وقت

غيرمحفوظ سمجهندا آهن. هڪ قسم جو نامعلوم خوف، خطرو ۽ موت جو ڏڙڪو هر وقت سندن ذهن تي سوار هوندو آهي. قابض قوتن جا اهي آبادڪار جيڪي ڀهراڙين ۾ هوندا آهن، سي ڀهراڙين ۾ هوندا آهن. سي ڀهراڙين ۾ رهڻ پنهنجي لاءِ نقصانڪار سمجهي شهرن جو رخ ڪندا آهن يا شهرن ۾ مال موڪلڻ کان پيا ڊڄندا ۽ لهرائيندا. شهري ماڻهو خوف، هراس ۽ خطري جي گهيري ۾ ڪارخانو يا بينڪ، دڪان يا آفيس کوليندا ۽ اوچتو ڪو ڌماڪو ٿئي ازخود ڪاروبار بند ڪري هليا ويندا.

اهڙي نموني سان ملڪ جي اندر هڪ قسم جي معاشي، سماجي ۽ سياسي افراتفري پيدا ڪرڻ ۽ قابض ڌر ۽ ان جي طرفدارن کي اقتصادي طرح مفلوج بڻائڻ واري مقصد ۾ تحريڪ ڪافي حد تائين ڪامياب ويندي آهي. اهڙي قسم جي جدوجهد کي روڪڻ لاءِ گهڻو ڪري ملٽري کي گهٽ استعمال ڪيو ويندو آهي، البته اهڙين ڪاررواين کي ختم ڪرڻ لاءِ پوليس ۽ سي. آءِ. ڊي کان ڀرپور طريقي سان ڪم ورتو ويندو آهي. جن ڪان اهڙي قسم جون ڪارروايون ختم ٿيڻ ناممڪن هوندو آهي.

آزاديءَ جي تحريڪن جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪن جاين تي اهڙي قسم جي احتجاج کي روڪڻ لاءِ ملٽري به استعمال ڪئي ويندي آهي. ملٽري جي ڀهراڙين ۾ بنا امتيازي ڪارروائي ڀهراڙين جي عوام کي همه گير ۽ بيساخته تشدد تي اڀاريو آهي. عوام بنان ڪنهن رٿا ۽ پروگرام جي لٺين، ڪهاڙين، ڀالن ۽ بندوقن وسيلي مقابلو ڪرڻ ۽ وڙهڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري آيو آهي. اهو تشدد جيڪو صدين ۽ جڳن کان قوم جي ذهن ۾ پرورش وٺي پنهنجن جي خلاف استعمال ٿيندو رهيو آهي، سو برندڙ جبل وانگر ڦاٽي غاصبن تي ٽانڊا ۽ ڇپيون اڇلائڻ شروع

ڪندو آهي. اهڙي دور واري عوامي تشدد ۽ ايذار کي بيساختگيءَ وارو تشدد ۽ ايذار چيو ويندو آهي. اها بيساختگي اڪثر هلي قابض قوتن جي وحشيانه تشدد ۽ ظلم، غارتگري ۽ آتش زنيءَ جي رد عمل ۾ بي پناه سيلاب وانگر ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پکڙجي وڃڻ ۽ وڌڻ شروع ڪندي آهي. انهيءَ موقعي تي قومي تحريڪ آزاديءَ جي تنظيم جو فرض آهي ته انهيءَ بي پناه سيلاب جي وهڪري ۽ خود سر طوفان جي رفتار کي منظم طريقي سان گوريلا جنگ ۾ تبديل ڪري اهڙي طريقي سان قومي آزاديءَ جي جنگ جو اهو دور شروع ٿي ويندو آهي، جنهن کي آزاديءَ جي جنگين ۾ فيصلا ڪن دور چيو ويندو آهي يعني مسلح جدوجهد، هٿيار بند لڙائي يا گوريلا جنگ!

دنيا جا اهي ملڪ جيڪي صدين کان اڻ پڙهيل، وحشي ۽ جهنگلي هئا، تن ۾ جڏهن سامراجين جي خلاف تشدد پسندي جي لهر پيدا ٿي، تڏهن اتي جي عوام نه صرف سامراجي حاڪمن ۽ انهن جي دلالن کي قتل ڪيو، پر انهن جي گوشت جو قيمون ٺاهي کاڌو. ڪينيا اندر 'ماؤ ماؤ تحريڪ' وقت ائين ئي ٿيو.

هتي هڪڙي ڳالهه جي وضاحت ضروري آهي ته هٿيار بند ايجيٽيشن ۽ دهشت پسنديءَ ۾ فرق آهي. هٿيار بند ايجيٽيشن باقاعدي هڪ تنظيم، تحريڪ يا جماعت جي هڪ مرحلي جو پروگرام هوندو آهي. اها تنظيم اهو مرحلو طئي ڪري ان کان اڳ ۾ ٻين مرحلن سان ڪاميابيءَ سان گذري ايندي هي. جڏهن ته دهشت پسندي، چند خود سر ۽ ڇڙواڳ ماڻهن جون ڪارروايون هونديون آهن. جن وٽ نه ڪا طاقتور تنظيم هوندي آهي ۽ نه ڪي پروگرام جا مرحلا ۽ دهشت پسند رڳو ان ڏانهن ڪيرو پنهنجي بندوق تي ڪندو آهي، هو ڪي عوام

جي حمايت جي ضرورت جو احساس ئي نہ هوندو آهي، هن جي سياست صرف بندوق هوندي آهي ۽ انقلابي روحانيت پسنديءَ جو شڪار هوندو آهي.

چوٿون مرحلو

دنيا جا اهي ملڪ جيڪي صدين تائين غلام رهيا، جن تي ٻاهرين، پرمارن ۽ سامراجين، زور زبردستي يا دوکي دولاب ذريعي قبضو ڪري کين بکيو، ڏکيو، تباهہ حال ۽ ڪنگال بڻايو؛ اتي جي عوام جيڪڏهن انهن پرماريت ڪندڙ سامراجين خلاف آواز بہ اٿاريو تہ نهايت سختي، بيرحمي ۽ ڪميڻپ سان کين ڪچليو دٻايو ۽ هيسايو ويو. حق گهرندڙن جي زبان ۽ هٿ وڍيا ويا. مادر وطن جي هر ڪنڊ کي فرزندان زمين لاءِ قيدخاني ۾ بدلايو ويو ۽ زمين جي اصلي وارثن ۽ مالڪن کي پنهنجي ئي ڀومي ۽ ڀونءِ ۾ ڌاريو بڻايو ويو. اهڙن ملڪن ۾ جڏهن داد، انصاف، حق، انسانيت، شرافت، ڳالهہ مهاڙ جا سڀ هٿيار بيڪار ٿي ويندا آهن، ان وقت مظلوم عوام جو هٿ تسبيح جي بدران تلوار ۽ دعا جي بجاءِ بازوڪا ڏانهن وڌندو آهي، مظلوم جي ظالم خلاف نفرت، ڌڪار، ڪروڌ ۽ بڇان پنهنجي انتها کي پهچي ويندي آهي، ۽ هو قابضن، ڌارين ۽ غاصبن خلاف پنهنجي سون ورني ڌرتيءَ جي هر گهٽي، هر گهيٽ، هر جهنگ ۽ هر جبل ۾ مرڻ ۽ مارڻ جي جنگ شروع ڪندو آهي. اها ويڙهہ جيڪا ڌڪار ۽ نفرت واري ماحول ۾ شروع ٿيندي آهي، سا ٻن صورتن کان خالي نہ هوندي آهي.

(١) اها چند ناراض، غيرمطمئن ۽ بيزار ماڻهن جي جنگ هوندي، جن جو ڪم صرف دشمن کي مارڻ هوندو آهي ۽ بس. ٻيو ڪوبہ نصب العين، ڪوبہ پروگرام ۽ ڪوبہ مقصد هنن جي سامهون نہ هوندو آهي ۽ نہ وري سواءِ نفرت ۽ ناراضگيءَ جي

انهن جي ويڙهه کي ڪو پس منظر هوندو آهي. اهڙي ويڙهه ۽ اهڙي لڙائي کي اسان آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ 'انارڪزم' جو نالو ڏيئي سگهون ٿا. جنهن جو مطلب آهي، ڪنهن به تعميري مقصد کانسواءِ تخريب يعني ڀڃ ڊاهه. اهڙي ويڙهه کي ڪنهن به صورت ۾ گوريلا وار يا هٿياربند جدوجهد جو نالو نه ٿو ڏيئي سگهجي.

اسان کي سمجهڻ گهرجي ته قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هٿياربند لڙائي به سياست آهي، پر اها استعمال ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن سامراج ۽ قابض طبقا پرامن سياست جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيندا آهن، چئبو ته سياست کي اسان ٻن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. پرامن سياست ۽ هٿياربند سياست. هر انقلابي پارٽيءَ جي خواهش هوندي آهي ته ڪيس بنا هٿيار سياست ڪرڻ ڏني وڃي، پر قابض ٽولا پرامن سياست کي هٿياربند سياست ۾ تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن.

(٢) ته اها ويڙهه ۽ لڙائي باقاعدي ڪنهن منصوبي تحت هوندي آهي. ان ۾ تخريب کان وڌيڪ تعمير مدنظر هوندي آهي. گوليءَ کان وڌيڪ اهميت عام راءِ کي هوندي آهي. وڙهندڙ هر گوليءَ جي ٺڪاءَ، ڪاٿيوءَ ڪنائيندو آهي ته ان گولي جو اثر پنهنجي قوم جي فردن جي جذبن جي بيداري لاءِ ڪيتري قدر ثابت ٿيو آهي. اهڙي جنگ مختلف مرحلا طئي ڪري پوءِ شروع ٿيندي آهي. ڌار ڌار ڏاڪا ٽپي مخصوص مرحلي ۾ داخل ٿيندي آهي. اهڙي جنگ جي پٺيان باقاعدي پارٽي ۽ تنظيم هوندي آهي، جنهن جو اثر ۽ عمل جنگ جي هر قدم تي رهندو آهي. ڪاٿه گولي، ڪوٿه بم، ڪوٿه ڌماڪو ۽ ڪاٿه ڪارروائي پارٽي جي فيصلي کانسواءِ ڪانه ٿيندي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته جنهن جنگ ۾ بندوق پارٽيءَ جي تابع هجي ۽ پارٽي هر قدم، وقتي، ملڪي ۽ عالمي

حالتن کي ڏسي پوءِ ڪٿي ۽ باقاعدي هڪ مقصد، هڪ نصب‌العين ۽ هڪ پروگرام عوام جي مفاد وٽان ان جي اڳيان هجي. پوءِ اهو مقصد قومي آزاديءَ جي مومل ماڻڻ جو هجي يا سرمايه‌دارانه نظام جي خاتمي ۽ پورهيت جي حڪومت قائم ڪرڻ جو.

اهڙيءَ جنگ کي هٿيار‌بند سياست ۽ گوريلا جنگ چئبي سگهجي ٿو. اهڙي قسم جون لڙايون پهرين جنگ عظيم کان شروع ٿيون، ٻي جنگ عظيم کانپوءِ انتهائي تيز رفتاري اختيار ڪيائون ۽ اڄ هر جڳهه فاتحانه جهنڊا جهولائي رهيون آهن. هند چيني ۾ اها جنگ قومي آزاديءَ سان گڏ سرمايه داري نظام جي خاتمي لاءِ وڏي همت ۽ دليري سان وڙهي ويئي. آفريڪا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ قومي آزاديءَ لاءِ قوم پرست طاقتن جيڪي نوان تجربا ڪيا ۽ گوريلا جنگ ۾ جيڪي مفيد واڌارا ڪيا، تن قابض ۽ جابر طاقتن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن. جيئن ڪنهن وقت چين ۾ نعرو لڳو هو ته: ”اسانجو رستو روس جو رستو آهي“ ساڳي طرح ٻي جنگ عظيم جي اثرات جي مڪمل خاتمي کانپوءِ هر مظلوم ۽ غلام قوم جو نعرو اهو هو ته ”اسانجو رستو اهو آهي، جيڪو قوم پرست انقلابي الجزائر جو آهي.“

آءٌ بنيادي طرح اهنسا جو قائل آهيان. مون کي انساني رت وهائڻ کان نفرت آهي. مون کي عام طرح اهي مذهبي يا سياسي رهنما وڌيڪ پسند آهن. جن امن، محبت ۽ عدم تشدد جي تعليم ڏني آهي. اهو ئي سبب آهي جو مهاتما ٻڌ، حضرت مسيح، ٽالسٽاءِ، گانڌي، بادشاه خان، سائين جي-ايم-سيد ۽ نيگرو رهنما مارٽن لوٿر ڪنگ جهڙن معصوم ۽ مقدس شخصيتون، منهنجي دل ۽ دماغ تي ڇانيل آهن. پر انهيءَ سان گڏ منهنجي طبيعت ۾ هي عجيب تضاد آهي ته اهي انسان ۽ جماعتون جن

غلامي جا زنجير ڇنڻ لاءِ قيدن جا ڪوٽ ڪيرائڻ لاءِ، تشدد پسند حڪمرانن ۽ قومن کي نيست و نابود ڪرڻ لاءِ بندوق کڻڻي آهي. منهنجي دل انهن جي عظمت اڳيان به جهڪي پوندي آهي.

آءٌ جڏهن تاريخ جي صفحن تي الجزائر جي بدوين، گني بساءِ جي شيدين، ڪانگو جي ڪارن، ننڍڙن ويتنامين، وڏين ڏاڙهين وارن ڪيوبائين، مختصر جسم وارن عظيم بنگالين ۽ بهادر بلوچن جي هٿ ۾ بندوق جي اڻ کس گولي ڏسندو آهيان؛ ان وقت، بن بالله، امليڪار، ڪبرال، لومببا، هوچي منهه، فيڊرل ڪاسترو، شهيداعظم مجيب الرحمان ۽ عطاءالله مينگل جي سچائي ۽ انسانيت دوستيءَ کي به سلام ڪرڻ کانسواءِ رهي نه سگهندو آهيان. انهيءَ تضاد جو منهنجي نظر ۾ بهترين حل اهوئي ٿي سگهي ٿو، جيڪو هڪ فوجي جرنيل هڪ سيلانيءَ جي سوال جي جواب ۾ پيش ڪيو هو. گوريلا جرنيل چيو ”مون کي جنگ کان نفرت آهي. جيڪڏهن آءٌ ڪنهن مذهب کي مڃيندو هجان ها، ته اهو مذهب ٻڌ ازم ئي هجي ها، پر مون کي افسوس آهي جو جن انسانن سان مون کي محبت آهي، منهنجي پوري عمر انهن انسانن سان جنگ ڪندي گذري آهي. انسانيت جي عظيم تر مفاد لاءِ.“

آءٌ سمجهان ٿو ته دنيا ۾ سواءِ ڪن ذهني بيمارن جي ڪو اهڙو ماڻهو مشڪل هوندو، جنهن کي جنگ کان نفرت نه هجي. ان جي باوجود اهي انسان جن کي جنگ کان نفرت هوندي آهي ۽ هو انساني خونريزي جي هولناڪ تباهين کان ڊڄندا آهن، سي به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ جنگ جي هولناڪين ۾ ڪاهي پون ٿا ۽ انسانيت جي عظيم تر مفاد لاءِ کين انساني رت وهائڻ تي مجبور ٿيڻو پوي ٿو. ساڳيو حال وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ جماعتن، تنظيمن ۽ پارٽين جو آهي.

هنن جي پيش نظر پنهنجي وطن جي آزاديءَ سان گڏ عالمي سطح تي امن، محبت ۽ مساوات تي مبني معاشري جو قيام هوندو آهي. پر قابض طاقتون ڪين وقتي طرح مجبور ٿيون ڪن ته هو هٿيار کڻن. انساني رت وهائين ۽ قابض طاقتن جي سپاهين کي مارڻ سان گڏ پنهنجي سرزمين جي ڪيترو جوانن کي هٿيارن سان سينگاري قتل گاهه ۽ ميدان ڪارزار ۾ موڪلين. جنهن وقت ڪابه قومي تحريڪ ڪنهن به منصفاڻه ۽ امن پسنداڻي حل کان مايوس ٿيندي آهي، انهيءَ وقت هو پنهنجي سرزمين جي معصوم ۽ مقدس عوام جي ڪچهرين سان غلاميءَ جا پنجوڙ ڇنڻ لاءِ هٿياربند سياست جو آغاز ڪندي آهي. اهو قومي تحريڪ جو آخري ۽ فيصلي ڪن مرحلو هوندو آهي جيڪو ڪڏهن تمام مختصر (نون مهينن تي مشتمل) ٿيندو آهي. ته ڪڏهن طويل کان طويل (پنجاه سالن تي مشتمل) ٿيندو ويندو آهي. انهيءَ مرحلي شروع ٿيڻ ڪاڻ ڪنهن به قوم جو غلاميءَ تي راضي ٿي ويهڻ ناممڪن آهي. گوريلا جنگ جي ڪاميابيءَ لاءِ اينڪ ڳالهين مان تي مکيه ۽ اهم آهن.

(۱) عوامي تعاون ۽ حمايت. گوريلا جنگ صحيح معنيٰ ۾ چئبو تڏهن انهيءَ هٿياربند جدوجهد کي آهي، جنهن کي عوام جي ڀرپور تائيد ۽ حمايت حاصل هجي، جنهن تحريڪ کي عوام جي همدردي حاصل ناهي، تنهن لاءِ هٿياربند جدوجهد جو ارادو ڪرڻ ئي خودڪشي ۽ تحريڪ جي خاتمي جي دستاويز تي صحيح ڪرڻ جي برابر آهي، جيڪا جنگ پنجويهه ماڻهو وڙهن ٿا، پر انهن کي قوم جي حمايت حاصل آهي ته انهن پنجويهن ماڻهن جي جنگ صحيح معنيٰ ۾ گوريلا جنگ آهي، پر اهڙي جنگ جيڪا پنج سو ماڻهو وڙهن ٿا، پر انهن کي عوام جي حمايت حاصل نه آهي ته اها گوريلا جنگ نه پر دهشت انگيزي آهي.

(٢) موجوده دور ۾ بيشمار هاڃيڪار هٿيارن جي ايجاد تيز ڪري ڇڏيون
۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو ننڍي ملڪ، قوم ۽ حڪومت جي مدد
کانسواءِ جابر حڪومتن جو مقابلو ڪرڻ انتهائي ڏکيو آهي.

ٻاهرين مدد، پروپيگنڊا، هٿيارن، گوريلن جي تربيت ۽ پئسي
جي صورت ۾ ٿيندي آهي - جيئن موزمبيق جي تحريڪ آزاديءَ
لاءِ الجزائر جهڙو پاڙيسري ۽ اسپيني صحرا جي آزادي واري تنظيم
پولساريو محاذ لاءِ ڪيوبا رهيو آهي، پاڪستان بنگال جي آزادي واري
جدوجهد ۾ پارٽ ڪيو -

هن دور ۾ ٻاهرين جي مدد هٿيارن، تربيت، پروپيگنڊا ۽ پئسي کان
وڌيڪ جي رضاڪار فوجن تائين پهتي آهي، جيئن انگولا ۾ ڪيوبا
پنهنجا رضاڪار موڪليا ۽ هن وقت روڊيشيا جي آزاديءَ لاءِ موزمبيق
ڏيئي رهيو آهي. خود چين جي جنگ آزاديءَ ۾ روس هوائي جهازن
پائلٽ مهيا ڪيا هئا - بهرحال هيءَ ڳالهه تسليم ٿيل آهي ته ٻاهرين
امداد کانسواءِ قومي تحريڪ آزاديءَ لاءِ ڏکي جنگ وڙهڻ ڏاڍو
ڏکيو مسئلو آهي ۽ آزاديءَ جي تحريڪ جو غير ملڪي تائيد ۽ حمايت
حاصل ڪرڻ ڪو به جرم يا عيب ڪونهي - دنيا ۾ جن به جاين تي انقلاب آيا
آهن تن ۾ سواءِ روس جي ٻيو ڪو به اهڙو ملڪ ناهي، جنهن کي انقلاب
۽ آزاديءَ لاءِ غير ملڪي امداد، تائيد ۽ حمايت نه ورتي پئي هجي -
انهيءَ ڪري آفريڪا ۾ گوريلا لڙائين جي ماهر ۽ هڪ وڏي مفڪر جو
چوڻ آهي ته "انهيءَ انقلاب کان وڌيڪ ٻيو ڪو بدقسمت ڪم ناهي،
جنهن انقلاب لاءِ ٻاهرين دنيا ۾ دوست ۽ همدرد نه هجن، پر انهيءَ جو
اهو مطلب هرگز ناهي ته جدوجهد جو سارو دارومدار ٻاهرين حمايت
۽ مدد تي رکيو وڃي - حقيقت ۾ آزاديءَ جي جنگ غلام ملڪ

جو عوام تي دارومدار هوندو آهي ۽ تحريڪ جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو سارو بار ملڪ جي عوام ۽ پنهنجي قوت تي ٿيندو آهي. ان ڪري پوري زور، قوت ۽ ڀروسو پنهنجي طاقت ۽ عوام تي رکڻ گهرجي. غير ملڪي دوستن جي امداد ۽ حمايت ٻئي درجي ۾ اچي ٿي ۽ پنهنجي عوام جي تياري ۽ طاقت پهرين درجي ۾ شامل آهي.

هتي اچي انهيءَ بحث ۾ وقت ضايع ڪرڻ نه ٿا چاهيون ته قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ اصلي ۽ حقيقي وڙهندڙ طبقو ڪهڙو آهي؟

دنيا جي انقلابي تحريڪن ۾ مزدور وڙهيو آهي، جيئن روس ۾. هاري وڙهيو آهي جيئن چين ۾. هاري ۽ مزدور ٻئي وڙهيا آهن جيئن ويٽنام ۾. وچولو ڪلاس، شاگرد، وڪيل، ڊاڪٽر، ماستر، سرڪاري ملازم، پوليس وارا ۽ فوجي وڙهيا آهن جيئن ڪيوبا، الجزائر، گني بسائو، موزمبيق، انڊونيشيا ۽ بنگلاديش ۾.

دنيا جي ڪن حصن ۽ ملڪن ۾ سماجي مجموعن، معاشري جي ڌڪاريل فردن جا ڪارناما ۽ مارڪسي نظريه مطابق ڦورو طبقن جي ماڻهن به نهايت بي جگريءَ ۽ دليريءَ سان آزادي ۽ انقلاب جي جنگين ۾ حصو ورتو آهي. انهيءَ زمري ۾ چور، ڌاڙيل، ٻٺي رنڊيون ۽ جاگيردارن جا وڃن ٿا. قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ اصلي شيءِ آهي وطن، قوم ۽ ملڪ سان وفاداري ۽ پارٽيءَ جي پروگرام تي ايمان جو عملي اظهار ۽ قربانيءَ جو جذبو ——

۳، قومي آزاديءَ لاءِ هلندڙ گوريلا جنگ لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي ملڪ جي سرحد سان لڳ اهڙو ملڪ هجڻ گهرجي، جنهن ۾ داخلا گوريلن لاءِ آسان هجي، جيئن ڪاروائي ڪري سولائيءَ سان پنهنجي ملڪ ۾ داخل ٿي وڃن، يا جنگي هٿيارن جي امداد

پهچندي رهي يا جتي گوريلن جو هيڊ ڪوارٽر ٿي سگهي،
جيئن قابض قوتن جا هوائي جهاز ان تي بمباري ڪري نه سگهن.
عام طرح اڄ ڏينهن تائين گوريلا جنگ لاءِ جاگرافيائي حالتن
جي سازگاري ضروري قرار ڏني پئي ويئي آهي يعني
ڇاپامار لڙائي لاءِ گهاٽا ٻيلا، جهنگ جبل لازمي ڄاڻايا ويا آهن
پر آفريڪا جي موجوده جنگين ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اهي
شيون هر ڀيرو ضروري نه آهن. اهڙي ملڪ ۾ گوريلا جنگ
وڙهي سگهجي ٿي جنهن جي ايراضي ۾ ٻيلا وڌي هجي پوءِ ڀلي
گهٽ، ان ۾ پهاڙ، ٻيلا ۽ جهنگ نه هجن - اهڙي ملڪ ۾ دشمن
جي ميداني فوج کي جيترو ٿي سگهي گهٽي ايراضي ۾ پکيڙجي،
بالمعني ڳالهه ڪئي، ڇڙوڇڙ ڪري آسانيءَ سان موچڙا هڻي
سگهجن ٿا. گوريلا، مختلف طرفن کان پنهنجي ڪارروائي
ذريعي فوج کي پکيڙيندا وڃن ۽ جڏهن اها پوري ملڪ
۾ پکڙجي وڃي، تڏهن گوريلا گڏجي حملو ڪري ڌاڙا
يونٽن کي تباهه ڪري سگهن ٿا. گني بساءُ ۾ اهو طريقو
انتهائي ڪاميابيءَ سان آزمايو ويو آهي.
ڇاپامار جنگ جو مقصد دشمن کي مارڻ يا ختم ڪرڻ
ڪونه هوندو آهي. هن جو اصل مقصد هوندو آهي ته دشمن
هر گهڙيءَ کي پنهنجي ساهه سان محسوس ڪري ته جن ماڻهن تي هو
صدين تائين حڪومت پئي ڪئي آهي، سي ايڏا طاقتور
۽ پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ آتا ٿي ويا آهن، جو هاڻي
ڪڏهن به صورت ۾ کين قابو ڪرڻ سندن وس کان ٻاهر آهي.
ڇاپامار جنگ دشمن کي اهو احساس ڏيئي نيوڻ سان
ڏيندي آهي -

(١) حاڪم ٽولو غلام ملڪن مان ٽيڪسن ذريعي ۽ سامان ميڙي
پنهنجي ملڪ کي شاهوڪار ۽ خوشحال بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.
جنگ جي حالت ۾ مال جي پيدائش، ڪارخانن ۾ ڪم، زمين ۾ پوک
بينڪن، ڪاروبار، مارڪيٽن ۾ خريد فروخت گهٽجي ويندي آهي.
جنگ وڙهڻ جي حالت ۾ خرچ وڌي ويندو آهي. ڪچي مال جي سپلاءِ
۽ تيار مال جي نيڪال بند ٿي ويندو آهي. تنهنجي طور جنگي خرچ
پورو ڪرڻ لاءِ حاڪم ٽولي کي پنهنجي ملڪ جي عوام تي ٽيڪس وڌائڻا
پوندا آهن. اهڙا گهڻا اتي جو سرمائيدار برداشت ڪرڻ
لاءِ تيار ئي ڪونه ٿيندو آهي جو ته ڪيئن سندس
ڪانئ وڌيڪ اپڻا آسرو نه هوندو آهي.

(٢) ڪچي مال جي سپلائي بند ٿيڻ سبب ڪارخانن ۾
ڪم بند ٿيڻ لڳندو آهي، تنهنڪري پورهيت طبقي
۾ حاڪم ٽولي جي خلاف، بيروزگاري جي وادارڻ
جي ڪري نفرت وڌڻ لڳندي آهي.

سرمائيدار جو سامراجي ٽولو پنهنجي ملڪ ۾
پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ جنگ بند ڪري ٻين ڪن
مان ٽيڪن وڙهڻ شروع ڪري ڏيندو آهي جيئن
برطانيا، فرانس ۽ پرتگال ڪيو.

سنڌ جي پنتي پيل علائقي، ماڙيءَ جي وطن ٽڙيءَ ۾ جنم وٺندڙ جناب عبدالواحد آريسر. موجوده وقت ۾ "جيئي سنڌ تحريڪ" جو چيئرمين آهي. آريسر صاحب جي دل ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي مارو ماڻهن لاءِ لاثاني ۽ لافاني محبت آهي. هو هن وقت 'جيئي سنڌ تحريڪ' جي مشن کي سنڌ جي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ وڃي سنڌي ماڻهن ۾ سياسي سوچ پيدا ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ۽ مشقت ڪري رهيو آهي.

جناب آريسر صاحب سنڌ جي چوٽيءَ جي ڏاهن، عالمن ۽ اديبن ۽ مفڪرن ۾ شامل آهي. هن جيڪي ڪجهه لکيو آهي ان ۾ سنڌي ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ٿيل آهي. جناب آريسر صاحب ڪجهه وقت اڳ "پيغام" ڪتابي سلسلو شروع ڪري، سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي- ان کي سنڌ جي تاريخ ڪڏهن به وساري نه سگهندي. هو سٺو اديب، سٺو سياستدان، سٺو مفڪر، سٺو عالم ۽ سٺو مقرر آهي. 'چوٿين دنيا' غلام قومن جي دنيا جو فڪر ڏئي هن غلام قومن تي ٿورو ڪيو آهي. آريسر صاحب، منهنجي خيال ۾ تمام ٿورو لکيو آهي پر جيڪي ڪجهه لکيو آهي اهو اسانجي ادب جي لازوال شاهڪارن ۾ شامل آهي. پاڻ ڪافي عرصو جيل ۾ گذاري ويو آهي. هي ڪتاب پڻ سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هـو ٻـوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريـتـيءَ تـي راتـاهـا ڪــن ٿـا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُـپـن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄـڪـلـهہ نـيـلا پـيـلا آهـن؛

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چوء چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)